# جديد ڪهاڻي

## فن ۽ موضوع

تحقيق

(سڌاريل ڇاپو)

عباس ڪوريجو

# جديد ڪهاڻي: فن ۽ موضوع

(تحقيق)

(سڏاريل ڇاپو)

## عباس ڪوريجو

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**BOOK NO: (292)**

- **Jadeed Kahani fun ae'n Mozoo (Research)**
- Abbas Korejo

FIRST EDITION 2015
SECOND EDITION 2020

- جديد ڪهاڻي: فن ۽ موضوع (تحقيق)
- عباس ڪوريجو

چاپو پهريون: آگسٽ 2015ع
چاپو ٻيو: نومبر 2020ع

*With All Rights Reserved*

© **KANWAL** Publication Kamber

ٽائيٽل: خليق جمالي

ڪنول پبليڪيشن قنبر

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
**www.sindhsalamat.com**

**ملهه: 250 روپيا**

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ:**

- پيتائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
- فڪشن هائوس، حيدرآباد، - ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
- ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
- مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو- وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور
- سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر- تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس
- ٿر ڪتاب گهر، مٺي، الفتح نيوز ايجنسي، سکر —

سراج بڪ اسٽور ، قنبر

# ارپنا



سنڌي ٻوليءَ کي جديد بنيادن تي آڻڻ لاءِ
پاڻ ارپيندڙ هن صديءَ جي سنڌي جوڌي
سنڌي ڪمپيوٽنگ جي سرواڻ

## عبدالماجد ڀرڳڙيءَ

جي نالي

سنڌي ادب جي اُفق تي
سفرنامن ۽ ترجمن وسيلي چٽن
ڏاڪن ڪان چمڪندڙ ستاري
هردلعزيز شخصيت



## الطاف شيخ

جي نالي

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري ڪهاڻيڪار ۽ محقق عباس ڪوريجي جو تحقيقي ڪتاب ”جديد ڪهاڻي: فن ۽ موضوع (سڌاريل ڇاپو)“ اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي هِن ڪتاب جو پهريون ڇاپو پڻ موجود آهي .

هي ڪتاب اصل ۾ عباس ڪوريجي سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪرڻ دوران مونوگراف جي شڪل ۾ ”سال 2000ع کان 2014ع تائين شايع ٿيل ڪهاڻي ڪتابن جو تنقيدي جائزو“ جي عنوان سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پيش ڪيو ويو هو. جيڪو ڪتابي صورت ۾ سنڌسلامت ڪتاب گهر تي پڻ موجود آهي .

عباس ڪوريجو لکي ٿو ته ”سڌاريل ڇاپي ۾ سال 2015ع کان سال 2020ع جي ڇپيل ڪتابن جي فهرست کي پڻ شامل ڪيو آهي جيئن ايندڙ محققن لاءِ ميدان سنوت ۾ هجي. وقت جي ڪوٽ جي ڪري شايد ڪجهه ڪتاب رهجي به ويا هجن ۽ نئين فهرست بابت پنهنجي ڪاٻه تحقيقي راءِ پڻ ناهيان رکي سگهيو.“

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 2015ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 2020ع ۾ ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران ڇپايو ويو آهي. لک ٿورا پياري دوست عباس ڪوريجي ۽ سعيد سومري جا جن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | سعيد سومرو | 07 |
| سنڌي شعبي پاران | ڊاڪٽر اسحاق سميجو | 08 |
| پنهنجي پاران | عباس ڪوريجو | 10 |
| اندر اور (نئين ڇاپي لاءِ) | عباس ڪوريجو | 13 |

## باب پهريون: ڪهاڻي ڇا کي چئجي؟

- ✓ ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي .......................................14
- ✓ ارتقا، تاريخ، فن ۽ عنصر .......................................24
- ✓ ڪهاڻيءَ جون فني خوبيون .......................................36
- ✓ ڪهاڻي ڪيئن لکجي؟ .......................................38
- ✓ ڪهاڻيءَ جا قسم .......................................49
- ✓ فليش فڪشن: ماضي، حال ۽ مستقبل .......................................62
- ✓ ڪهاڻي سان هڪجهڙائي رکندڙ صنفون .......................................71
- ✓ حوالا .......................................71

## باب ٻيون: سنڌي ڪهاڻيءَ جي ارتقا

- ✓ ابتدائي دؤر .......................................78
- ✓ ورهاڱي کان اڳ .......................................81
- ✓ ورهاڱي کان پوءِ .......................................87

## باب ٽيون: سنڌي ڪهاڻيءَ جي انفراديت

- ✓ سنڌي ڪهاڻيءَ جي انفراديت .......................................92
- ✓ حوالا .......................................100

## باب چوٿون: ڪهاڻي ڪتابن جو تنقيدي جائزو

- ✓ سال 2000 ع کان سال2014 ع تائين جي ڪهاڻيءَ جو تنقيدي جائزو .......................................101

**نتيجا** .......................................142

**ببليوگرافي** .......................................146

## اداري پاران:

**عباس ڪوريجو ـ** نئين ٽهيءَ جي انهن ڪهاڻيڪار ساٿين منجهه اهم حيثيت رکندڙ آهي، جن کي نه رڳو ڪهاڻي لکڻ جو ڏانءُ آهي پر ڪهاڻي جي فني باريڪ بينن تي گفتگو جي ڏات پڻ آهي.

**"چنڊُ پيرن هيٺ"** (2005ع) ڪان پوءِ ايوارڊ يافته ڪتاب **"پنهنجي ڌرتي"** (2014ع) جهڙن خوبصورت ڪهاڻين جي مجموعن جي ڪاميابي بعد سندس ماسٽرس جي ٿيسز ڪتابي صورت ۾ اشاعت ڪندي جتي بي پناهه سرهائي محسوس ٿي پئي، اُتي ڪنول پبليڪيشن جي Centennial Golden Jubilee ڪتاب اچڻ تي اداري جي روان سفر جي پڻ دلي خوشي آهي.

عباس ڪوريجي جي هيءَ اهم پيشڪش ان ڳالهه جي گواهي آهي ته ادبي حالتن جي ڪيتري به ابتر شڪل هجي، جيڪڏهن نوجوان نسل تي ايمان رکجي ته اُهو گهٽين اميدن کي ساپيان جو روپ بخشي سگهي ٿو. 2000ع کان پوءِ شايع ٿيندڙ ڪهاڻي ۔ ڪتابن تي ڀرپور تحقيق ڪندڙ عباس ڪوريجي به ڪهاڻي جي فن ۽ موضوع تي جامع رنگن سان هن مختصر زماني کي زنده جاويد ڪندي، ايندڙ وقت جي محقق ۽ پاڙهوءَ لاءِ آسان رستي جي تخليق ڪئي آهي. جديد ڪهاڻيءَ جو فن، نه رڳو نئين ٽهي سمجهي ٿي پر خوبصورت اسٽائيل ۾ لکي به ٿي. ضرورت ان جي درست وقت تي پذيرائيءَ جي آهي. عباس ڪوريجي نه رڳو پنهنجي همعصر ڪهاڻيڪار دوستن جي ڪهاڻي ڪتابن جو مختصر جائزو ورتو آهي بلڪه ان جي نتيجن تي پڻ ڳالهائي هڪ محقق دانشور جو حق ادا ڪيو آهي.

سنڌي جديد ڪهاڻيءَ جي ڀرپور جيئدانَ لاءِ، ڪهاڻين جي نوَن ڪتابن سان گڏ ڪهاڻي بابت ۽ ڪهاڻيڪارن جي فني ۽ فڪري اڇل بابت سيرِ حاصل ڳالهه ٻولهه ٿيڻ سان ئي سنڌي ادب ترقي ڪري سگهي ٿو. "ماٺ" رڳو مقامن ۾ ئي سونهي ٿي.

**سعيد سومرو**

**ڪنول پبليڪيشن قنبر**

Cell: 0333_7523132

Saeedsoomro4@yahoo.com

سنڌي شعبي پاران: (ٻهرين ڇاپي لاءِ)

## ٻه اکر

عباس سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽيءَ جو اهڙو باصلاحيت شاگرد آهي، جنهن پنهنجي شاگرديءَ واري دور ۾ ئي هڪ ليکڪ طور سڃاڻپ پيدا ڪئي، ۽ علمي ادبي حلقن ۾ عزت جوڳي جاءِ ٺاهي. ڪوبه شعبو، ڪنهن به ماڻهوءَ کي فنڪار ٺاهي نٿو سگهي، البته جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي فطرت ۽ سرشت ۾ فنڪار آهي ته علمي ادبي ادارا ان کي پالش ڪري سگهن ٿا، ماحول ڏئي سگهن ٿا ۽ ڪيس موقعا فراهم ڪري سگهن ٿا۔ سنڌي شعبو به اهو ئي ڪم ڪندو رهيو آهي. هن شعبي مان نڪتل لاتعداد شاگرد شاعريءَ، ڪهاڻيءَ، ناول، ڊرامي، تحقيق ۽ ٻين شعبن ۾ شاناٺي سڃاڻپ رکن ٿا. دهلي، ممبئي، ڪراچي ۽ خيرپور يونيورسٽين ۾ قائم سنڌي شعبن جون خدمتون به ضرور ذڪر جوڳيون آهن، پر سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هتان جي استادن توڙي شاگردن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي جهولي ڪيترين ئي نين ادبي روايتن سان ڀري آهي. گڏوگڏ امداد حسيني، شمشير الحيدري، حسن درس جهڙا اعليٰ شاعر هن شعبي جا شاگرد رهيا آهن، جيڪا ڳالهه ڪنهن اعزاز وانگر ڳڻائڻ جهڙي آهي. اسان وٽ هڪ زماني ۾ لاٽ فورم هوندو هو، جنهن ۾ حسن درس وارن جي ٽهيءَ جا اڪثر نوجوان اچي شرڪت ڪندا هئا. بعد ۾ منهنجي رهنمائيءَ ۾ شاگردن اسٽڊي سرڪل قائم ڪيو، جنهن شعبي ۾ شاگردن جي ادبي سرگرمين کي وڏي پئماني تي هٿي ڏني ۽ نوجوانن ۾ روايتي ڪلاس روم اسٽڊي کان ٻاهر ساهه کڻڻ جي به فضا مهيا ڪئي. منهنجي ئي مدد سان شاگرد ٻهرين يونيورسٽي منظر ۽ هاڻي ادبي منظر مئگزين ڪڍي رهيا آهن، جنهن ۾ شاگردن جون پنهنجون تحريرون شايع ٿين ٿيون، ۽ ائين سنڌن لفظن سان محبت قائم ٿئي ٿي. عباس ڪوريجو اهڙي ماحول ۾، پنهنجي ذاتي قابليت ۽ تخليقي صلاحيت سان اڳتي آيو آهي، ۽ نه فقط ڪهاڻيءَ ۾ پر

ايم اي سنڌيءَ لاءِ لکيل پنهنجي هن اهم مقالي وسيلي پڻ پنهنجي سڄاڻپ ڪي نئون حوالو مهيا ڪيو آهي.

عباس هن مقالي ۾ ڪهاڻيءَ جي فن ڪان وٺي، نئين ڪهاڻيءَ جي موضوعاتي دنيا تي اڪيڊمڪ توڙي آرٽسٽڪ رخن ڪان روشني وڌي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿيل نون تجربن جهڙوڪ مختصر ترين ڪهاڻي، هڪ جملي جي ڪهاڻي ۽ فليش ڪهاڻيءَ تي به ڳالهايو آهي، جيڪا هن جي نئين ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپيءَ جي ساک پيري ٿي، ۽ سندس فني معاملن سان دلچسپي ظاهر ڪري ٿي. توڙي جو انهن تجربن تي اجا ڪهاڻيءَ طور بحث مڪمل نہ ٿيو آهي، تڏهن بہ هيءَ هڪ ابتدائي ڪوشش آهي، ۽ ڪابہ ڪوشش حرفِ آخر نہ ٿيندي آهي.

هي مقالو ڪهاڻيءَ تي ٿيل روايتي ۽ نئين تحقيق جو گڏيل نچوڙ آهي، جنهن ۾ ڪيترن ئي سوالن جا جواب بہ ملن ٿا تہ ان مان ڪيئي نوان سوال جنم وٺن ٿا، جن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. پر ڇاڪاڻ تہ هيءُ ايم.اي جو مقالو آهي ۽ ان جو عرصو بہ تمام محدود آهي، تنهن ڪري ان تي ان ڪان وڌيڪ لکڻ ممڪن بہ نہ هو. عباس وس آهر گڏ ڪيل معلومات کي يڪجا ڪري ۽ ان جي مناسب تجزيي ۽ بهتر تبصري وسيلي هڪ علمي ڪم سرانجام ڏنو آهي، جنهن سان سنڌي شعبي جي شاگردن پاران قائم ڪيل تحقيق جي روشن روايت ۾ هڪ نئين مشعل جو واڌارو ٿيو آهي. هن تحقيق ۾ سندس رهنما ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو صاحب هو، جنهن جي اچڻ ڪان پوءِ سنڌي شعبي ۾ تحقيقي سرگرمين جو هڪ نئون دؤر شروع ٿيو آهي.

## ڊاڪٽر اسحاق سميجو

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

## پنهنجي پاران: (ٻهرين ڇاپي لاءِ)

مونوگراف ٿيسز ۾ گذريل 15 سالن دؤران ڇپيل ڪهاڻي ڪتابن بابت انگ اکر گڏ ڪرڻ ڪي جيترو آسان سمجهيم پئي اوترو ئي مشڪل ثابت ٿيا، ان لاءِ لائبريرين، ڪتاب گهر ۽ دوستن جي ذاتي ڪتب خانن جي ڪيترائي ڀيرا چنبڇاڻ بعد پئي مرحلي ۾ پبلشرن ڏانهن رخ رکيو جن ۾ محترم يوسف سنڌي، سعيد سومري، سليم چنا، رياضت ٻرڙي ۽ ٻين پنهنجن ادارن جي ڇپيل ڪتابن بابت جامع معلومات ڏني. سنڌ رنگ ڊائجسٽ جي ايڊيٽر محترم ظفر عباسيءَ سان سندس ڪلينڪ تي وڃي ملڻ ٿيو، جنهن اها ڏکوئيندڙ خبر ڏني تہ هو ادب کي الوداع چئي گذريل 8 سالن کان پنهنجي ذاتي ڪلينڪ هلائي رهيو آهي ۽ هن پنهنجي ڪتابن کي رديءَ ۾ وڪڻندي باقي رهيل مواد سنڌو درياءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو، خير ان موضوع تي الڳ سان لکبو، پر باوجود ان حال جي ظفر عباسي ڪنهن هڪ اڌ باقي رهيل ڪتاب جي ڪاپي آڏي اچيان رکي، جنهن مان ان دؤر ۾ سندس ادارن پاران ڇپرايل ڪهاڻي ڪتابن جا تفصيل معلوم ڪيا ويا. وڏيڪ جن ڪتابن جا حوالا گهربل هئا، ان لاءِ اديبن کان فون ڪال توڙي روبرو ملي معلومات ورتي وئي. انٽرنيٽ تان پڻ ڪيترن ئي ڪتابن جي معلومات ملي. وڌيڪ ڪتابن جي جستجو ۾ ڪهاڻيڪارن تي لکيل خاڪن ۽ مختلف مضمونن مان استفادو حاصل ڪيو ويو. ڏسندي ڏسندي اها فهرست 190 کي وڃي پهتي. هندوستان سان تعلق رکندڙ بزرگ اديب مانواري سائين ڀڳوان ٻاٻاڻي "بندو" منهنجي گذارش تي هندوستان ۾ ڇپيل ان عرصي جا ڪهاڻي ڪتاب گڏ ڪري ٽيبل جي صورت ۾ اماڻيا، جيڪي جيئن جو تيئن الڳ ڪري رکيا آهن، جنهن لاءِ آءُ سندس سهڪار تي ٿورائتو آهيان.

ڪهاڻي هر دؤر ۾ ماڻهن جي دلچسپيءَ جو باعث رهي آهي، پوءِ اهو انساني ارتقا وارو پٿر جو دؤر هجي يا اڄ جو سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو دؤر هجي. اوائلي زماني جي ماڻهن پڻ مافوق الفطرت ڪردارن توڙي پاڻمرادو جوڙيل آکاڻين، داستانن ۽ رومانوي قصن وسيلي هڪ ٻئي کي ونڊرايو پئي. اهو ڪهاڻيءَ جو ٻڌڻ يا ٻڌائڻ وارو دؤر هو، اڄوڪو دؤر ڪهاڻيءَ جي پڙهڻ يا ڏيکارڻ جو دؤر آهي، جنهن ۾ ڪهاڻي ڪتابي صورت ۾ لکجي پيش ٿئي ٿي يا

ناٽڪ ۽ ڊرامي جي شڪل ۾ ڏيکاري وڃي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ عام لوڪ توڙي سڌريل سماجن جي حد کان وڌيڪ دلچسپي نظر ايندي. اهوئي سبب آهي جو ننڍين ٻارن کي تعليم ڏيڻ، مذهبي رسمون يا عقيدا سمجهائڻ توڙي دل وندرائڻ لاءِ هر عمر جو ماڻهو ڪهاڻيءَ جي صورت کي پسند ڪري ٿو. اهڙي دلچسپ صنف بابت هيءَ تحقيق پڙهندي ضرور ساڳئي ڪيفيت محسوس ڪندا.

هن تحقيق جو پهريون ڀاڱو، جيڪو ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي تي مشتمل آهي، ان ۾ مختصر ڪهاڻي جي تاريخ ۽ ارتقا سان گڏوگڏ ڪهاڻيءَ جي فن تي مثالن ذريعي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي، فني لحاظ کان ڪهاڻي ڇا آهي، ڪهاڻيءَ جون خوبيون ڪهڙيون هونديون آهن، ڪهاڻيءَ جا ڪهڙا ۽ ڪيترا قسم آهن، ڪهاڻي ڪيئن لکجي؟، ڪهاڻيءَ سان لاڳاپيل ٻيون صنفون ڪهڙيون آهن، ڪهاڻيءَ جا هيئت جي لحاظ کان نوان قسم ڪهڙا آهن؟ وغيره وغيره شامل آهن، مون لکڻ وقت ان کي اڪيڊمڪ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئن پڙهندڙ آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ هن مان لاڀ پرائن. ڪهاڻيءَ جي قسمن توڙي فني عنصرن کي مختلف مثالن وسيلي آسان ۽ عام فهم بڻايو آهي تہ جيئن پڙهندي هر ڳالهہ کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي.

باب ٻيو روايتي هجڻ ۽ ان بابت اڳوات گهڻ رُخي تحقيق موجود هجڻ ڪري ان کي جيئن جو تيئن رکندي ناليواري اسڪالر محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي ڪتاب “چار مقالا” مان استفادو حاصل ڪيو ويو آهي.

باب ٽئين ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي انفراديت جانچيندي سنڌي ڪهاڻيءَ جا سنڌي سماج تي اثر پيش ڪيا آهن، سماجي، ثقافتي ۽ تاريخي روايتن کي سنڌي ڪهاڻي ڪيئن پيش ڪيو آهي، يا سياسي ۽ سماجي حالتن کي سنڌي ڪهاڻيءَ ڪيئن منهن ڏنو آهي، اجتماعي طور سنڌي ڪهاڻيءَ جو سنڌي سماج جي اجتماعي ترقي پسند شعور ۾ ڪيترو حصو آهي. سنڌي ڪهاڻي جي اثر هيٺ سنڌي سماج ۾ ڪهڙيون مثبت تبديليون ۽ لاڙا آيا وغيره شامل آهن. ڪهاڻيءَ جهڙي جامع موضوع کي مفصل ۽ جامع طريقي سان سمجهڻ واسطي سهنجو اندازِ بيان اختيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن ادب جا شاگرد، نوان لکندڙ توڙي مقابلي جي امتحانن جي تياري ڪندڙ شاگرد پڻ لاڀ حاصل ڪري سگهن.

ڪجهه ڍاڪا پهرين سنڌي ڪهاڻي جي مرڻ جي ڳالهه نڪتي ته ٽرٽلو مچي ويو هو ته سنڌي ڪهاڻي نٿي مري سگهي! ڪهاڻي هميشه رهڻي آهي! جيسين ماڻهو جيئرو آهي، ڪهاڻي جيئري رهندي! وغيره وغيره. هن مطالعي مان جيڪو مون محسوس ڪيو، اُهو اِهو آهي ته سنڌي ڪهاڻي پوين پندرنهن سالن ۾ 200 کان مٿي ڪتاب ڏنا آهن، پر انهن ۾ معياري ڪتابن جو انگ تمام ٿورو آهي، سنڌي ڪهاڻي مئي ناهي، واقعي مرندي به نه، پر ڳالهه آهي معيار جي، معياري سنڌي ڪهاڻي لکرائڻ لاءِ معياري تربيت جي ضرورت هئي ۽ جنهن جي اسان وٽ ڪافي کوٽ آهي. اها تربيت ڏيڻ جي هي ادنيٰ ڪوشش آهي.

آخر ۾ هڪ ڳالهه ضرور ونڊبي، اُها اِها ته سائين انورفگار هڪڙي جي اُها فاتحانه کِل شايد مونکان ڪڏهن به نه وسري، جڏهن مونوگراف مڪمل ٿيڻ وارن ڏينهن ۾ پڇيوهئائين، "عباس! ڏي خبر، تحقيق جي ميدان ۾ پير پرڻ کان پوءِ ڇا محسوس ڪيو اٿئي!" مون جواب ۾ فقط اهو چيو هو ته "سائين ننڊون حرام ڪري ڇڏيون اٿوَ. اجهو رات ئي خواب ڏٺو ته ڪنهن ڪتاب گهر ۾ ويٺو آهيان ۽ ڪو ڪهاڻي ڪتاب هٿ چڙهيو آهي، محسوس ٿيو ته اهو مون فهرست ۾ شامل ناهي ڪيو، اڃ تڻ ۾ اهو ڪتاب پڙهڻ ۽ نوٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو پر لکي نٿو سگهان ۽ اک کلي وڃي ٿي ته خواب ۾ ڪتاب بئي گم ٿي ٿا وڃن."

مان ٿورائتو آهيان پنهنجي محترم استاد ۽ هن مونوگراف لکڻ ۾ نگران سائين انور فگار هڪڙي جو، جنهن وقت سر پنهنجي قيمتي راين سان نوازيو ۽ مدد ڪئي. سائين اسحاق سميجي سان پڻ مشاورت ٿيندي رهي، جنهن جي وقتائتي صلاحن لاءِ سندس شڪرگذار آهيان، پيڳوان ٻاٻاڻي، اسد الله ڪوڪر، سعيد چانڊيي، علي حسن ملاح، سليم چنا، مولابخش محبتي ۽ انهن سڀني دوستن ۽ ساٿين جو ٿورائتو آهيان، جي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان هن تحقيق مڪمل ڪرڻ ۾ منهنجا سهڪاري بڻيا.

**عباس ڪوريجو**
03003434235
abbaskorejo@gmail.com
www.abbaskorejo.com

## اندر اور

انتهائي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ان احساس سان ته منهنجي هن تحقيقي ڪتاب ڪي پڙهندڙن پاران ايتري وڏي موٽ ملي جو ٿوري عرصي ۾ ئي ڪتاب مارڪيٽ ۾ اٽلپ ٿي ويو. هن ڪتاب جو نئون ڇاپو پيش ڪندي دلي فرحت پڻ ٿي رهي آهي پر ڪجھ ڳالهيون اوهان سان ضرور ونڊڻ چاهيان ٿو جيڪي هن نئين ڇاپي سان لاڳاپيل آهن.

گذريل ڇهن پنجن سالن کان دبئيءَ ۾ ڪاروباري مصروفيتن جي ڪري ادبي سرگرميون گهٽڻ متاثر ٿيون آهن پر پڙهندڙن جي محبتن ۽ مارڪيٽ ۾ هارڊ ڪاپي جي کوٽ کي نظر ۾ رکندي وقت جي زنجيرن کي ٽوڙڻو پيو ۽ نئين ڇاپي لاءِ گوڏن کي تيل لڳائي تياري ورتي آهي.

هن ڇاپي ۾ سال 2015ع کان سال 2020ع جي ڇپيل ڪتابن جي فهرست کي پڻ شامل ڪيو آهي جيئن ايندڙن محققن لاءِ ميدان سنوت ۾ هجي. وقت جي کوٽ جي ڪري شايد ڪجھ ڪتاب رهجي به ويا هجن ۽ نئين فهرست بابت پنهنجي ڪابه تحقيقي راءِ به ناهيان رکي سگهيو.

هن نئين ايڊيشن ۾ پراڻي ايڊيشن جي غلطين کي پڻ سڌاريو ويو آهي ۽ پروف کي هڪ ڀيرو ٻيهر درست ڪيو ويو آهي، ان جي باوجود به ڪٿي ڪجھ رهجي ويو هجي يا ڇپائيءَ جي دوران ڪجھ اڳتي پوئتي ٿي پوي ته ان لاءِ اڳواٽ معافي!

نئين ڇاپي جي ڇپائيءَ لاءِ ساٿ ڏيڻ تي ڪنول پبليڪيشن جي روح روان سعيد سومري، عبيد ٿهيم، خليق جمالي ۽ آصف رضا نظاماڻيءَ جو ٿورائتو آهيان جن نئين ڇاپي لاءِ پنهنجو ساٿ ڏئي مونکي سرخرو ڪيو.

**عباس ڪوريجو**

## ڪهاڻي ڇا کي چئجي؟

**ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي:**

قديم دؤر ۾ جڏهن ماڻهن گڏجي رهڻ شروع ڪيو، تڏهن ان عمل سماج جي ارتقائي شڪل اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. تڏهن سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪرڻ کان پوءِ شام جو جڏهن اهي ٿڪل ماڻهو گڏجي هڪ جاءِ تي ويٺا ٿي ته انهن هڪ ٻئي سان روزمره جون ڳالهيون ۽ مسئلا اوريا ٿي، يا سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ مٽائڻ واسطي هڪ ٻئي کي بهادريءَ جا دلچسپ قصا يا واقعا ٻڌايا ٿي، اهڙي ئي طريقي سان انهن روزمره جي ڪچهرين ۾ ڪجهه دلفريب ڳالهيون ۽ واقعا شامل ٿيندا رهيا، جن اڳتي هلي ڳالهه يا قصي ٻڌائڻ جو بنياد وڌو. اهو سلسلو اڃ سوڌو هلندڙ آهي، گهر جا پوڙها فرد اڪثر ڪري ننڍڙن ٻارن جي دل وندرائڻ يا کين ننڊ ڪرائڻ واسطي ڀَرين، جنن، بادشاهن جون ڪهاڻيون ٻڌائيندا رهن ٿا ۽ گهرن ۾ اهو ڪردار اڪثر ڪري نانيون يا ڏاڏيون نڀائينديون اچن، ان لحاظ کان "نانيءَ جون آکاڻيون" مقبول مثال آهي.

ننڍپڻ ۾ خاص ڪري سياري جي طويل راتين ۾ جڏهن گهر جا سڀ ٻارڙا نانيءَ جي کٽ جي چوڌاري ڦري ويندا آهن ۽ ضد ڪندا آهن ته کين ڪانه ڪا ڪهاڻي ٻڌائي وجي ته پوءِ اها ناني پنهنجي عمر جي مشاهدن ۽ صدري روايتن کي آڏو رکندي ڪو نه ڪو قصو شروع ڪندي آهي، جنهن جي شروعات اڪثر هن طرح هوندي آهي ته هڪڙو هو بادشاهه... يا هڪڙي دفعي جي ڳالهه آهي ته....

ڳوٺاڻي ماحول ۾ اڄ به سياري جي راتين جو اڱڻ ۾ يا اڪثر ٻاهر اوطاقن تي هڪ وڏو مچ ٻاريو ويندو آهي، جنهن جي تاءَ تي ويهي ڪجهه جهونڙا ۽ نوجوان پنهنجو جسم سيڪيندا آهن ۽ جهونڙا وقت کي ريڙهڻ ۽ هڪ ٻئي جي دل وندرائڻ واسطي قصا ۽ ڪهاڻيون پڻ ٻڌائيندا رهندا آهن. جهونڙا جيڪي اڪثر سگهڙ پڻ هوندا آهن، اهي انهن ڪهاڻين ۽ قصن ۾ شعر، پروليون ۽ هنر پڻ ڪتب آڻيندا آهن ۽ ائين لوڪ ادب جي خزاني ۾ واڌارو ايندو ويندو آهي. ناليوارو ليکڪ اشتياق انصاري پنهنجي ڪهاڻيڪار پيءُ انيس

انصاريءَ تي لکيل ڪتاب ” انيس انصاري: فن ۽ شخصيت“ ۾ اهڙين ڪهاڻين جي باري ۾ لکي ٿو:

“اهڙي طرح دنيا جي هر خطي ۽ ٻوليءَ ۾ صدين کان وٺي اهڙيون ڪهاڻيون ٻڌيون ۽ ٻڌايون وڃن ٿيون. جيڪي آهستي آهستي اڳتي هلي ادبي روپ اختيار ڪري چڪيون آهن. ڏرتيءَ تي ڳالهائيندڙ ڪابه اهڙي ٻولي ڪانهي، جنهن کي پنهنجا لوڪ داستان، قصا، ڪهاڻيون نه هجن؛ ان ڪري افسانوي ادب جون پاڙون هر ٻوليءَ ۾ صدين کان وٺي ڦهليل آهن.” (1)

اهڙين لوڪ ڪهاڻين جي شروعات بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي پهرين مجموعي جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته:

“لوڪ ڪهاڻين ۾ انسان ذات جي ٻالاپڻ جا اهڃاڻ موجود آهن، عقل جي بلوغت ۽ جوانيءَ کان اڳ واري دؤر ۾، وهم ۽ وسوسا، سوڻ ۽ سنسا، منڊ ۽ منتر، سڳا ۽ ڌاڳا، ديو ۽ پريون، جن ۽ ڏائڻيون، انسان جي ڪائنات جا اهم اسباب هئا ۽ انهن کي سندن عملي زندگيءَ ۾ وڏو دخل هو. جهڙيءَ طرح جهونن دڙن ۽ پڊڻ ۾ آڳاٽين تهذيبن ۽ تمدنن جا آثار مدفون آهن، اهڙي طرح لوڪ ڪهاڻين ۾ آڳاٽن نفسياتي رجحانن ۽ ذهني لاڙن جا آثار محفوظ آهن، “لوڪ ڪهاڻيون” چڻ لفظن ۽ بيانن جي صورت ۾ جهونا کنڊر آهن، جن کي ولَڻ ۽ ويچارڻ سان انسان جي آڳاٽي وهمن ۽ ويچارن، خوشين، ۽ خوفن، مرادن ۽ مقصدن، حڪمتن ۽ حيلن، ڪامياٻين ۽ ناڪامياٻين ۽ جي نوعن ۽ نمونن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.” (2)

هتي هاڻي سوال اهو ٿو اڀري ته آخر اهي شروعاتي ڪهاڻيڪار ڪير هئا، جن ويهي ٿي اهڙيون ڳالهيون، داستان، قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌايون، ظاهر آهي جڏهن ان سماج جا اڪثر ماڻهو شڪار يا اڳتي هلي ٻين ڪمين ڪارين سڄو ڏينهن سوگها رهڻ لڳا هئا. ان بابت ڊاڪٽر بلوچ وڏيڪ لکي ٿو ته:

> "ڪهاڻيءَ جي سٽاءَ جي شروعات غالباً پهريائين ڪنهن گهر جي ڀاتي يا سورهيہ اڳواڻ جي ڪارنامن يا ڪنهن وچڙي ويل شخص جي ڪشالن جي حقيقي بيان سان ٿي، جنهن ڪي وقت گذرڻ بعد وڌائي ويجهائي وڌو ڪيو ويو. اوائلي ڪهاڻيون سڀ حقيقي ڳالهيون هيون، جن تي پوءِ حڪايتي رنگ چڙهيو. اهو ڪهاڻين اُسرڻ جو اوائلي دؤر هو، ان بعد عالمن ۽ دانائن، نصيحت خاطر بادشاهن ۽ سردارن يا پنهنجن پٽن ۽ پوئلڳن واسطي عمداً ۽ ارادتاً ڳالهيون جوڙيون." (3)

ڪهاڻيءَ بابت اگر ڪنهن عام ماڻهوءَ کان پڇي پڇندا تہ اهو ننڍپڻ ۾ ناني يا ڏاڏيءَ پاران ٻڌايل جنن، پرين، بادشاهن، وزيرن يا ديون ۽ ڏائڻن بابت ڪهاڻين جو ذڪر ضرور ڪندو، ڇوتہ ڪهاڻي هميشہ هر دؤر ۾ هر ماڻهوءَ جي دلچسپيءَ جو محور رهي آهي، جنهن جو مثال مختلف مذهبي ڪتابن ۾ موجود پراڻا قصا ۽ ڪهاڻيون آهن، جن ڪي مثال ٻڌائيندي مذهبي تعليم ڪي عام ڪيو ويو آهي. پراڻي مذهبي ڪتاب رگ ويد ۾ موجود قصا، رامائڻ ۽ مهاڀارت جون ڪٿائون، بائيبل ۾ شامل ڪهاڻيون ۽ قران شريف ۾ موجود اڳين نبين، پيغمبرن ۽ ٻين ماڻهن جون تاريخي ڳالهيون شامل آهن، جيڪي ڪهاڻيءَ جي پراڻي هجڻ ۽ پسنديدگيءَ جو موجود ثبوت آهن ڇوتہ ڪهاڻي هر دؤر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ موجود رهي آهي. ڪهاڻي جي بنياد بابت ناليوارو ڪهاڻيڪار نجم عباسي پنهنجي ڪتاب "ڪهاڻيءَ جو قافلو" ۾ لکي ٿو:

> "ڪهاڻيءَ جون شروعاتي صورتون يعني قصا، داستان ۽ آکاڻيون زباني طرح ٻڌائڻ جو فن هيون. خود ڪهاڻيءَ لاءِ جيڪي نالا ڏنا ويا آهن، انهن مان بہ ڳالهائڻ جو مطلب نڪري ٿو. ڪهاڻي "ڪهڻ" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي زباني طرح چوڻ. ان ڪي ڳالهہ بہ سڏبو آهي. ڳالهہ "ڳالهائڻ" مان نڪتي آهي، جنهن جو مطلب پڻ زبان سان چوڻ آهي، ان ڪي آکاڻي بہ چيو وڃي ٿو، هي لفظ "آکڻ"

مان نڪتل آهي ۽ مطلب اهو ئي اٿس زبان سان چوڻ. اهڙي طرح اصل ۾ ڪهاڻي "زباني ڪهاڻي" هئي." (4)

لوڪ ادب جڏهن اڳتي هلي سماجي ادب کي جنم ڏنو، تڏهن لوڪ صنفن جديد صنفن جو روپ ورتو، لوڪ ڪهاڻي، قصي يا داستان مان ناول جنم ورتو ۽ ناول مان وري مختصر ڪهاڻي يا افساني جنم ورتو، جنهن يورپ جي 18 صديءَ ۾ آيل صنعتي انقلاب جي ڪري مختصر ڪهاڻي جي جديد شڪل اختيار ڪئي.

سنڌي ڪهاڻيءَ کي عروج بخشيندڙ ڪهاڻيڪار امر جليل پنهنجي ڪتاب "لهندڙ سج جي لام" ۾ ڇپيل ڪهاڻي بابت ڪيل تقرير ۾ چوي ٿو:

"مان لاڳيتو لفظ ڪهاڻي استعمال ڪري رهيو آهيان، ڪهاڻيءَ مان منهنجو مطلب افسانو يا شارٽ اسٽوري ناهي. مون لفظ ڪهاڻيءَ کي وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. ٽيليويزن، ريڊيو ۽ اسٽيج ڊرامي ۾ ڪهاڻي هوندي آهي، اخبار يا رسالي لاءِ لکيل ڪنهن سياسي ۽ غير سياسي واقعي جي انويسٽيگيٽو رپورٽ ۾ ڪهاڻي هوندي آهي، ويندي جو اوهين پنهنجي گرل فرينڊ کي جيڪو خط لکندا آهيو، ان ۾ بہ ڪهاڻي هوندي آهي." (5)

شارٽ اسٽوري جي اصطلاحي وضاحت بابت پروفيسر انور جمال پنهنجي ڪتاب "ادبي اصطلاحات" ۾ لکي ٿو تہ:

"افسانو داستان جي ترقي يافتہ صورت آهي، داستان جيڪو مافوق الفطرت ۽ غير عقلي واقعن جو مجموعو هو، سو حقيقي شڪل ۾ ناول بڻيو ۽ پوءِ ويهين صديءَ جي مشيني دؤر ان کي وڏيڪ سنواري"افسانو" ناهي ڇڏيو. جيتوڻيڪ ناول پنهنجي جاءِ تي الڳ نثري صنف طور بحال رهيو. افسانو زندگيءَ جي ڪنهن بہ هڪ واقعي يا پهلو جي اها تخليقي ۽ فني پيشڪش آهي، جيڪو اڪثر ڪري ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. اهڙي تحرير

۾ اختصار بنيادي حيثيت رکي ٿو ۽ وحدت تاثر( Unity Of Impression) ان جي سڀ کان اهم خاصيت آهي ."(6)

ناميارو ليکڪ محمد اسماعيل عرساڻي پنهنجي ڪتاب "چار مقالا" ۾ افساني بابت لکي ٿو تہ:

"انساني زندگي بيشمار واقعات ۽ گوناگون تجربات جي حامل آهي. ليڪن افساني نگار ان مان هڪ واقعي يا ڪنهن هڪ ڪردار کي انتخاب ڪري پنهنجي افساني جو اساس قرار ڏئي ٿو. هو ڪنهن هڪ تحريڪ کان متاثر ٿي قلم کڻي ٿو ۽ ان جو ڀرپور تاثر پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. هن جي ذهن ۾ واقعات جو ذخيرو محفوظ رهي ٿو. ليڪن ان مان هو رڳو ان واقعي جو انتخاب ڪري ٿو. جنهن جو سندس تحريڪ سان سڌو سنئون تعلق ٿئي ٿو. چنانچہ افساني لکڻ وقت افساني نگار جي ذهن ۾ صرف هڪ منزل هڪ خيال ۽ هڪ نقطئہ نظر هوندو آهي، جنهن کي هو پهرئين جملي کان وٺي آخر تائين قائم رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ڇو تہ مقصد ۽ منزل جي ڪثرت هجڻ سبب افساني جي وحدت کي صدمو رسي ٿو، جنهن ڪري هڪ منزل ۽ هڪ تحريڪ کان وڌيڪ ان ۾ مطلب ڪيڻ نہ گهرجي تہ افساني ۾ صرف هڪ واقعي جي عڪاسي ٿي سگهي ٿي. حقيقت ۾ مکيہ يا اهم واقعو صرف هڪڙو ئي هوندو آهي. ۽ ٻيا ننڍا ننڍا واقعا يا حادثا بہ افساني ۾ ٿيندا آهن ليڪن اهي سڀ ان مکيہ واقعي جون ڪڙيون هونديون آهن، جي ان کي اجاگر ڪنديون آهن ۽ افساني جي تڪميل ۾ مدد ڪنديون آهن. انهن ننڍڙن واقعن ۾ بہ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي تصوير ڪشي ڪئي ويندي آهي. ليڪن مختصر افساني ۾ بيڪار بحث مباحثا، بيسود نظرين جو پرچار يا فضول واقعن جو ذڪر ڪونہ هوندو آهي، تنهن ڪري ئي اهو مختصر ٿئي ٿو."(7)

ڪهاڻي ڇا آهي؟ ان بابت معروف اردو افسانہ نگار مظهرالاسلام پنهنجي ڪتاب”گهوڙون ڪي شهر ۾ اڪيلا آدمي“ ۾ لکي ٿو:

”ڪهاڻي ڪاري دؤر ۾ رڙ آهي.
ڪهاڻي گلاب موسمن جو گل آهي.
ڪهاڻي ڦوهہ جوانيءَ تي بيٺل عورت جو خواب آهي.
ڪهاڻي اندر اڌڙيل ماڻهو آهي.
ڪهاڻي ورق ورق ڇوڪري آهي.
ڪهاڻي عمر قيد ڪٽيندڙ قيدي آهي.
ڪهاڻي ولر ڪان وڇڙيل ڪونج آهي.
ڪهاڻي اڻ ڏٺل چمي آهي.
ڪهاڻي ٻارڙي جي سليٽ تان ڊٺل سوال آهي.“(8)

ڪهاڻي ڇا آهي؟ ان لاءِ سنڌي ڪهاڻي ڪيتر جي نامياري ڪهاڻيڪارا تنوير جوڻيجو، پنهنجي ڪهاڻي ڪتاب ”عيبن هاڻي“ ۾ لکي ٿي تہ:

” دراصل انساني زندگي واقعن ۽ حادثن جو مجموعو آهي. واقعا ۽ حادثا جيڪي انساني دل ۽ دماغ تي گهرو اثر ڇڏن ٿا، انهن کي ڏانوَ ۽ ترتيب سان لکڻ ئي ڪهاڻي آهي.“(9)

افسانوي ادب تي پي ايچ ڊي ڪندڙ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي پنهنجي تحقيقي ڪتاب ”آزاديءَ کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر“ ۾ ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو تہ:

”مختصر ڪهاڻي هڪ اهڙو مختصر فڪري داستان آهي، جنهن ۾ ڪنهن هڪ واقعي يا ڪنهن هڪ ڪردار تي روشني وڌي وڃي ٿي. ان جي پلاٽ ۽ واقعات جا تفصيل ڳنڍيل ۽ ڳتيل ٿين ٿا. ۽ ان جو بيان ايتري قدر تہ منظم ٿئي ٿو، جو ان مان هڪڙو واحد تاثر پيدا ٿي سگهي ٿو.“(10)

ايڊگر ايلن پو، جنهن کي ڪهاڻيءَ جو ابو سڏيو وڃي ٿو، ان جي مختصر ڪهاڻي بابت راءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي:

”افسانو نثر جي اها صنف آهي، جيڪا پڙهندڙ هڪ ئي نشست (اڌ ڪان ٻن ڪلاڪن تائين) پڙهي پوري ڪري.“(11)

ڪهاڻيءَ بابت مختلف ٻولين جي ڪجھ مشهور اديبن، نقادن ۽ محققن جا قيمتي رايا هتي پيش ڪجن ٿا، جيڪي پڻ ڪهاڻيءَ کي سمجھڻ لاءِ ڪارائتا آهن:

”ڪابہ ننڍي رچنا، جيڪا ويهن منٽن جي اندر پڙهي پوري ڪري سگھجي، تنهن کي ڪهاڻي چئي سگھجي ٿو.“ **ايچ جي ويلس**

”ڪهاڻي ادب جي سڀني نثري روپن ۾ وڌيڪ لچڪدار آهي، ڪهاڻي گهوڙي جي موت کان وٺي هڪ جوان ڇوڪريءَ جي ڀرين محبت بابت بہ ٿي سگهي ٿي.“ **ايچ اي بيٽس**

”زندگيءَ جي ڪنهن بہ هڪ پهلوءَ ۽ جذبي کي افسانو چئجي ٿو.“

**منشي پريم چند**

”مختصر افسانو نثري ادب جو معراج آهي، ۽ نثر اتي پهچي شعر ۾ تغزل سان وڃي همدوش ٿئي ٿو. ڪامياب مختصر افسانو پنهنجي جاءِ، لفظن جي چونڊ، معنيٰ ۽ مطلب جي وسعت، جذبات جي لطافت ۽ گهرائي ۽ آخري تاثر جي لحاظ کان نثري شعر آهي.“ **محمد ابراهيم جويو**

”فسانہ نگاری ادب کی سب سے زیادہ آسان صنف ہے۔ ایک معمولی پڑھا لکھا آدمی جو خط لکھنا جانتا ہو تھوڑی سی کوشش سے افسانہ لکھ سکتا ہے بشرطیکہ وہ یہ جانتا ہو کہ زندگی کی حقیقتوں کو کم سے کم لفظوں میں کس طرح پیش کیا جاسکتا ہے۔ اور افسانہ نثر کی تمام اصناف میں اس لیئے برتری رکھتا ہے کہ وہ چند صفحات میں لکھا جاسکتا ہے اور زندگی کی حقیقت کو پیش کر سکتا ہے۔“

**اردو افسانہ نگار غلام عباس**

”مختصر ڪهاڻي ادب جي هڪ نهايت مقبول صنف آهي. جديد دؤر ۾ هن ادبي صنف کي جيتري مقبوليت حاصل ٿي آهي، تنهن جو ڪو ٻيو مثال ورلي ملندو.“ **ڊاڪٽر قاضي خادم**

ڪهاڻي هڪ مختصر ڳالهہ آهي، ان ڳالهہ ۾ واقعي جو سلسليوار بيان هوندو آهي ۽ ان بيان کي ئي ڪهاڻي چيو ويندو آهي، اهو بيان حقيقي بہ ٿي سگهي ٿو تہ افسانوي بہ. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن اهو بيان حقيقي هوندو ۽ سماج جي حقيقتن جي عڪاسي ڪندڙ هوندو تہ ڪهاڻي جي بنيادي گهرجن جي لحاظ کان بهتر آهي. ڪو حادثو يا واردات ڪهاڻي کي جنم ڏئي ٿي ۽

ڪهاڻيڪار ان کي پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تي افسانوي انداز ڏئي پڙهندڙ تائين پهچائي ٿو.

افسانو يا ڪهاڻي قصي جي اها شڪل آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ **Short Story** سڏيو وڃي ٿو. مختصر ڪهاڻي قصي، داستان ۽ آکاڻين مان ڦٽي نڪتي آهي. ارڙهين صديءَ ۾ يورپ ۾ جڏهن صنعتڪاريءَ جو دؤر آيو ته ماڻهن جي زندگي ايتري ته تيز ٿي وئي جو ڊگهو ادب پڙهڻ لاءِ وقت نه رهيو، تڏهن مختصر ڪهاڻي/افسانو لکڻ جو رواج پيو. افسانو سماجي مسئلن جو عڪس هوندو آهي ۽ عام پڙهندڙ جي ان ۾ خاص دلچسپي ڏٺي وئي. آمريڪن افسانانگار ايڊگر ايلن پو جي مضمون مطابق، " افسانو نثر جي اها ڪهاڻي آهي، جيڪا پڙهندڙ هڪ ئي نشست (اڌ ڪان ٻن ڪلاڪن تائين) ۾ پڙهي پوري ڪري."

انسائيڪلوپيڊيا آف سوشل سائنسز ۾ ڪجهه هن طرح وصف بيان ڪئي وئي آهي، " هي اها فني تخليق آهي، جنهن کي حقيقي زندگيءَ ۾ ڪوبه سچو مفهوم ناهي."

ثابت ٿيو ته ڪهاڻي هڪ مختصر ڳالهه آهي، ان ڳالهه ۾ وقت جي لحاظ کان واقعن جو سلسليوار بيان هوندو آهي ۽ ان سلسليوار بيان کي ئي ڪهاڻي يا افسانو سڏجي ٿو ۽ اهو بيان فرضي هوندو آهي ۽ ان جا ڪردار ڪهڙا به هجن پر تن جو تعلق اسان جي سماج سان هوندو آهي.

تخليقي ادب ۾ افساني جو نرالو مقام آهي. جنهن تمام تيزيءَ سان دنيا جي مڙني ٻولين ۾ شهرت حاصل ڪئي. افسانو يا مختصر ڪهاڻي دراصل فڪشن جو حصو آهي، جنهن مان مراد اهڙو تخليقي ادب جيڪو غير حقيقي، جڙتو ۽ ڪوڙي قصي تي آڌاريل هجي. فڪشن ۾ ناول، داستان، قصو ۽ افسانو اچي وڃن ٿا.

فني حوالي کان افسانو هڪ اهڙي ڪهاڻيءَ کي سڏجي ٿو، جنهن ۾ هڪ وقت فقط هڪ ئي واقعو بيان ڪيل هجي، جنهن ۾ تاثر جي وحدت هجي، يعنيٰ ڪنهن به هڪ ئي مقصد تي زور ڏنو ويو هجي. هڪ کان وڌيڪ واقعن بيان

ڪرڻ سان اهو افسانو يا ڪهاڻي نٿو رهي بلڪ ناول يا ناوليٽ جي شڪل اختيار ڪري ٿو. فقط هڪڙي ئي واقعي کي فوڪس ڪرڻ کي ئي مختصر ڪهاڻي سڏجي ٿو، پوءِ اهو واقعو ڪيترو ئي ننڍو يا ڪيڏو ئي طويل ڇو نه هجي، پر طوالت جي افساني اندر هڪ حد ضرور مقرر ڪيل هوندي آهي، ڇوته افساني جي بنيادي خوبي اختصار آهي، اختصار بابت روسي ڪهاڻيڪار انٽون چيخوف ڇا ته خوبصورت انداز سان سمجهاڻي ڏني آهي:

> "ڪهاڻي کي نه شروعات هجڻ گهرجي ۽ نه ئي پڇاڙي."
> انهيءَ تشريح بعد هو ڪهاڻيڪارن کي ياد ڏياري ٿو ته هو اگر ڪهاڻيءَ جي پهرين صفحي تي پيٽ تي ٽنگيل بندوق جو ذڪر ڪري ويٺا آهن ته اها بندوق ڇٽڻ ئي گهرجي." (12)

مختصر ڪهاڻي جي اختصار بابت مختلف رايا آهن، ڪجهه نقادن جو خيال آهي ته افسانو هڪ ئي نشست ۾ پڙهي پورو ڪرڻ جيترو هجي، ڪجهه نقاد ان راءِ جا آهن ته اڌ ڪلاڪ ۾ پڙهي پورو ڪري سگهجي، ان کي افسانو سڏجي، پر اڪثريت جي راءِ اها آهي ته مختصر ڪهاڻي کي وقت جي پيماني ۾ بند ڪرڻ جي بدران ڪهاڻيڪارن کي اجائي ڊيگهه کان گريز ڪرڻ کپيءَ فقط اهي ڪردار، ماحول يا شيون بيان ڪرڻ گهرجن، جن جو ان افساني ۾ ڪونه ڪو عمل دخل هجي.

پهرين جديد ڪهاڻي ڪنهن لکي؟ پهرين جديد افساني جو/جي ليکڪ ڪير آهي؟ ان بابت ميڊم فهميده حسين پنهنجي مضمون " سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ" ۾ لکي ٿي:

> "صحيح معنيٰ ۾ اهڙي پهرين ڪهاڻي آمريڪا ۾ لکي وئي. واشنگٽن ارونگ 1819ع ۾ "اسڪيچ بوڪ" نالي ڪهاڻي لکي، جنهن جو مقصد محض تفريح مهيا ڪرڻ ٻڌايو وڃي ٿو." اڳتي ان جي وڌاءَ ۾ لکيو آهي. " فڪشن جي هڪ خاص صنف طور پهريون پيرو ڪهاڻيءَ کي مڃڻ وارو برانڊر ميٿيوز هو، جنهن 1885ع ۾ هڪ ڪتاب لکيو **Philosophy of Short Story**. هن ڪهاڻي ۾ زمان، مڪان

۽ عمل جي وحدت (Unity of time, Place and Action)
ڪانسواءِ ڪردار جي وحدت تي بہ زور ڏنو.” (13)

ڪهاڻي يا افسانې بابت ڪنهن نقاد اهو بہ لکيو هو تہ افسانو نثري صنفن ۾ ائين آهي، جيئن شعري صنفن ۾ غزل آهي. ڪهاڻيءَ بابت جن بہ نقادن، ڪهاڻيڪارن پنهنجا پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن، يا ڪا مخصوص وصف ڏني آهي يا وقت جي پابندي ڏيکاريندي تشريح ڪئي آهي، اهي سڀ ڪهاڻي جي هيئت، فن ۽ ارتقا تي پابندي مڙهڻ مثل آهن، ڇو تہ ڪهاڻي ڪنهن بہ هڪ مخصوص وصف جي محتاج ناهي. ڪهاڻي هڪ آبشار مثل آهي، جنهن جو پاڻي (مرڪزي خيال) هيٺ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو وهڪرو (پلاٽ) پاڻ ٺاهيندو، ڪنهن نہ ڪنهن نديءَ ۾ وڃي ڇوڙ (ڪلائيميڪس) ڪندو آهي.

ڪهاڻي کي سمجهڻ واسطي هيٺيون خيال پڻ ڌيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو:

“ ڪهاڻي هڪ اهڙي مختصر فڪري ڳالهہ آهي، جنهن ۾ ڪنهن خاص واقعي تي روشني وڌي وڃي ٿي. جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ يا جانور سان پيش آيو هجي.”

## ڪهاڻي اسان تائين ڪيئن ٿي پهچي ؟ :

ڪهاڻي ٽن طريقن سان اسان تائين پهچي ٿي، پهريون آهي ٻڌڻ يا ٻڌائڻ وسيلي، ٻيو آهي پڙهڻ يا پڙهائڻ وسيلي ۽ ٽيون ڏسڻ يا ڏيکارڻ وسيلي. پهريون وسيلو آهي تہ قديمي، پر ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ اڄ بہ قائم آهي ڇو تہ اڄ سوڙو ڳوٺن توڙي شهرن ۾ نانيون ۽ ڏاڏيون اهو فريضو سرانجام ڏينديون پيون اچن. پنتي تي پيل يا جديد وسيلن کان وانجهيل علائقن ۾ اڄ بہ مچ ڪچهرين ۽ اوطاقن تي ڪيل محفلن ۾ ڪهاڻي ٻڌائي پئي وڃي. ٻيو وسيلو اڄ پنهنجي عروج تي آهي ۽ اڪثر ڪهاڻيون لکت جي صورت ۾ پڙهڻ وسيلي پين تائين پهچن ٿيون، دنيا جي هر ان ٻوليءَ ۾ ڪهاڻي لکي ۽ ڇپي وڃي ٿي جنهن کي پنهنجو رسم الخط آهي. ٽيون ۽ آخري وسيلو ڪهاڻيءَ کي پين تائين پهچائڻ جو آهي ڏيکارڻ؛ اسٽيج، ڊرامي يا فلم وسيلي ڪهاڻي ڏيکاري ويندي آهي.

# ارتقا، تاريخ، فن ۽ عنصر:

ڪهاڻي ۽ حقيقي زندگي جو هڪ ٻئي سان گهرو جوڙ آهي، اياز گل جي ان مشهور شعر جيان تہ ڏک جي نہ پڃاڻي آ، هر شخص ڪهاڻي آ. هر شخص جي زندگيءَ ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ڪهاڻيون آهن، انيڪ واقعا ۽ حادثا آهن. انهن واقعن، حادثن جو نثري اظهار ئي ڪهاڻي جو روپ وٺي ٿو. انساني اندر جي پيڙا ۽ ٻاهر جو ڪرب انهن واقعن جو مکيہ سبب آهن. داخلي يا خارجي مامرا، جي ماڻهوءَ کي سوچڻ ۽ لوچڻ تي مجبور ڪن ٿا، اهي ڪهاڻي ٺهڻ جي ڪاتي ۾ آٽي سگهجن ٿا. ڇوتہ ڪهاڻي آهي ئي حقيقي زندگيءَ جي انيائن ۽ لقائن جو عڪسي بيان.

جرنلزم جي شاگردن کي هڪ عام ڳالهہ ۽ خبر جو فرق سمجهائڻ واسطي اهو ٻڌايو ويندو آهي تہ اگر ڪو ڪتو ڪنهن ماڻهوءَ کي چڪ پائي ٿو تہ اها عام ڳالهہ آهي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪتي کي چڪ پائي تہ اها خبر آهي. ساڳي ڳالهہ کي جيڪڏهن افساني جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ ائين ٿيندي تہ ڪتي ماڻهوءَ کي چڪ پاتو اهو واقعو آهي، ردعمل ۾ ان ماڻهوءَ ان ڪتي کي چڪ پاتو اهو افسانو آهي.

## ارتقا ۽ تاريخ:

افساني لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو لوڪ ڪهاڻين، لوڪ داستانن، قصن يا آکاڻين جي پيداوار آهي. افسانو 19 صديءَ ۾ ڳالهہ ٻڌائڻ واري روايت مان ادب جو حصو بڻيو.

ڪتاب "سنڌي ادب جو مختصر جائزو" ۾ اڪبر لغاري ڪهاڻي جي شروع ٿيڻ بابت لکي ٿو:

> "ارڙهين صديءَ ۾ يورپ ۾ جڏهن صنعتڪاريءَ جو دؤر آيو تہ ماڻهن جي زندگي ايتري تہ تيز ٿي وئي جو ڊگهو ادب پڙهڻ لاءِ وقت نہ رهيو، ان وقت اها سوچ اڀري تہ اهڙو ادب لکجي جيڪو مختصر ۽ بامعنيٰ هجي، تڏهن مختصر ڪهاڻي/افسانو لکڻ جو رواج پيو." (14)

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو، "هي صنف فرانس جي صنعتي انقلاب جي اثر جو ڦل آهي." (15)
ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي مقالي " سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ" ۾ ڪهاڻي جي تاريخ ڪجهه هن ريت بيان ڪئي آهي:

"جديد مفهوم ۾ ڪهاڻي يا Short Story جي فن جي ابتدا لاءِ به مختلف رايا آهن. صحيح معنيٰ ۾ پهرين اهڙي ڪهاڻي آمريڪا ۾ لکي وئي.واشنگٽن ارونگ 1819ع ۾ "اسڪيچ بوڪ" نالي ڪهاڻي لکي جنهن جو مقصد محض تفريح مهيا ڪرڻ بيان ڪيو وڃي ٿو." (16)

آمريڪا ۾ ايڊگر ايلن پو هن صنف کي مقبول ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو روس ۾ ٽالسٽاءِ، گوگول ۽ چيخوف، فرانس ۾ موپاسان ۽ بالزاڪ، انگلينڊ ۾ چارلس ڊڪنس ۽ پوءَ اڳتي هلي او هينري، وليم سڊني، ڏکڻ ايشيا ۾ منشي پريم چند کي ان جو باني تصور ڪيو وڃي ٿو.

**فن:**

ڪهاڻي يا افسانو لکڻ وقت ڪجهه ڳالهين جو خاص خيال رکيو ويندو آهي، جن کي فن سڏيو ويندو آهي ۽ اهو فن ڪجهه عنصرن تي مشتمل هوندو آهي. جن جي موجودگيءَ ۽ ترتيب کي فن چئبو آهي.
ڪهاڻيءَ جي فني اڏت لاءِ هيٺين ڳالهين جو خاص خيال رکيو ويندو آهي.

1. ايتري مختصر هجي جو هڪ ويهڪ ۾ پڙهي پوري ڪري سگهجي.
2. هڪ وقت فقط هڪ ئي واقعو پيش ڪيو وڃي، پوءِ اهو تمام مختصر يا تمام طويل چونه هجي.
3. حقيقت نگاري هجي، ڪردار، واقعا ايترا به تصوراتي نه هجن جو فئنٽسي محسوس ٿين.
4. واقعن، مڪالمن ۽ ڪردارن ۾ ربط هجڻ کپي.
5. آغاز ۽ انجام پڻ هجي.
6. اجائي پٽاڙ يا وڏاءَ هرگز نه هجڻ گهرجي.
7. ڪونه ڪو پيغام، ڳالهه، خيال يا سوچ پيش ڪيل هجي.

8. مقصديت هجي.

اڄ جديد ڪهاڻي يا افساني جي فني لحاظ کان تبديلي "فليش فڪشن" جي نالي سان پيش ٿي رهي آهي، جنهن ۾ اکرن، لفظن، جملن ۽ صفحن تي مشتمل ڪهاڻين لکڻ جو بنياد وڌو ويو آهي. فليش فڪشن جي باري ۾ تفصيل اڳتي "**فليش فڪشن: ماضي، حال ۽ مستقبل**" واري ڀاڱي ۾ پڙهندا.

## بنيادي جزا يا عنصر:

روايتي ڪهاڻيءَ جا حامي عام طور مختصر ڪهاڻيءَ جي ستن عنصرن يعني "پڪڊوطما" وسيلي تشريح ڪن ٿا. جنهن مطابق:
پ مان مراد پلاٽ، ڪ مان مراد ڪردارنگاري، ڊ مان مراد ڊائلاگ(مڪالما) و مان واقعو، ط مان طرزِ تحرير(اسلوب) م مان مرڪزي خيال(مقصد) ۽ آخري الف مان مراد اختتام ورتي ويندي آهي.

## پلاٽ Plot :

واقعي يا واقعن جي ترتيب جو نالو پلاٽ آهي. پلاٽ واقعن جي خاڪي کي چيو وڃي ٿو، جيڪي ڪردارن کي پيش اچن ٿا. ڪهاڻي يا ناول جون سموريون دلچسپيون ان پلاٽ جي ترتيب سان جڙيل هونديون آهن. پلاٽ ڪهاڻي يا ناول جو روح هوندو آهي. پلاٽ جو دارومدار ڪهاڻي جي بيان تي آهي، تہ ڪهڙو واقعو ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڇو پيش آيو؟ ڪهاڻي جي ماهرن پلاٽ جا ٻہ ٽي حصا ڪيا آهن، جن ۾ پهريون ابتدا ، ٻيو عروج ۽ ٽيون انتها. جنهن مان اها مراد ورتي ويندي آهي تہ واقعي جي ابتدا ڪيئن ٿي، واقعي ۾ عروج ڪيئن آيو، جنهن ڪري پڙهندڙ جي دلچسپي پڻ شامل ٿي ويندي جو هو ان جي انتها (ڪلائيميڪس) پڻ پڙهڻ پسند ڪندو، پر ضروري ناهي ڪيترين ئي ڪهاڻيون انتها (ڪلائيميڪس) کان ٻہ شروع ٿينديون آهن تہ عروج کان پيي.
ناليوارو ليکڪ اشتياق انصاري پنهنجي ڪتاب " انيس انصاري: فن ۽ شخصيت" ۾ پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو:

> "ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ وڏي اهميت رکي ٿو، ڪهاڻي جو تاڃي پيٽو پلاٽ تي ٻڌل هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ پلاٽ ڪهاڻيءَ جي ترتيب ۽ سٽاءَ جو نالو آهي. پلاٽ زندگيءَ جي ڪنهن بہ واقعي يا

حادثي تي مشتمل هوندو آهي، جنهن کي ڪهاڻيڪار هڪ خوبصورت ترتيب ڏئي، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو آهي.” (17)

مطلب ڪو به واقعو يا حادثو، جنهن تي ڪهاڻي لکي وڃي. ان کي پلاٽ چئبو آهي. هتي اسان حليم بروهيءَ جي ڪهاڻي روپوش جو شروعاتي ٽڪرو مثال طور کڻون ٿا:

“مون روپوشن جي لسٽ تي نظر ڊوڙائي. ٻه سؤ کان وڌيڪ نالا هئا لسٽ ۾. منهنجو ٽيمپر لوز ٿيڻ لڳو. جنهن ضلعي ۾ ٻه سؤ روپوش هجن، تنهن ضلعي جا پوليس آفيسر يا ته رشوتي هئا، يا نا اهل هئا. مان اٿيس ۽ لسٽ کڻي ڪانفرنس روم ڏانهن روانو ٿيس.منهنجي وک تکي هئي، تنهنڪري اردلي ڊڪندو منهنجي اڳيان هليو. ڪانفرنس روم جو اردليءَ تڙتڪڙ ۾ در کوليو، ۽ در مان اندر داخل ٿيندي مون ڪَرڙي نظر صوبيدارن تي ڦيرائي جيڪي ٺپ ڏئي ڪرسين تان اٿي کڙا ٿيا هئا. لسٽ ٽيبل تي رکي مون ان تي پنهنجو هٿ رکيو، ۽ صوبيدارن تي نظر ڊوڙائيندي مون چيو ته، “پين ٻالهين تي مان ڪنهن ٻي ميٽنگ ۾ ٻالهائيندس. هن لسٽ ۾ مون وٽ انهن روپوشن جا نالا آهن جيڪي حيدرآباد ضلعي جي مختلف ٿاڻن کي ڪيسن ۾ گهربل آهن. هن لسٽ ۾ ٻه سؤ نالا آهن. ٻه سؤ نالا گهٽ ڪينهن. تمام گهڻا آهن. جنهن ضلعي ۾ ٻه سؤ ائبسڪانڊر هجن تنهن ضلعي جا پوليس آفيسر يا ته رشوتي آهن يا نا اهل آهن. جيڪڏهن اوهان رشوتي به نه آهيو ۽ نا اهل به نه آهيو، ته پوءِ هي ٻه سؤ روپوش ڇو اڃان هن لسٽ تي آهن؟ اها ائبسڪانڊرس جي لسٽ هر هڪ ٿاڻي تي هوندي آهي. هر هڪ ٿاڻي تي هنن ائبسڪانڊرس جا فوٽا هوندا آهن. مان ڊائريڪٽ ايس. پي پرتي نه ٿيو آهيان. مان صوبيداريءَ مان چڙهي ايس.

پي ٿيو آهيان. مون کي خبر آهي، تہ صوبيدارن کي خبر هوندي آهي، تہ سندن تَر ۾ ڪهڙا روپوش رهندا آهن ۽ ڇا ڪندا آهن.” (18)

هن ڪهاڻي ۾ هڪ پوليس آفيسر پنهنجي علائقي جي ننڍين عملدارن کي ان علائقي جي روپوشن جي لسٽ بابت ہدائيندي حڪم جاري ڪري ٿو تہ ڪيس اهي روپوش حراست ۾ گهرجن، ڇو تہ سندس تجربو آهي تہ هر ٿاڻي جي حد ۾ رهيل چورن، لوفرن ۽ ڌوهارين جي صوبيدار کي خبر هوندي آهي. هن ڪهاڻي جو پلاٽ پوليس ڊپارٽمينٽ جي ان ايس پي، صوبيدارن ۽ روپوشن جي چوڌاري ڦري ٿو، جن جي لسٽ ٿاڻي تي موجود آهي. ان ڪهاڻي ۾ موجود ان بيان يا گفتگو جي سلسلي کي پلاٽ سڏجي ٿو.

## ڪردار Character:

ڪردار اهي وجود هوندا آهن، جن جي چوڌاري اهو پلاٽ ڦرندو رهندو آهي. يعنيٰ اهو واقعو جن ماڻهن/جانورن/شين سان پيش آيو، اهي ڪهاڻي جا ڪردار آهن. ڪردار جيئرا جاڳندا پيي ٿي سگهن ٿا تہ بي جان پيي.
هونئن تہ اڪثر ڪري ماڻهن، جانورن ۽ نظر نہ ايندڙ مخلوقن کي ڪهاڻي جو ڪردار تسليم ڪيو ويندو هو پر هاڻي بي جان شيون، ديوار، ڇت، ڪٽ، پين، چنبڙ، ڪتاب وغيره ڪهاڻين ۾ ڪردارن طور ڪتب آندا وڃن ٿا.
جيئن اسان مٿي حليم بروهيءَ جي ڪهاڻي روپوش جي شروعاتي ٽڪرو رکيو آهي، جنهن ۾ هڪ نئون ايس پي، حيدرآباد پوليس جي مختلف ٿاڻن جي صوبيدارن سان گفتگو ڪندي روپوشن جي لسٽ پيش ڪري ٿو. مٿين ٽڪري ۾ اهو ايس پي، سڀ صوبيدار ۽ اهي روپوش ان ڪهاڻيءَ جا ڪردار آهن، باقي بيجان شين کي ڪردار طور استعمال ڪرڻ جو مثال پائلو ڪوهلو جي “پينسل” ڪهاڻيءَ مان پيش ڪريان ٿو:

“هڪ ڇوڪرو پنهنجي ڏاڏيءَ کي خط لکندي ڏسي رهيو هو ۽ نيٺ ڪانئس پڇائين: “ڇا توهان ان بابت ڪهاڻي لکي رهيا آهيو، جيڪو سڀ اسان ڪيو آهي؟ ڇا هي ڪهاڻي منهنجي

باري ۾ آهي؟ سندس ڏاڏي خط لکڻ بند ڪيو ۽ پنهنجي پوٽي کي چوڻ لڳي، "مان واقعي تنهنجي باري ۾ لکي رهي آهيان، پر حقيقي لفظن کان وڌيڪ هيءَ پينسل جيڪا مان استعمال ڪري رهي آهيان، اها اهم آهي. مان اميد ٿي ڪيان تہ جڏهن تون وڏو ٿئين تہ هن پينسل جيئن هجين"
پريشان ٿيندي، ڇوڪري پينسل ڏينهن ڏٺو، جنهن ۾ هن کي ڪا شيءِ نظر نہ آئي.
"پر اها تہ پين عام پينسل جيئن آهي."
"اهو تہ توتي آهي تہ تون شين کي ڪيئن ٿو ڏسين، انهيءَ ۾ 5 خاصيتون آهن جيڪي اگر تون هنڊائين تہ توکي هڪ پرامن ۽ پرسڪون ماڻهو بڻائينديون." ڏاڏي چيو ۽ ڳالهہ کي جاري رکيو." (19)

مٿي ذڪر ڪيل ڪهاڻيءَ ۾ پينسل کي هڪ ڪردار طور پيش ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح مختلف بيجان شين کي ڪهاڻين ۾ ڪردارن طور ڪتب آندو ويندو آهي.

## ڊائلاگ (مڪالما Dialogue):

ڪردارن پاران ڪيل گفتگو يا ڳالهہ ٻولهہ کي مڪالما Dialogues سڏبو آهي. مڪالما ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ جي جان ٿين ٿا. ڪهاڻين جو هيئت جي لحاظ کان هڪڙو قسم ڊائلاگ ڪهاڻي پڻ آهي. مڪالمن ذريعي ڪهاڻي جي ڪردارن توڙي پلاٽ کي واضح ڪيو ويندو آهي. مڪالما پڻ ڪردارن جي وچ ۾ يا هڪڙي ئي ڪردار جي ذهني ڪيفيت ڏيکارڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن.
هتي اسان نسيم کرل جي مشهور ڪهاڻي ڪافر مان ڪجهہ ڊائلاگ/مڪالما مثال طور پيش ڪريون ٿا:

" جڏهن سيتل مسيت ۾ ويئو، تڏهن مولوي صاحب بلند آواز ۾ سيتل کان پڇيو: "بابا، تون ۽ مائي تلي، دين محمدي قبول ڪرڻ گهرو ٿا؟"

"ها مولبي صاحب."
"پنهنجي رضا خوشي سان يا زور زبردستيءَ سان؟"
"پنهنجي رجا سان، سائين."
"تون بہ مائي تلي؟"
"ها سائين." هڪ نويڪليءَ ڪنڊ ۾ ويٺل مائي تليءَ جواب ڏنو. مولوي صاحب اهو پڌي ڏاڍيان جماعتين کان پڇيو:
"پڌو ٿا برادران؟"
"ها پڌون ٿا." گهڻن جماعتين جواب ڏنو.
مولوي صاحب اشهد آڱر چت ڏانهن کنئي ۽ تي ڀيرا بلند آواز سان چيائين: "اي الله! تون شاهد هججانءِ، اي الله! تون شاهد هججانءِ، اي الله! تون شاهد هججانءِ." ائين چئي مولوي صاحب وري سيتل کان پڇيو: "روزا بہ رکندين ۽ نماز بہ پنج وقت باجماعت پڙهندين؟"
"ها سائين، روجا بہ رکندس ۽ نماج بہ پڙهندس."
"سونهاري بہ شرعي حد تائين رکائيندين."
"رکائيندس." سيتل، صدق دل سان چيو." (20)

مٿي ذکر ڪيل ٽڪري ۾ مسجد جي مولوي ۽ اوڏن جي نئين مسلمان ٿيندڙ جوڙي سيتل ۽ جوٽس تليءَ جي گفتگو ڏيکاري وئي آهي، جنهن کي ڪهاڻي يا افساني ۾ ڊائلاگ يا مڪالما سڏبو آهي.

## واقعو Incident:

هتي واقعي مان مراد پلاٽ جو اهو مرڪزي مونجهارو Crisis آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ جو روح آهي، جنهن تي اها ڪهاڻي آڌاريل آهي. دراصل واقعو يا حادثو ئي ان ڪهاڻيءَ جو روح هوندو آهي ۽ پلاٽ ان کي پيش ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي.

واقعي جو ذڪر اسان جنرلزم جي شاگردن کي ڳالھ ۽ خبر جي فرق معلوم ڪرڻ واري انداز طور پيش ڪري آيا آهيون تہ جڏهن ڪتو ڪنهن ماڻهوءَ کي چڪ پائي ٿو تہ اهو واقعو آهي، جيڪڏهن ماڻهو ان ڪتي کي چڪ

پائي تہ اها خبر آهي. واقعو ڪنهن بہ ماڻهو، جانور، شيءِ يا فطرت اندر پيش آيل ڪنهن اوچتي تبديليءَ جو نالو آهي. ماڻهوءَ جو مري وڃڻ، دل ٽٽڻ، حادثو ٿيڻ وغيره ڪي واقعو تصور ڪيو ويندو آهي. ڪهاڻيءَ يا افساني ۾ واقعو ان مرڪزي ڳالهہ کي سڏيو ويندو آهي، جنهن تي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ٻڌل هوندو آهي.

واقعي کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ هتي ناميادي ڪهاڻيڪار منظور ڪوهيار جي ڪهاڻي "مالِ غنيمت" مان ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

"استاد متل چڱو ڀلو هو. معمول مطابق رات جو ٻارنهن وڳي پنڪچر جو دڪان بند ڪري گهر پهتو. هٿ منهن ڌوئي اچي کٽ تي ويٺو. جوٺهس چانور ۽ پٽاٽا اڳيان آڻي رکيا. ڪائي ڪير جو وٽو پيي، اوڳرائي ڏئي، اجا ليٽيو مس تہ اوچتو سيني ۾ سور جي سٽ اُڀريس. دانهن ڪري چيائين: 'نصيبان الائي ڇا ٿو ٿئي!؟' جيستائين نصيبان پاڙي جي ڊاڪٽر (ڪمپائونڊر) ڏي ڀڳي، وٺي آئي، تيستائين ساهہ نہ تو ڏنو نہ مون ڏٺو.

سڄو پاڙو صبح سان اٿلي پيو. استاد متل جي سڀ سان ٻانهن ٻڌڻ واري وات هئي. ڪنهن سان ڏند اگهاڙي نہ ڳالهائين، نہ ڏيگهہ رکيائين. ڪم سان ڪم رکڻ وارو شخص هيو. جنهن ٻڌو سو لڙي آيو." (21)

مٿي بيان ڪيل ٽڪري ۾ استاد متل جي اوچتي مرڻ جو واقعو پيش اچي ٿو، ۽ اڳتي هلي اهو ان جي زال ۽ ڌيئرن لاءِ مونجهاري جو سبب بڻجي ٿو، ڇو تہ ان جي مُئي پڇاڙان اهي نڌڪيون بڻجي مٿن مائٽن لاءِ مالِ غنيمت بڻجي وڃن ٿيون.

## طرزِ تحرير (اسلوب) Diction:

خيالات بيان ڪرڻ ۽ جذبات ظاهر ڪرڻ جي ڍنگ جو نالو اسلوب آهي. اسلوب ليکڪ جي لکت جو ڏانءُ ظاهر ڪندو آهي، جنهن مان اهو پتو

لڳائي سگهجي ٿو تہ ليکڪ ڪهڙن لفظن وسيلي خيالن جي ادائگي ڪري ٿو. اسلوب کي مصنف جي شخصيت جو مظهر سڏيو ويندو آهي. اسلوب نثر ۽ نظم ۾ الڳ الڳ مفهوم رکي ٿو. جنهن بہ ليکڪ جي لکڻيءَ ۾ انفراديت هوندي آهي تہ ان کي الڳ يا منفرد لهجي يا اسلوب وارو ليکڪ تسليم ڪيو ويندو آهي، مثال امر جليل جي ڪهاڻين يا ناولن ۾ انتهائي سنجيدهہ موضوع هجڻ باوجود کلڻ يا مسڪرائڻ تي مجبور ڪندڙ ڇهنڊڙيون موجود هونديون آهن، جمال ابڙي جي تحرير ۾ انتهائي اختصار ۽ ڪهاڻي جي پلاٽ مطابق ٿي گفتگو هوندي آهي، لفظن جي چونڊ انتهائي موزون ۽ ماحول مطابق هوندي آهي. نسيم کرل جي لکڻين ۾ اڳتي وڌڻ واري رواني پيش ڪيل هوندي آهي، ان جي ڪهاڻيءَ ۾ ماضيءَ جي فليش بئڪ جو استعمال بلڪل ناهي، تنهن ڪري ان کي ڪَلَ جو ڪهاڻيڪار سڏيو ويندو آهي، جنهن جو تعلق ٻاهر جي دنيا سان آهي، اندر جي دنيا سان نہ. ان قسم جي انفراديت کي اسلوب سڏجي ٿو.

نوٽ: اسلوب جو سڌوسنئون واسطو ڪهاڻيءَ سان ناهي، دراصل اسلوب ليکڪ جي لکڻ جو انداز هوندو آهي.

## مرڪزي خيال Theme :

مرڪزي خيال ان نڪتي کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن خيال ڪان اها ڪهاڻي لکي وئي آهي، يعنيٰ ان ڪهاڻي بيان ڪرڻ پويان درحقيقت ڪهڙو مقصد آهي. آيا ڪهاڻيڪار فقط تفريح واسطي اهو قصو بيان ڪيو آهي يا هو ان وسيلي ڪو نہ ڪو پيغام پڻ ڏيڻ چاهي ٿو. مثال طور جمال ابڙي جي ڪهاڻي پشو پاشا پويان ڪهڙو مقصد رکيل آهي، نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ڇوڏو ڪهڙو پيغام ڏئي رهي آهي يا امر جليل جي افساني اروڙ جو مست ۾ ڪهڙي مقصديت لکل آهي. مرڪزي خيال دراصل اها مقصديت آهي، جيڪا ان واقعي يا حادثي بيان ڪرڻ پٺيان لڪل آهي. پشو پاشا جو مرڪزي خيال اهو آهي تہ عدل ۽ انصاف لاءِ اتي ڪڙو ٿيل هڪ جهنگلي ڪردار جڏهن پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ ڪورٽ پهچي ٿو تہ ان سان گڏ هڪ تمام وڏو سٽ پڻ اتي فيصلو ٻڌڻ پهچي وڃي ٿو. هن ڪهاڻي جو مرڪزي خيال طبقاتي نظام

خلاف هيٺين طبقي جي جدوجهد آهي، اهڙي طرح ڇوڏو ۽ اروڙ جو مست ڪهاڻين جو مرڪزي خيال عقيدي پرستيءَ ڪي ننڌڻ آهي.

## اختتام Climax :

پڇاڙي وسيلي ليکڪ ان مرڪزي خيال بابت ڪونہ ڪو پيغام ڏيندو آهي. جنهن مان ان واقعي جو حل پڻ معلوم ٿيندو آهي. اختتام هميشہ غير متوقع هجڻ گهرجي، فلمن يا لوڪ ڪهاڻين جيان هيرو جي فتح ۽ ولين جي ناڪامي يا بربادي واري رواجي اختتام کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اختتام انتهائي انوکو ۽ ڇرڪائيندڙ هجڻ کپي، جيڪو پڙهندڙ جي توقعات جي ابتڙ هجي يا کيس سوچڻ تي مجبور ڪري.

اختتام کي سمجهڻ لاءِ اسين نسيم کرل جي ڪهاڻي ڪافر جو مثال پيش ڪريون ٿا، جنهن ۾ مسجد جو مولوي هڪ اوڏ جوڙي کي مسلمان ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي اوڏن جو مُکي پنهنجي دليل سان لاجواب ڪري ٿو وجهي، نتيجي ۾ نئون مسلمان ٿيل اوڏ پيهر پنهنجو ساڳيو ڌرم اختيار ڪري ٿو، مثال طور ان ڪهاڻي جا اختتامي جملا هتي پيش ڪجن ٿا.

> "مکي ڦڳڻ مل، پنهنجو گهربل داءُ وني، مرڪيو. عبدالله جي منهن مان رت ڇڏي ويو. هن جا چپ ڏڪڻ لڳا. اکين جي الائي ڪهڙين ڪندن مان ڳوڙها نڪتا، جن سندس ماٽڪيون آليون ڪري ڇڏيون. جيسين اهي ڳوڙها ڇپرن ۽ پنبڻين جو بند ڀڃي ڳلن ڏانهن وڃن، هو مکي جي چنبي ۾ چنبو ڏيئي، مسيت ڏانهن وڃڻ بجاءِ پنهنجي اباڻن پکن ڏي موٽيو.
>
> ٻئي ڏينهن عبدالله پئنچايت ۾ ڏنڊ ڀري رکيل ڏاڙهي کوڙائي ۽ سونيون کيوٽيون کنن ۾ پائي، سائو گهاري ۾ وهنجي، پاڻ کي اوڏن جي رسم موجب "پاڪ" ڪيو تہ هوڏانهن ڳوٺ واري مسيت ۾ ٽيپهري جي نماز کان پوءِ، هڪ جماعتيءَ مولوي صاحب کي چيو: "مولوي صاحب، ڪتو ڇا ڇاٽي ڪٽڪ جي مانيءَ مان."

پئي چيو: ”سائين گڏھ ڪي پنج-سنجيون پارائي، گهوڙن سان ٻيهاريو تہ ڪو گهوڙو ڪو نہ ٿي پوندو!“
آخر ۾ مولوي اميد علي پنهنجي سونهاريءَ ڪي هٿ سان سنواريندي چيو: ”ها ابا! سچ ٿا چئو، ڪافر نيٺ ڪافر!“
(22)

مٿي ذڪر ڪيل مختصر ڪهاڻيءَ جا عنصر اسان وٽ ڪهاڻيءَ جي فن جي روايتي استادن پاران پڌرا ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ دنيا جي مڙني ٻولين جي ادب ۾ ان لاءِ مختلف ماپا مقرر ڪيل آهن. خاص ڪري عالمي ادب ۾ مختصر ڪهاڻيءَ جي عنصرن جي جديد بناوت هن ريت پڌائي وئي آهي.

1. شروعات/آغاز (Exposition): جنهن ۾ مرڪزي ڪردار توڙي خيال لاءِ وضاحتي بيان ڪندي ماحول جوڙيو ويندو آهي.
2. پيچيدگي/مونجهارو(Complication): اهو اپرندڙ واقعو، جيڪو تضاد جو سبب بڻيو.
3. فيصلہ ڪن گهڙي (Crisis): مسئلي جي اپرڻ يا نسرڻ جو وقت، بحران.
4. پڄاڻي(Climax): مسئلي جي حل طرف روانگي يا حل.

آمريڪي ادب ۾ وري مختصر ڪهاڻيءَ جا پنج عنصر Elements ڄاڻايا ويا آهن.

1. ڪردار Character
2. ماحول Setting
3. پلاٽ Plot
4. مسئلو Conflict
5. مرڪزي خيال Theme

هند جي محقق جڳديش لڇاڻي، جنهن 1985ع ۾ ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“ تي ٿيسز لکي، بمبئي يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس آف فلاسافيءَ جي ڊگري ورتي، سو پنهنجي ان ڪتاب ۾ ڪهاڻيءَ جي عنصرن ڪي هن ريت بيان ڪيو آهي:

"ڪهاڻيءَ جا مکيہ مقرر ڪيل عناصر آهن، ڪٿا وستو يا پلاٽ، ڪردار، گفتگو، ماحول، عبارت ۽ چرمسيما وغيره. سماجڪ ڪهاڻي، اتهاسڪ ڪهاڻي، ڊارمڪ ڪهاڻي، ڪردارنگاريءَ واري ڪهاڻي، آدرشي يا اخلاقي ڪهاڻي، ماحول جو چترڻ ڪندڙ ڪهاڻي وغيره جهڙين فتوائن پٽيان بہ اڳوات مقرر ڪيل ماپا يا عناصر ئي آهن." (23)

ناميارو محقق، نقاد ۽ شاعر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي پي ايڇ ڊي جي مقالي "شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو" ۾ ڪهاڻي جي فني لوازمات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"افساني ۾ هيٺين فني خصوصيتن ۽ خوبين جو هئڻ لازمي آهي.
1. پلاٽ 2. ڪردار نگاري 3. مڪالما يا گفتگو 4. مرڪزي نقطءِ خيال 5. اسلوبِ بيان 6. آغاز ۽ انجام" (24)

ڊاڪٽر صاحب تفصيل سان پنهنجي ان تحقيقي ڪتاب ۾ انهن عنصرن تي تحقيقي نظر وجهندي الڳ الڳ بحث پڻ ڪيو آهي. جڏهن تہ ناليوارو ليکڪ اشتياق انصاري پنهنجي ڪتاب " انيس انصاري: فن ۽ شخصيت" ۾ ڪهاڻي جي جزن جي ساڳي ترتيب ڏني آهي، جنهن ۾ پلاٽ، موضوع، ڪردارنگاري، اسلوب، منظرنگاري ۽ ٻولي شامل آهن.

نامياري محقق امير علي چانڊيي پنهنجي مضمون "ڪهاڻي ۽ ان جا ترڪيبي جزا" ۾ ڪهاڻيءَ جا ست عنصر بيان ڪيا آهي، جيڪي هن طرح آهن.

1. پلاٽ يا سٽاءُ Plot
2. ڪردار Characters
3. نقطہ نظر Point Of View
4. سيٽنگ Setting
5. اسلوب يا ڍانڍ Style
6. ٻولي Diction
7. موضوع Theme

# ڪهاڻيءَ جون فني خوبيون:

ڪهاڻي پڙهندڙ جي شيءِ هئي ۽ هاڻي لکڻ ۽ ڏيکارڻ جي رابطي وسيلي پين تائين پهچي ٿي، ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪي اصول ۽ خوبيون هونديون آهن، تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**ڪهاڻي/افسانو مختصر ٿيندو آهي:**

فرانس جي صنعتي انقلاب کان پوءِ ڏگها ناول پڙهڻ جو وقت نه رهيو ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي واري فارمولي تحت مختصر ڪهاڻي ايجاد ڪندي لکي وئي ۽ ان عالمي طور تي مڃتا ماڻي. مختصر ڪهاڻي جي ان دؤر جي وصف موجب ناول کان ننڍي ڪهاڻي هئي. تنهن ڪري ئي ايڊگر ايلن پو ان جي وضاحت هڪ ئي نشست يعني اڌ ڪا ٻن ڪلاڪن تائين پڙهي پوري ڪرڻ واري ڪئي هئي پر مختصر ڪهاڻي واقعي جي پلاٽ تي مدار رکي ٿي، واقعو جيترو طويل يا مختصر هجي، ڪهاڻي به ان جي ضرورت موجب هجڻ گهرجي. مختصر ڪهاڻي جي خوبصورتي ڊيگهه نه پر اختصار ۾ آهي، ڪهاڻي جيتري ننڍي هوندي اوتري وڌيڪ دلچسپ محسوس ٿيندي ڇو ته افسانو لکيو ئي ڪو نه ڪو تاثر ڏيڻ لاءِ آهي ۽ اهو تاثر هڪ ست مان به ملي سگهي ٿو.

**دلچسپي ۽ تجسس:**

واقعي، پلاٽ يا انداز بيان ۾ ايتري ته دلچسپي پيدا ڪئي وڃي جو پڙهندڙ ڪڏهين پڃ اڌ ۾ ڇڏڻ جو سوچي به نه، ڇو ته مختصر ڪهاڻي جي بنيادي گهرج دلچسپي پڻ آهي. دلچسپيءَ سان گڏوگڏ تجسس پڻ مختصر ڪهاڻيءَ جو لازم حصو آهي. ڇو ته مختصر ڪهاڻي ننڍڙي ٿيندي آهي ان لاءِ پڙهندڙ جي دلچسپي قائم رکڻ لاءِ تجسس پيدا ڪرڻ لازمي آهي. ان لاءِ چيو ويو آهي ته ڪهاڻي يا ناول شطرنج وانگر آهن، پهريون داءُ ئي ٻڌائيندو آهي ته اوهان کٽيندا يا هارائيندا. اهڙي طرح ڪهاڻي يا ناول جو پهريون جملو ئي نه فقط پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائي پر اهو آخري جملي تائين پڙهڻ تي مجبور پڻ ڪندڙ هجي.

**تاثر جي وحدت:**

مختصر ڪهاڻي يا افساني ۾ فقط هڪ ئي واقعو بيان ڪيو ويندو آهي ۽ اها ئي ڪهاڻي يا افساني جي بنيادي گهرج آهي. ڪهاڻي ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ واسطي يا پڙهندڙ جو ڌيان ۽ دلچسپي برقرار رکڻ لاءِ مرڪزي واقعي سان سلهاڙيل پيون ڳالهيون پڻ پيش ڪيون وينديون آهن پر واقعو فقط هڪ ئي هوندو ان ڪي تاثر جي وحدت سڏيو ويندو آهي.

**پلاٽ جي ترتيب:**

ناول ۽ مختصر ڪهاڻي جي پلاٽ ۾ فرق هوندو آهي، ناول گهڻن واقعن تي مبني هوندو آهي ۽ ڪهاڻي فقط هڪڙي واقعي تي، ان لاءِ ناول جي پلاٽ ۾ واقعن جي ترتيب رکي ويندي آهي، جڏهن تہ مختصر ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ جي ترتيب ۽ تنظيم رکي ويندي آهي تہ واقعي ڪي ڪيئن ۽ ڪٿان شروع ڪندي ڪٿي ختم ڪرڻو آهي.

**ماحول پيدا ڪرڻ:**

افساني اندر ماحول جو خاص خيال رکيو ويندو آهي، جهڙي قسم جو واقعو هجي، جهڙي سماج اندر اهو واقعو، جهڙي ڪلاس جي ڪردارن سان پيش آيو هجي ان ئي قسم جو ماحول جوڙيو وڃي، ڪردارن جي ٻولي انهن جي ماحول مطابق هجڻ گهرجي. ڪردار ڪي نظر ۾ رکي ان جا مڪالما لکيا وڃن. ڪردار چور آهي تہ مڪالمن مان بہ محسوس ٿيڻ گهرجي، ڪردار شرابي آهي تہ ان جي ٻوليءَ مان محسوس ٿيڻ گهرجي، ڪردار مذهبي آهي تہ ان جي گفتگو مان اهڙو تاثر ملڻ گهرجي. پڙهندڙ جي سوچ ڪجهہ ٻي يا مخلتف ٿي سگهي ٿي، ڪوشش ڪجي تي ڪردار جي منهن مهانڊي ڪي بيان ڪجي جيئن ان جو خاڪو پڙهندڙ جي ذهن ۾ پڻ جڙي. ليڪڪ واضح بياني ڪان ڪم وٺي ۽ مبهم پڻي ڪان احتياط ڪري.

**آغاز ۽ انجام:**

هر ڪهاڻي جو ڪونہ ڪو آغاز ۽ انجام هوندو آهي اها ليڪڪ جي مرضي آهي تہ اهو ڪهاڻي ڪٿان ٿو شروع ڪري آغاز ڪان يا انجام ڪان يا وچ مان. بهترين تاثر لاءِ ڪهاڻي جو انجام ڀرپور هجڻ گهرجي. جيڪو پڙهندڙن تي ڪيفيت طاري ڪري ۽ پنهنجو اثر ڇڏي.

# ڪهاڻي ڪيئن لکجي؟:

سٺي ڪهاڻي لکڻ لاءِ سٺو مطالعو لازمي آهي، جيتريون وڌيڪ بهتر ۽ الڳ الڳ انداز واريون تخليقي ڪهاڻيون پڙهبيون اوتري ئي بهتر ۽ تخليقي ڪهاڻي لکي سگهبي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اسان جا نوجوان اخبارن، ڊائجسٽن ۽ غير معياري رسالن کي وڏي شوق سان پڙهندا آهن، جتي جهڙو تهڙو مواد شايع ٿيندو رهندو آهي، اڪثر اخبارون ۽ ڊائجسٽ پنهنجي ڪُک ڀرڻ لاءِ وڌيڪ محنت کان بچڻ واسطي غير معياري ۽ جاسوسي توڙي هيجاني ڪهاڻيون شايع ڪندا رهندا آهن، اهڙيون ڪهاڻيون پڙهي ڪابه تخليقي ڪهاڻي لکڻ ناممڪن آهي، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته معياري ڪهاڻي لکڻ لاءِ سٺيني ٻولين ۾ لکيل معياري ڪهاڻيون پڙهجن. ڪهاڻي لکڻ وقت هنن ڳالهين کان پرهيز ڪجي؛ ڪهاڻي اندر شاعراڻي انداز جو استعمال نه ڪجي، ڇو ته ڪهاڻي نثري صنف آهي، ان کي نثر ئي رهڻ ڏجي، فقط سٺي ٻولي يا خوبصورت تشبيهون لکڻ ئي ڪهاڻي ناهي، ڪهاڻي اندر ڪهاڻي پڻو رکڻ گهرجي، بيانيه حصي ۾ اڌ اکري يا ابتو گرامر ڪتب نه آڻجي، جملي يا ڊائلاگ جي پويان .......... ڏاٽ ڏاٽ جا نشان نه ڇڏجن، وٽيءَ لاءِ وڌ ۾ وڌ ٽي نشان ڪافي آهن، ڪهاڻي فقط واقعو بيان ڪرڻ ناهي هوندي ان واقعي کي انجام تائين پهچائڻ جو نالو ڪهاڻي آهي.

ڪهاڻيءَ جي تاريخ، ارتقا، فن ۽ عنصرن بابت اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون، هتي اوهان کي فقط اهي ڪجهه ڳالهيون ٻڌايون ويندو، جيڪي هڪ معياري ڪهاڻي لکڻ لاءِ ضروري آهن. هتي اسان اهو ذڪر ڪنداسين ته آخر ڪهاڻي ڪيئن لکجي؟

## ڪهاڻي ڪيئن لکجي؟

هڪ معياري، فني لحاظ کان مڪمل ۽ پختي ڪهاڻي لکڻ لاءِ هيٺين ذهن ڳالهين جو خاص خيال رکڻ ضروري آهي ڇو ته بهترين تاثر ڇڏيندڙ ڪهاڻيءَ جو فني طور مضبوط هجڻ پڻ ضروري آهي.

1. **ڪهاڻي لکڻ لاءِ پهرين پيون تخليقي معياري ڪهاڻيون پڙهو:** ڇو ته جيستائين اسان بهترين ڪهاڻيون نه پڙهنداسين ته اسان وٽ ڪهاڻيءَ جو تخليقي تصور ئي نه جڙندو. بهترين ڪهاڻي نه فقط ليکڪ جي احساسن جي عڪاسي ڪندي آهي پر پڙهندڙن ۾ پڻ احساس پيدا ڪندي آهي. تخليقي ادب جو پروفيسر ايليسن گولڊن (Allyson Goldin) صلاح ڏيندي چوي ٿو ته "بهترين ڪهاڻي لکڻ لاءِ چيخوف ۽ ارنيسٽ هيمنگوي جهڙا ليکڪ پڙهو نه ته گهٽ ۾ گهٽ چيخوف کي ته ضرور پڙهو، ان کي پڙهڻ سان سٺي تخليقي ڪهاڻي لکڻ سکي سگهجي ٿي." اسٽيفن ڪنگ (Stephin King) لکيو آهي ته "جيڪڏهن اوهان وٽ پڙهڻ لاءِ وقت ناهي ته لکڻ لاءِ به نه هجڻ گهرجي."
2. **پهريون پيراگراف دلچسپ رکو:** پهريون جملو يا پيراگراف اهڙو لکو، جيڪو ڌيان ڇڪائيندڙ عمل وارو هجي، غير روايتي ۽ غير متوقع ڇڪتاڻ سان ڀريل هجي.
3. **ڪردار اهڙو پيش ڪريو، جنهن جي شخصيت جي هر پاسي کان اوهان باخبر هجو:** هڪ زنده، گهڻ رخو ڪردار پيدا ڪرڻ لاءِ اهم آهي ته توهان ان ڪردار بابت هر شيءِ کان واقف هجو، مثلن ان جي نالي، عمر، ڪم، نسل، مهانڊي، رهائش، مذهب، طبيعت، پسند نا پسند، اوڻاين ۽ ڪمزورين، محبت ۽ نفرت، خوف، سنگت ساٿ، رازن، اٿڻي ويهڻي وغيره.
4. **ڪهاڻي ڪير ٻڌائيندو؟:** هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ اهو اوهان کي فيصلو ڪرڻو آهي ته اها ڪهاڻي ڪير ٻڌائيندو؟ اها ڪهاڻي Subjective هوندي يا Objective، هتي سبجيڪٽو مان مراد اها ڪهاڻي ڪو ڪردار بيان ڪندو ويندو ۽ آبجيڪٽو مان مراد ته يا ڪهاڻيڪار پاڻ ٽين ڌر بڻجي اهو واقعو بيان ڪندو ويندو.
5. **با مقصد ۽ با معنيٰ گفتگو:** ڪردارن جي ڪيل گفتگو با مقصد هجي ائين نه هجي ته ڳالهه ڪندا هجون ڪنهن هاريءَ جي ۽ ڪردار وٺا

ملڪي حالات تي گفتگو ڪن. ڪهاڻي کي اڳتي وڌي هلندڙ، با معنيٰ ڳالهه ٻولهه شامل ڪجي.

6. **ماحول ۽ پس منظر جوڙجي:** ماحول ۾ وقت، جاءِ، پس منظر ۽ وايو منڊل شامل آهن، جن ۾ وري پلاٽ هوندو آهي. پڙهندڙن کي ماحول ۽ پس منظر تڏهن دلچسپ لڳندو جڏهن اهو پلاٽ ۽ واقعي سان ٺهڪندڙ يا هم آهنگ هوندو. ماحول کي ڪردارن ۽ پلاٽ سان جوڙڻ گهرجي.

7. **پلاٽ جوڙڻ:** ڪهاڻي ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو هوندو آهي، ان کي پلاٽ چئبو آهي، ڪردار ڇا ڪري رهيا آهن، ڇا ڪندا ۽ ڪيئن ڪندا ان کي پلاٽ سڏيو ويندو آهي. جين برووي (Jane Burroway) پلاٽ جي باري ۾ چوي ٿو تہ "پلاٽ واقعن جو تسلسل آهي، جن کي ڄاڻي واڻي ڊرامائي، موضوعاتي يا جذباتي ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ جوڙيو ويندو آهي."

8. **ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ:** ٽڪراءُ، تضاد يا ڇڪتاڻ ڪردارن جي وچ ۾ مخالفت سان پيدا ٿيندي آهي جنهن ڪري ٽينشن جنم وٺندو آهي ۽ اهو ٽينشن افساني ۾ دلچسپي پيدا ڪندو آهي. جين برووي ان ڇڪتاڻ کي هن طرح بيان ڪيو آهي تہ "ڇڪتاڻ افسانوي ادب جو بنيادي عنصر آهي، بنيادي ان ڪري جو ان سان ادب ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي آهي ۽ اها ڇڪتاڻ زندگيءَ جي عظيم موضوعن کي ڪهاڻيءَ ۾ تبديل ڪندي آهي."

9. **ڪلائيميڪس طرف وڌي اچو:** هاڻي ان ڇڪتاڻ کي ڪلائيميڪس جو ڏڳ ڏيکاريو جيڪا هڪ فيصلہ ڪن گهڙي هوندي آهي، جنهن ۾ پرجوش ۽ ڊرامائي لمحا هوندا آهن.

10. **حل ڪيڻ:** شارٽ اسٽوري ۾ مڪمل حل ڏيڻ ڏکيو ڪم آهي، هتي فقط ڇڪتاڻ جو حل پيش ڪيو ويندو، جنهن جي نتيجي ۾ مکيہ ڪردار يا ٻين ڪردارن جي رويي ۾ تبديلي اَچي پوندي يا پاسو بدلائيندي نئين رُخ کان ڏسڻ جي شروعات ڪرائي ويندي.

هڪ ٻي ڳالهہ تہ معياري ڪهاڻيءَ لاءِ واقعي جي چونڊ ۽ پلاٽ اندر ان جي ترتيب پڻ اهميت لهڻي ٿي. واقعي يا حادثي جي چونڊ وقت ان ڳالهہ جو خيال رکڻ لازمي آهي تہ ڪهاڻي لاءِ اهو واقعو يا حادثو مناسب آهي بہ يا نہ. جيڪڏهن مناسب سمجهو ٿا تہ ان جي پلاٽ ترتيب ڏيڻ لاءِ لائحہ عمل جوڙيو تہ ڪهاڻي ڪيئن ۽ ڪٿان شروع ڪجي؟ ليڪڪ جو ڪم ان ڪهاڻيءَ جي ڪردارن توڙي عنصرن ۾ توازن پيدا ڪرڻ آهي، جيئن ڪاڏي ۾ اگر مليل جزا معيار ۽ وزن مطابق نہ هوندا تہ ضرور ان جو ذائقو ئي تبديل ٿي ويندو. ڪهاڻي لکڻ جي ٽيڪنڪ بابت امر جليل لکي ٿو تہ:

> "ڪهاڻي، فزڪس ۽ ڪيمسٽريءَ جي رٿيل فارمولائن مطابق نہ لکبي آهي پر اوهان کي اهڙا انيڪ ليڪڪ ملي ويندا جيڪي لکڻ کان اڳ ڪهاڻيءَ جو خاڪو ناهي سامهون رکندا آهن ۽ پوءِ ڪهاڻي لکڻ شروع ڪندا آهن. خاڪي ۾ ڪهاڻي جو منڍ، جسم يعني باڊي، ڪلائيميڪس ۽ پڇاڙيءَ بابت نوٽس ورتل هوندا آهن. ڪيترائي ليڪڪ ڪلائيميڪس ۽ پڇاڙيءَ کي ڳنڍي هڪ ڪري ڇڏيندا آهن. لکڻ لاءِ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ هر هڪ ليڪڪ کي پنهنجو ڏانءُ، پنهنجو انداز ۽ پنهنجو طريقو هوندو آهي." (25)

دنيا اندر موضوع تمام ٿورڙا آهن ٻڌايل معلومات موجب ڪل 36 ٿيم آهن ۽ انهن 36 موضوعن مان بہ شايد ڏهن يا پندرنهن تي ئي گهڻو لکيو ويو آهي ۽ انهن موضوعن تي لکڻ وارن جو تعداد حد کان وڌيڪ آهي، ان موضوع تي لکيل لکڻين جو تعداد وري ڳڻپ کان ٻاهر آهي. مثال پيار هڪ موضوع آهي ۽ ان موضوع تي هڪ اندازي موجب ڪيتريون تحريرون لکيون ويون هونديون؟ ظاهر آهي ڪروڙن جي تعداد ۾هونديون. ڪابہ ڪهاڻي لکڻ کان پهرين اهو ضرور ذهن ۾ رکڻ کپي تہ ان موضوع تي اها ڳالهہ ڪٿي ماضيءَ ۾ لکيل ڳالهين جو ورجاءُ تہ ناهي؟ جيڪڏهن ورجاءُ محسوس ٿئي تہ ان جي پلاٽ جي

پيشڪش گهٽ ۾ گهٽ نواڻ ڏيندڙ هجي يا ڪلائيميڪس گهڻو ڇرڪائيندڙ هجي. هيٺ ڪجهه اهم خوبيون پيش ڪجن ٿيون، جيڪي ڪهاڻي جي رواجي موضوع ۽ واقعي کي به نواڻ بخشي سگهن ٿيون ته اوهان کي به ڪنهن پختي ڪهاڻيڪارن جي فهرست ۾ شامل ڪري سگهن ٿيون. ناليوارو ڪهاڻيڪار نجم عباسي پنهنجي ڪتاب "ڪهاڻيءَ جو قافلو" ۾ ڪهاڻي جي سٽاءَ بابت لکي ٿو ته:

> "اڄوڪي ڪهاڻيءَ ۾ واقعن سان گڏ منظرنگاري،ڪردارنگاري، ڳجهي گفتگو، سماجي ۽ سياسي مسئلن تي ٽيڪاٽپڻي، ڪردارن جي ذهني سوچ ۽ نفسياتي ڪيفيت جو ذري پرزي احوال ۽ هنن جي منهن مهانڊي جو تفصيل پڻ ڏجي ٿو. ان ڪانسواءِ پلاٽ منجهيل ۽ وڙوڪڙ ٿئي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ ته پلاٽ ٿئي ئي ڪونه. اهي ڳالهيون ڪهاڻيءَ جي رفتار ۾ رڪاوٽ وجهن ٿيون ۽ واقعي جو سلسلو هر هر ٽٽي پوي ٿو." (26)

## منظرنگاري:

منظرنگاري دراصل ڪهاڻي بيان ڪرڻ دؤران ماحول جوڙڻ يا وقت ۽ پهر ڏيکارڻ لاءِ بيان اندر درج ڪئي ويندي آهي. منظر مان مراد ڏيک آهي ۽ ڪوبه منظر چٽڻ وقت ڪجهه ڳالهين جو خيال پڻ رکيو ويندو آهي، مثال جيڪڏهن واقعو يا ڳالهه جو تعلق رات سان آهي ته رات جي منظرنگاري ڪبي، اگر ڏينهن جو آهي ته ڏينهن واري ڪبي. منظر نگاري وسيلي پڙهندڙ جي ذهن ۾ هڪ خاڪو اڀرندو آهي، جنهن وسيلي اهو پاڻ کي ان واقعي سان ڳنڍيل يا اتي موجودگي محسوس ڪندو آهي. اهڙو ڪوبه منظر چٽڻ لاءِ پنهنجيون اکيون بند ڪري، پاڻ کي ان ماحول ۾ محسوس ڪريو ۽ دل جي اکين سان جيڪو اوسي پاسي نظر اچي اهو لکندا وڃو. منظر نگاريءَ کي سمجهڻ واسطي عباس ڪوريجي جي ڪهاڻي "جهرڪيءَ جي آڪاڻي" مان هي ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”شهر جي گهما گهميءَ ۽ گهُٽ ۽ پوسٽ واري ماحول کان ڪوهين ڏور، دريا جي ڪپ تي آباد ننڍڙي ڳوٺڙي جوماحول جنت سمان آهي، هڪ پاسي ڪمند جو ڊگهو گهاٽو فصل فوجي پلٽون وانگر قطارن ۾ بيٺل هوندو آهي ته ٻئي پاسي مڪئيءَ جا سنگ هوا تي لڏندي هو جمالو جو رقص پيش ڪري رهيا هوندا آهن. سرسبز ۽ آباد ٻنين جي وچ ۾ پنجاهه گهرن تي مشتمل هي ڳوٺ آباد آهي.

جڏهن اتر جي هوا، دريا جي لهرن کي ڇهندي، ڳوٺ جي گهرن ۾ داخل ٿيندي آهي ته پوءِ سانوڻ هجي يا سيارو بدن مان سيسراٽ ڪڍي وجهندي آهي. ڇپر جي سائي قالين وڇايل ٻنن تي جڏهن عورتون ڪامبو ٻڌي ڪمند جي فصل مان ڍاندن ۽ ٻڪرين لاءِ گاهه ڪرڻ نڪرنديون آهن ته مٿان گذرندڙ پکين کي ٽُڪ جي رليءَ جهڙو ڏيک ملندو آهي. سڀ گهر هارين جا ئي آهن، جن کي پنهنجيون ذاتي زمينون آهن. ڳوٺ ۾ زميندار يا وڏيرو نه هجڻ ڪري امن ۽ سڪون جا ڪکر پيا وسندا آهن، هرو ڀرو جهيڙو يا ڏندچڪ ناهي ٿيندي، باقي اهو ساڙ ۽ مقابلو ضرور رهندو اٿن ته ڪنهن جو فصل پلو ۽ ڪنهن جو ڪسو ٿيو آهي.“ (27)

خوبصورت ۽ وقتائتي منظرڪشي ڪهاڻي يا افساني کي اپارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندي آهي. منظرنگاريءَ طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي، هڪ ته اها منظر نگاري ڪهاڻيءَ جي بيان واري حصي ۾ ايندي آهي، جنهن ڪري اها ٻولي ڪهاڻيڪار جي ٻولي سمجهي ويندي آهي، جيڪا ادبي ٻولي هجڻ گهرجي.

منظر ڪشي وقت هنن ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

- ڪهاڻيءَ جي واقعي کي نظر ۾ رکجي.
- رات يا ڏينهن هجڻ يا مخصوص وقت ڏيکارڻ طرف ڌيان ڏجي.
- شهري يا ٻهراڙي جي ماحول جو فرق رکجي.

- غريب يا امير جي اٿڻ، ويهڻ، سوچ، عمل ۽ گفتگو جي انداز کي نظر ۾ رکجي.
- لفظن جي چونڊ ماحول مطابق هجي.
- واقعي يا حادثي ٿيڻ کان پهرين ان بابت ماحول جوڙجي.
- موسم جو خاص خيال رکندي ان موجب ڊريسنگ ڏيکارجي.
- پسگردائي وارو ماحول به حقيقت پسندانه ڏيکارجي.
- ڪردار جي نفسيات موجب ماحول هجڻ گهرجي.

## ٻولي:

ٻوليءَ مان مراد بياني ۽ ڪرداري ٻولي آهي. بياني ٻولي ڪهاڻيڪار جي ٻولي هوندي آهي، جيڪا هو منظر يا ماحول بيان ڪرڻ وقت ڪتب آڻيندو آهي. ڪرداري ٻوليءَ مان مراد ڪردار پاران ڳالهائي ويندڙ ٻولي آهي. ٻوليءَ مان ڪهاڻيڪار جي مشاهدي ۽ مطالعي جي خبر پوندي آهي.

بياني ٻولي ادبي ٻولي هوندي آهي، ان ۾ غلطي ڪرڻ کي ڪهاڻيڪار جي مطالعي ۽ مشاهدي جي غلطي سمجهيو ويندو آهي.

ڪرداري ٻولي جيڪا ڪردار جي واتان ڳالهرائي ويندي آهي، اها ڪرداري ٻولي آهي. هاڻي هتي ان ڳالهه جو خاص خيال رکڻو آهي ته اگر ڪردار ڪنهن ڳوناڻي هاريءَ جو آهي ته ٻولي به ان مطابق هجي. هتي ٻوليءَ جي لهجن جو به خيال رکڻ گهرجي، جيڪڏهن ٿر جو واقعو آهي ته ڪردارن جي گفتگو ۾ ڍاٽڪي اثر ضرور هجي، اگر ڪردار لاڙ، سري يا وچولي سان تعلق رکندڙ آهي ته ان جي گفتگو ۾ ان لهجي جي جهلڪ ضرور هجڻ گهرجي.

بياني توڙي ڪرداري ٻوليءَ اندر تشبيهون ۽ پهاڪا استعمال ڪرڻ کي سٺو سمجهيو ويندو آهي. پر لازمي امر آهي ته اهي موضوع ۽ واقعي سان مشابهت رکندڙ هجن.

سمجهڻ واسطي جمال ابڙي جي ڪهاڻي "بدمعاش" مان هي ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

“پوءِ تہ ڪئين پيرا جهليو. لوڏو ئي نہ اچيس. اک کٽيو نهاري تہ ساهہ سڪيو وڃي. جهڙي تهڙي پوليس آفيسر جي ڇاتي نہ ٺئي، جو ڪجهہ چويس.
چگي مڙس جي چوريءَ ۾ جهليو. پوليس تي بار پيا. چيائونس: ”مال موٽاءِ!“ وني آيس گهر، پيٽس کي اگهاڙو ڪيائون، چي: ”وار پٽينس“.
ڪيس مان ڇٽي نڪتو، پيٽ جي منهن نہ چڙهيو. چگي مڙس کي ماريائين. اهي پوليس جا آفيسر ماريائين. روپوش ٿي ويو. ڪهڙو روپوش؟ اتي ئي هو، پر پوليس کان ڏاڍو هو.
ڍڪاءُ وجهي ڇڏيائين. ماٺهو مئو، ڇڻ ڪتو مئو. جڏهن ماٺهن جي ڳچين مان رت ٽينديون ڪري وهندو هو، جڏهن ڪتيل نڙگهٽ مان گرڙاٽ جا آواز نڪرندا هئا. جڏهن وڍيل رڳن مان رتُ، ڇاتيون ڪري نڪرندو هو ۽ رت جي گپ ۾ چڙهيون هٽندا، بل ڪائيندا هئا، تڏهن هو بيهي ڏسندو هو. هڪ پرون هيٺ، پيو مٿي ۽ اک چنجهي.
ڇجون ڦريائين. گهوٽ ڪنوار ماريائين. نوٽن جون ڊڳيون ڪري ساڙيائين، ڇپيءَ کي بيهي ڏٺائين. هڪڙو پرون هيٺ، پيو مٿي ۽ اک چنجهي.
هڪ دوست تي ڪاوڙيو، هٽي آنڊا ڪڍي رکيائينس. ٽڪر ٽڪر ڪري وڍيائينس. پوءِ وني ڪوڪون ڪيائين. اٺ پهر ماني نہ کاڌائين. موٽي اچي، فاتحا پڙهيائينس. ميجون هيٺ لڙڪي آيس. رت لڳل ڪهاڙي کٽي خون واريءَ جاءِ تي پوري ڇڏيائين. ڇڻ تہ پنهنجي ڏاڍ ۽ مستيءَ کي دفن ڪيائين...... ۽ پوءِ.....“ (28)

## علامت نگاري:

علامت جي معنيٰ نشاني آهي، تشبيهہ مان مراد ڀيٽ ڪرڻ آهي، استعاري مان مراد هوبهو اُڌارو وٺڻ آهي. چنڊ کي مثال وني انهن ٽنهي کي

سمجھون ٿا. چنڊ علامت آھي حسن جي، روشني جي، خوبصورتي جي. تشبيھ ڏيڻ وقت چئبو آھي، منھنجو محبوب چنڊ جھڙو آھي. استعاري طور ڪتب آڻڻ وقت چئبو آھي، منھنجو محبوب تہ چنڊ آھي. تشبيھ ۽ استعاري جو استعمال ھوندئن تہ شاعري ۾ اڪثر ٿيندو آھي پر ڪھاڻي اندر بہ ڪتب ايندا آھن.

علامت ڪھاڻي جي گھرج پڻ آھي. ڪڏھن ڪڏھن ڪجھ لفظن کي علامت طور ڪتب آڻبو آھي. سنڌي ڪھاڻي ڪيتر ۾ تاجل بيوس جو ڪھاڻي ڪتاب "جھجان پسي جھوڪ" علامتي ڪھاڻين جو مجموعو آھي.

امر جليل جي مشھور ڪھاڻي "ڪپيل ٻانھن جو وارث" مان ھي ٽڪرو مثال طور پيش ڪجي ٿو:

> "مئجسٽريٽ صوبيدار جي ھٿ ۾ جھليل ٻانھن ڏانھن اشارو ڪندي چيو، "منھنجو خيال آھي، ھيءَ ٻانھن تنھنجي آھي."
>
> مريض مئجسٽريٽ تان نظرون ھٽائي، ٻانھن ڏانھن ڏسڻ لڳو. ڪجھ دير ڪان پوءِ ھن وري مئجسٽريٽ ڏانھن ڏٺو. پڇيائين، "تنھنجي عمر ڪيتري آھي؟"
>
> مئجسٽريٽ وائڙو ٿي ويو. ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيس، چيائين، "مان پنجويھن سالن جو آھيان."
>
> "مان بہ پنجويھن سالن جو آھيان، پاڪستان بہ پنجويھن سالن جو آھي." زخمي چيو، "پنجويھن سالن ۾ ھن ملڪ تو جھڙن کي پنجويھ ٻانھون ڏيئي ڇڏيون آھن. مونکان پڻ ٻانھن مان ھڪ ٻانھن ڦڙي ورتي آھي."
>
> مئجسٽريٽ اجايو ڪلڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس شڪل پولي جھڙي ٿي ويئي. چيائين، "مان حڪومت پاڪستان طرفان توکي تنھنجي ٻانھن موٽائي ڏيڻ آيو آھيان."
>
> زخميءَ ڪرڙي اک سان مئجسٽريٽ ڏانھن ڏٺو. ڇاڙيءَ جا ھڏا ھڪٻئي ۾ جڪڙجي ويس. منھن جو رنگ بدلجندو

ويس. تڪليف بدران، سندس منهن مان بي پناهه نفرت ظاهر ٿيڻ لڳي.
مئجسٽريٽ کان زخمي جي خاموشي ۽ گهائل ڪندڙ گهور برداشت ٿي نہ سگهي. چيائين، "مان تو کي تنهنجي ٻانهن موٽائي ڏيڻ آيو آهيان."
"مونکان جيئري جاڳندي ٻانهن وٺي، مونکي مئل ٻانهن ڏيڻ آيو آهين!" زخميءَ ڏند ڪرٽيندي چيو، "مان فنڪار آهيان. مان مئل ٻانهن کي ڇا ڪندس! مونکي جيئري ٻانهن موٽائي ڏيو."
ڊاڪٽرن مئجسٽريٽ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "هن جو دماغ خراب ٿي ويو آهي. اسين ڪيس چرين جي اسپتال موڪليندا سين."
مئجسٽريٽ نہ مُڙيو. زخميءَ کي چيائين، "توکي پنهنجي ٻانهن نہ گهرجي؟"
"مان مئل ٻانهن ڇا ڪندس!" زخميءَ چيو، "پنهنجي حڪومت کي چئہ تہ مونکي منهنجي جيئري ٻانهن موٽائي ڏي. مونکي جيئري ٻانهن گهرجي. مان فنڪار آهيان. مان تصويرون ناهڻ چاهيان ٿو. مان ڪوي آهيان. مان گيت لکڻ چاهيان ٿو. مان سودائي آهيان. مان ڪهاڻيون لکڻ چاهيان ٿو. مونکي منهنجي ٻانهن موٽائي ڏيو. مونکي منهنجي جيئري ٻانهن موٽائي ڏيو."
مئجسٽريٽ کي وحشت وٺي ويئي. هو ڊاڪٽرن ۽ صوبيدار سميت موٽي ويو." (29)

## اسلوب:

اسلوب نثر توڙي نظم ٻنهي ۾ ڪتب ايندو آهي. اسلوب کي انگريزي ۾ Diction سڏبو آهي. اسلوب طرزِ تحرير آهي، جنهن مان مراد ڳالهہ چوڻ جو ڍنگ يا طريقو آهي. اسلوب ۾ جدت يا منفرديت ليکڪ کي منفرد يا الڳ

ڪري بيهاريندي آهي. هر ماڻهوءَ جي سوچڻ جو انداز الڳ الڳ هوندو آهي ۽ ڳالهه ٻڌائڻ جو انداز به الڳ هوندو آهي. اوهان نوٽ ڪيو هوندو ته زندگيءَ جي عام رواجي ڳالهه جڏهن ڪو به سنجديده سمجهيو ويندڙ شخص ڪندو ته غور سان ٻڌي ويندي آهي، پر جڏهن ڪو مسخرو سمجهيو ويندڙ شخص ڪندو ته مذاق تصور ڪئي ويندي. دنيا جي سڀني ماڻهن جا ڏک، خوشيون، محبتون وغيره ساڳيا آهن ۽ اهي اهڙا موضوع آهن، جن تي انيڪ ڪهاڻيون سرجيون ويون آهن. پر هر ڪهاڻي جي انفراديت اسلوب سان جانچجي ٿي.
اسلوب هڪ فن آهي ڳالهه بيان ڪرڻ جو، تنهن ڪري ڪوشش ڪجي ته ڪنهن ٻئي جو اسلوب ڪاپي نه ڪجي، پنهنجو انداز اختيار ڪجي، ڳالهه پيش ڪرڻ لاءِ. بيان جو انداز ائين هجڻ کپي جو ڪردار، منظر ۽ ٻولي ڪٿي به اوپري محسوس نه ٿئي.

## زمان:

اڪثر ڪري ڪهاڻيون زمان حال مطلق، زمان حال استمراري يا زمان حال مڪمل ۾ لکيون وينديون آهن پر اڪثر ڪهاڻيڪار زمان ماضي مطلق، زمان ماضي استمراري يا زمان ماضي مڪمل ۾ به ڪهاڻيون لکڻ پسند ڪن ٿا. پرڪجهه جدت پسند ڪهاڻيڪارن زمان مستقبل ۾ پڻ ڪهاڻيون لکيون آهن. ٻهريون مڪمل سنڌي مستقبليه ناول قاضي فيض محمد جو "ٻاويهه سئو ٻاويهه" آهي، جڏهن ته طارق قريشيءَ جون ڪجهه ڪهاڻيون جن ۾ "صديءَ جو سفر، قيامت ۽ ظالِم اعظم" شامل آهن اهي سنڌيءَ ۾ ٻهريون مستقبليه ڪهاڻيون آهن. عباس ڪوريجي جون " چنڊ پيرن هيٺ ۽ خلا جو سفر" پڻ سائنسي مستقبليه ڪهاڻيون آهن.

## پڄاڻي يا ڪلائيميڪس:

پڄاڻي ۽ ڪلائيميڪس ڪنهن به ڪهاڻي جي سحرانگيزي ۽ مقبوليت جو وڏو سبب بڻجي سهگن ٿا. ڀرپور ڪلائيميڪس واري ڪهاڻي يادگار بڻجي ويندي آهي ۽ صدين تائين بحث جو موضوع بڻجندي رهندي آهي. پڄاڻي جي لحاظ کان مختصر ڪهاڻي يا افساني جو ڪلائيميڪس

هميشہ غير متوقع رکيو ويندو آهي. جيئن ڪنهن بہ ڊرامي يا فلم جي پڇاڙي هميشہ خوشگوار رکي ويندي آهي، جنهن ۾ هيرو جي فتح ۽ ولين جي ذلالت ڏيکاري ويندي آهي پر مختصر ڪهاڻي يا افساني اندر توقع جي ابتڙ اهڙي پڇاڙي رکڻ گهرجي جيڪا پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪري، روئاري وجهي، جنجهوڙي يا سحر ۾ جڪڙي وجهي. ڪهاڻي جو ڪلائيميڪس ڊرامائي نہ پر زندگيءَ جي حقيقتن ۾ رڱيل نظر اچي، خيالي محسوس نہ ٿئي پر گهر ۽ گهٽيءَ جي ڪهاڻي يا ڳالهہ لڳي.

# ڪهاڻيءَ يا افساني جا قسم:

ڪهاڻي يا افساني جي قسمن کي مختلف رخن کان ڏسي يا ورڇي سگهجي ٿو. پر بنيادي طور ڪهاڻيءَ جا ٻہ قسم آهن هڪڙو موضوع جي لحاظ کان قسم تہ ڪهڙي موضوع تي لکيل آهي پيار ڪهاڻي آهي يا سماجي مسئلن تي آهي ۽ ٻيو هيئت جي لحاظ کان قسم تہ ڪهڙي فارميٽ ۾ لکي وئي آهي تمام ڊگهي آهي يا انتهائي مختصر، پر ڪهاڻيءَ جي پارکن ان جي ڪيترن ئي مختلف رخن کان ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، جنهن کي پڻ معلومات خاطر ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. نامور ڪهاڻيڪار نجم عباسي پنهنجي ڪتاب "ڪهاڻي جو قافلو" ۾ ڪهاڻي جي پراڻي دؤر کي "زباني ڪهاڻي" ۽ جديد دؤر کي "قلمي ڪهاڻي" سڏيندي ڪهاڻي جي قسمن بابت پنهنجي راءِ هن طرح ڏني آهي:

> "اجوڪي ڪهاڻي ان ڪري بہ "قلمي ڪهاڻي" آهي جو ان جون ڪي نيون صورتون، جهڙوڪ:
>
> 1. خيال جو وهڪرو
> 2. مونولاگ يا پاڻ سان ڳالهائڻ
> 3. گفتگو جي صورت واري
> 4. اڌ اکري يا ابتي گرامر واري
> 5. خطن جي صورت واري

6. اڪين ڏٺي احوال واري
7. اهڃاڻي ڪهاڻي" (30)

نجم عباسيءَ جي مٿين راءِ پنهنجي جڳهه تي، هتي اسان ڪهاڻي جي ڪجهه انهن قسمن تي بحث ڪنداسين جيڪي عالمي طور نه سهي پر مجموعي طور معياري سمجهيا، لکيا ۽ پڙهيا وڃن ٿا. تن ۾ موضوعاتي رجحان جي لحاظ کان قسم، پيشڪش جي لحاظ کان قسم، بياني لحاظ کان قسم، هيئت جي لحاظ کان قسم وغيره شامل آهن باقي ڪهاڻي جي فارم ۾ پيا به ڪيترائي تجربا ڪيا ويا آهن، جن ۾ اينٽي اسٽوري Anti Story ، اڌ اکري، تجريدي ڪهاڻي، ابتي گرامر واري ڪهاڻي يا ٻجهارتي ڪهاڻي شامل آهن ڇوته جيستائين توهان جي ان لکت ۾ ڪهاڻي پڙهو ناهي تيستائين ان کي ڪهاڻي نه پر مضمون يا پيو ڪجهه چئي سگهجي ٿو. افساني جي ٽيڪنڪ ۽ قسمن بابت ثميره زرين پنهنجي مضمون " سنڌي افساني جي اوسر" ۾ لکي ٿي:

> " افساني جي ٽيڪنڪ جا اهم اصول: اختصار، اشاريت، ڪردار جي حياتيءَ جو هڪ رخ پيش ڪرڻ ۽ تاثر جي وحدت، اڄ به اڳ وانگر آهن. انهن تي عمل پيرا رهڻ سببان نه افساني جي صورت بدلي آهي ۽ نه وري هن صنف کي ٻئي نالي ڏيڻ جي ضرورت ٿي آهي. البت ايترن تجربن افساني جي صنف ۾فني نقطي نگاري کان مختلف قسم ضرور پيدا ڪيا، جيئن ته مختصر افسانو، طويل افسانو، افسانو، خاڪو، رپورتاز ۽ فئنٽسي وغيره" (31)

مون مٿي ذڪر ڪيو ته بنيادي طور ڪهاڻيءَ جا به قسم ٿيندا آهن ۽ انهن ٻنهي بنيادي قسمن اندر وري ڪجهه فارم آهن، جن کي سمجهڻ واسطي انهن جي هيٺين طريقن سان ڇنڊڇاڻ ڪرين ٿا.

## موضوعاتي رجحان جي لحاظ کان قسم:

موضوعاتي رجحان جي لحاظ کان ڪهاڻي يا افساني جا ٻه قسم آهن، حقيقت پسنديءَ واري مختصر ڪهاڻي ۽ افسانوي ڪهاڻي.

افسانو ۽ مختصر ڪهاڻي ڪي الڳ شيون نہ آهن پر ٿوري تفريق جي ڪري الڳ سڃاتا وڃن ٿا. افسانو هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ مبالغو يا افسانويت وڌيڪ هجي ٿي، جڏهن تہ مختصر ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ تي زور ڏنل هوندو آهي ۽ مبالغو گهٽ هوندو آهي. يعني اها ڳالهہ جنهن ۾ حقيقت نگاريءَ تي زور ڏنل آهي، اها مختصر ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ افسانوي انداز اختيار ڪيو ويو آهي، اهو افسانو آهي. باقي صرف موضوع يا مضمون جي ڪري ڪهاڻي کي کهڙو بہ نالو ڏئي سگهجي ٿو. جيئن ڪل ٻوٽ جي موضوع تي لکيل ڪهاڻين کي مزاحيہ ڪهاڻيون، تصوف جي موضوع تي لکيل ڪهاڻين کي صوفي ڪهاڻيون، تعليم جي پرندڙ موضوع تي لکيل تعليمي ڪهاڻيون، خاص ٻارڙن لاءِ لکيل ٻاراڻيون ڪهاڻيون، گهرن ۾ پڙهي سگهجندڙ موضوعن تي لکيل فيملي ڪهاڻيون، سائنسي موضوعن تي لکيل سائنسي افسانا اهڙي طرح جاسوسي، تجسسي، خوفناڪ ۽ ڀيون ڪهاڻيون پڻ ان قطار ۾ شامل ڪري سگهون ٿا.

## پيشڪش جي لحاظ کان قسم:

پيشڪش جي لحاظ کان بہ ڪهاڻيءَ جا ٻہ قسم آهن، هڪ پلاٽ تي آڌاريل ڪهاڻي ٻيو اڪهاڻي. پلاٽ تي آڌاريل ڪهاڻي تہ اها ساڳي روايتي ڪهاڻي آهي، جيڪا اسان عام طور تي مقصديت جي مفهوم ۾ اڳتي وڌايون ٿا ۽ ان واقعي کي بيان ڪندي شعوري طور تي ڪو نہ ڪو پيغام پهچايون ٿا.

اَ ڪهاڻي دراصل **Plot less** ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪوبہ پلاٽ ناهي هوندو، ڪو خاص واقعو بيان ڪيل ناهي هوندو، لاشعوري ڳالهيون هونديون آهن. ان قسم جي ڳالهين کي سريئلزم ڪوٺيو ويندو آهي، يعني تحت الشعور تحت پيش ڪيل ڳالهيون. سريئلزم دراصل غيرمنطقي تصورن تي ٻڌل هڪ تحريڪ هئي، جيڪا پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان ٻي مهاڀاري لڙائيءَ واري عرصي ۾ سرگرم رهي. ادب ۽ آرٽ ۾ هن قسم جو فڪر پڻ پيش ڪيو ويو. سريئلزم وارو تصور اسان وٽ اڪهاڻي واري انداز سان پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ تحت الشعور ۾ ڪيل ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن، جيئن خواب واري ڪيفيت، چريائپ يا وائڙائپ واري ڪيفيت يا بي ڌياني ۾ ڪيل گفتگو

شامل آهن. هن قسم جي ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ اخلاق انصاريءَ ۽ نسيم پارس گاد لکيون آهن، جيڪي "مان ڪائنات آهيان" ۽ " ڪولاج ٿيل شخص جو پورٽريٽ" مجموعن ۾ شامل آهن.

**بياني لحاظ کان قسم:**

بياني لحاظ کان ڪهاڻيءَ جا هيٺيان ڪجهه مقبول قسم آهن، مونولاگ، بياني قسم، ضمير حاضر وارو، خط وارو انداز، وجوديت وارو قسم ۽ مڪالمن تي مبني، ڊائريءَ جي ورق وانگر، ڪرداري ڪهاڻي ۽ متفرقه ڪهاڻي.

**مونولاگ** Monologue:

هن قسم جي ڪهاڻي ۾ ڪهاڻيڪار خود هڪ ڪردار جي صورت ۾ موجود هوندو آهي، ۽ اها ڳالهه ٻڌائيندو ويندو آهي، پين ڪردارن جو تعارف پڻ ڪرائيندو آهي، ان واقعي يا حادثي بابت پنهنجي راءِ پڻ ڏيندو آهي، پين ڪردارن جي عملن، روين ۽ گفتگو کان پڻ واقف ڪندو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ کي پڇاڙيءَ تي رسائيندو آهي. مونولاگ ڪهاڻيءَ لاءِ سعيد سومري جي ڪهاڻي "مون کي ننڊ نه ٿي اچي" مان هي ٽڪرو رکجي ٿو:

"اخبار وارو ڇوڪرو هوڪا ڏيندو منهنجي اڳيان اڳيان گذريو. مون کي وائڙن وانگر اخبارن ڏانهن ڏسندي، بيٺي پير ٿي پڇائين: "سائين! اخبار کپي ڇا!؟"

مون ڇرڪندي "هونهن" ڪري هُن ڏانهن ڏٺو. سانوري رنگت، پوريل اکيون، وکريل وار، ميري قميص ۽ ڪيترن ڏينهن کان منهن نه ڌوتل.... اف! منهنجو ايندڙ نسل .... هيءُ..!؟

"ڪاوش ... سچ ... ڪوشش .... سنڌ ... جيڪا چئو ...!" هن وري ڳالهايو.

مون اکين تي نظر جو چشمو ٺاهيندي، روڊ کان ويندڙ گڏهه گاڏي تي ويٺل مايوس شخص ڏانهن ڏسندي هاڪر کي چيو. "نه پُٽ .. مون کي اخبار نه گهرجي، اخبار ۾ رکيو ڏکن

جون خبرون اچن ٿيون ۽ مان ڏک سهڻ جهڙو ناهيان رهيو.....!"
"سائين! اخبار وٺندوَ تہ مون کي روپيو بچندو. مون کي امان جون دوائون وٺڻيون آهن سائين!"
منهنجو هانءُ اُبڙڪو ڏيئي جڻ پيرن ۾ اچي ڪريو. مون تڪڙ ۾ ڪيسي ۾ هٿ هنيو تہ رڳو بہ روپيا مس هٿ آيا. ڇوڪرو مون کي ائين وساميل ڏسي سمجهي ويو.
"پٽ! مون وٽ پيسا ڪونهن، تون هيءُ بہ روپيا رک...! مون هٿ هن ڏانهن وڌائيندي چيو.
"نہ سائين!" ڪري هن هلڪڙي وک اڳتي ڪڍندي جهيڻو هوڪو ڏنو. "س ... چ ... سن ...ڌ..."
مون کي لڳو تہ جڻ مان گورڪن ٿي ويو آهيان ۽ ڪي قبرون کوٽڻ ۾ مصروف آهيان." (32)

## بياني Narrative :

پين پاران ٻڌايل يا ڪهاڻيڪار پاڻ اهو قصو يا ڪهاڻي بيان ڪندو ويندو آهي ۽ هر واقعي، ڳالهہ يا تاثر کي بياني انداز ۾ ٻڌائيندو اڳتي وڌندو آهي تہ ڇا ٿي رهيو آهي. مطلب ڳالهہ ٻڌائڻ واري جو ڳالهہ سان سڌو سنئون تعلق ناهي هوندو، ٻڌڻ واري جو بہ ناهي هوندو پر ان ۾ واقعي جي دلچسپيءَ جي ڪري پين جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ وارو حِظُ حاصل ڪيو ويندو آهي. هتي قاضي مقصود گل جي ڪهاڻي "ٻارن جو وڪرو" پيش ڪجي ٿي:

"ڪراچي جي ريگل چوڪ جي فوٽ پاٿ تي پڪي عمر جو هڪ مرد ۽ هڪ عورت، بہ معصوم ٻارڙا ڪارن ۾ ويهاريو اڳيان رکيو ويٺا هئا، ۽ هوڪا ڏئي رهيا هئا: "ٻار وٺو! ٻار وٺو!" عورت جو منهن لٿل ۽ مايوس هو پر مرد پنهنجي مايوسيءَ ۽ درد کي، هٿرادو مرڪ مرڪي، پردو وجهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو.

ماڻهن جي هجوم مان هڪ گراهڪ ڳالهايو: ”گهٽو......
گهٽو!“
مرد وراڻيو: ”ٻه ٻه هزار.“
گراهڪ چيو: ”نه! هڪ هڪ هزار!“
”ڏي پلا!“ مرد هٿ ڊگهو ڪندي چيو.
”نه نه مون کي نه کپن...! بس مون ائين ئي چيو، اگهه پڇڻ لاءِ...!“ گراهڪ چيو.
ٻارن جي ماءُ ڏکوئيندڙ لفظن ۾ چيو: ”پئسا نه ڏي! تون ٻار ائين ئي وٺي وڃ! بس منهنجي ٻارن کي ڏيَو تي ماني ڪارائجانءِ..!“
ماءُ جون اکيون آبشار ٿي تمڻ لڳيون..!“ (33)

## ضمير حاضر وارو Second Person:

هن قسم جي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻي جي ڪنهن ڪردار کي ائين مخاطب ٿي لکيو ويندو آهي جڻ اهو اڳيان وينو هجي ۽ ان جي موجودگيءَ ۾ ان سان گهاريل اهي واقعا يا ڳالهيون شيئر ڪبيون آهن جيڪي انهن ٻنهي ۽ ٻين جي وچ ۾ گڏيل طور واقع ٿيون هجن، ان قسم جي ڪهاڻي کي ضمير حاضر واري ڪهاڻي شمار ڪجي ٿو. طارق عالم ابڙي پنهنجي ناول ”رهجي ويل منظر“ ۾ اهڙو انداز ڪتب آندو آهي پوءِ جا آيل ڪجهه ناول پڻ انداز سان پيش ڪيا ويا آهن، جن ۾ منير چانڊيي جا ناول پڻ شامل آهن. هن قسم جو انداز ڪهاڻي ٻڌائڻ واري روايت کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن ۾ ناني يا ڏاڏي ننڊڙن ٻارن کي مخاطب ٿي چوندي هئي/آهي ته پيارا ٻارو! خبر اٿوَ ته پوءِ اڳتي ڇا ٿيو....؟ مثال طور رفيق سومري جي ڪهاڻي ”پونءِ تري ۾ ڦاٿل پوري چوڪري“ مان ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”پينرو! اڇو ته آئون اوهان کي پنهنجي آتم- ڪٿا ٻڌايان.
مان خليل جبران جي منڙي وطن لبنان جي سهڻي، من-
موهيندڙ ۽ حُور- پرين جي شهر بيروت جي رهواسڻ آهيان.
ڪالهه تائين، مون پنهنجي حياتيءَ جا ٻارنهن سال ڏرتيءَ

جي پيٽ (انڊر گرائونڊ بيسمينٽ) ۾ گذاريا. پنهنجي ننڍپڻ ۽ ٻالڪپڻ جا ٻارنهن سال، معصوم، ڪومل، نرم ۽ نازڪ جذبن سان ٽمٽار، نفيس ۽ خوبصورت خيالن ۽ حسرتن ڀريل ٻارنهن سال، پوڻ ٽري ۾ نهايت وحشتناڪ ڪيفيت ۾ گذارڻا پيا. منهنجو هڪ هڪ ڏينهن ڊپ، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ ۾ اذيتن جي اولڙي ۽ پيڙائن جي پهري ۾ گذريو آهي ۽ اهڙيءَ ريت مون پورا چار هزار ٽي سوءَ اسي ڏينهن هڪ غار جهڙي اونداهي ڪوٺي ۾ ڪاٽيا آهن.” (34)

## ڊائريءَ جو ورق Diary Page Form:

هن قسم جي ڪهاڻيءَ اندر ڪو ڪردار پاڻ سان سلهاڙيل ٻي ڪردار سان مخاطب ٿي پنهنجي اندر جي ڳالهه اوريندو آهي، مثال طور اصغر گگي جي ڪهاڻي ”تو لئہ تڪيندي ڏيئا اجهاڻا“ مان هيٺيون ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

“اڄي ڏس تہ مان ڪيئن جلي آهيان، ٿورو ٿورو ٿي...تون ڪٿي آهين... ٻڌين ٿو نہ...مان توسان آهيان...مان جا جنم جنم کان تنهنجي آهيان...توکي يقين نٿو اچي...تون يقين ڪر مون تنهنجي اچڻ جي آس ۾ ڏيئا ٻاريا آهن....۽ تنهنجي راهہ تڪيندي رهي آهيان...لڇندي آهيان...پر ڪجهہ بہ ڪچندي ناهيان...ڪنهن سان پنهنجو اندر اوريان..ديوارن سان...يا ديوارن ڪان وڌ چپ رهندڙ ڀقين سان...هتي رهندڙ مرد سڀ ٻوڙا ۽ انڌا آهن...انهن کي اسان جي جوڀن جي اپرندڙ سج جي خبر ئي نہ پئي آهي...سج جڻ هنن ديوارن مٿان اپرندو ئي ناهي.

تون ڪٿي آهين؟ ڇا تو تائين منهنجا سڏ نٿا پڄن...مان توکي ئي سڏي رهي آهيان... ” (35)

## خط وارو قسم Letter Form :

خط واري انداز ۾ لکي ويندڙ ڪهاڻي هيئت جي لحاظ کان هڪ الڳ قسم آهي ڪهاڻي جو. جنهن ۾ خط واري انداز ۾ واقعو بيان ڪندي ڪهاڻيءَ جون گهرجون پوريون ڪيو وينديون آهن. قاضي خادم جي ڪهاڻي " هڪ شخص چار خط" هن اسٽائيل ۾ لکيل آهي. هتي نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار علي صفدر جي ڪهاڻي "آخري خط" مان اقتباس پيش ڪجي ٿو:

" پياري فري.... اميد تہ خوش هوندينءَ!!

ٻڌم تہ تون ڪالهہ منهنجي گهر آئينءَ..!! گهر ۾ داخل ٿي تون ڏاڍو رعبدار نموني سان منهنجي ننڍڙي گڏيءَ کي گاريون ڏئي وئينءَ.... منهنجي گڏيءَ جو تہ ڪوبہ ڏوهہ نہ هو... ڏوهہ تہ منهنجو هو.....ــــ.....بس ان لاءِ تون پنهنجي گارين واري خوشبوءِ مون وٽ نہ ڇٽڪجانءِ....

تنهنجي صفوران....." (36)

## وجوديت Extentialism:

وجوديت هڪ فلسفو آهي پر ڪهاڻي جو هڪڙو فارميٽ هن نظريي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو هن قسم جي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻي جو هر ڪردار پنهنجي ڳالهہ پاڻ ٻڌائيندو آهي، يا ائين ڪٿي چئون تہ واقعي واري هنڌ بيٺل هر ماڻهو ان واقعي کي پنهنجي پنهنجي انداز سان بيان ڪندو آهي، تيئن ڪهاڻي ۾ پڻ هر ڪردار ان واقعي کي پنهنجي پنهنجي انداز سان پيش ڪندو آهي؛ پوليس جڏهن ڪنهن قتل ڪيس جي تفتيش ڪندي مختلف ماڻهن کان انهن جا رايا ۽ واقعي بابت معلومات حاصل ڪندي آهي تہ هر ماڻهو ان واقعي کي ڪيئن ڏٺو، پنهنجي انداز سان پيش ڪندو يا ٻڌائيندو آهي ان کي وجوديت وارو ڪهاڻي قسم چئجي ٿو. ان جي مثال طور شهدادڪوٽ سان تعلق رکندڙ ڪهاڻيڪار انور ڪليم جي مجموعي "32" مان هڪڙي ڪهاڻي "ٽي رنگ" مان هيٺيان ٽڪرا پيش ڪجن ٿا:

"چوندا آهن تہ محبت جا ڪيئي رنگ هوندا آهن ۽ هر ڪو انهن رنگن کي پنهنجي پنهنجي نظر سان ڏسندو ۽ محسوس ڪندو آهي. هن ڪهاڻي ۾ موجود محبت جي "رنگ" کي ٽي اهم ڪردار پنهنجي پنهنجي نظر سان ڏسن ٿا ۽ بيان ڪن ٿا.

**پيءُ:** شروع شروع ۾ مون ان ڳالهہ تي ڌيان ئي نہ ڏنو تہ اسان جي گهر جي سامهون وارو دوڪان، ڪافي وقت بند رهڻ کان پوءِ پيهر کوليو ويو آهي. هن ڀيري بہ دوڪان کولڻ وارو مون لاءِ اوپرو هيو ۽ ڏنڊو بہ نئون هيو. دوڪان کولڻ وارو خوش لباس نوجوان هيو ۽ ڊراءِ ڪلينر يعني ڪپڙا ڌوئڻ ۽ استري ڪرڻ جو ڌنڌو کوليو هئائين.

**ڌيءُ:** شروع شروع ۾ مون ان ڳالهہ تي ڌيان ئي نہ ڏنو تہ اسان جي گهر جي سامهون وارو دوڪان، ڪافي وقت بند رهڻ کان پوءِ پيهر کوليو ويو آهي. مان پنهنجي ننڍپڻ کان وٺي هن وقت تائين ان دوڪان کي ڪيئي ڀيرا کلندي ۽ بند ٿيندي ڏسي چڪي آهيان، هن ڀيري دوڪان هڪ خوش لباس نوجوان کوليو آهي. شروع جي ڏينهن ۾ مون سوچيو هو تہ هو بہ ٻين مردن جيان مونکي اکيون ڦاڙي ڏسندو.

**محبوب:** شروع شروع ۾ مون ان ڳالهہ تي ڌيان ئي نہ ڏنو تہ جتي مون دوڪان کوليو آهي، ان جي بلڪل سامهون واري ننڍڙي گهٽيءَ ۾ هڪ گهر بہ آهي. ان گهر ۾ ڪنهن مرد يا ائين چئجي تہ ڪنهن نوجوان لاءِ دلچسپيءَ واري ڪا "شيءِ" هئي تہ اها ان گهر ۾ رهندڙ هڪ سانوري نوجوان پر قبول صورت ڇوڪري." (37)

## مڪالما Dialogue:

هن قسم جي ڪهاڻي سڄي سنئين مڪالمن تي آڌاريل هوندي آهي، ان قسم جي ڪهاڻين ڪي ڊائلاگ اسٽوري پڻ سڏيو ويندو آهي. ان قسم جي ڪهاڻي ۾ ڪوبہ بيان ناهي هوندو، ڪابہ وضاحت ناهي هوندي، پوري ڳالهہ صرف ڪردارن جي گفتگو وسيلي ظاهر ڪيل هوندي آهي. هتي مثال طور عباس ڪوريجي جي ڪهاڻي "پنهنجي ڌرتي" جو هڪڙو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

"هيلو!"

"هيلو! سيٺ رامون مل ڳالهايان پيو. . . . . "

"سيٺ مون ڪي سڃاڻين ٿو. . . . !؟"

"بابلا! مان فون تي تنهنجو فوٽو تہ ڪونہ پيو ڏسان!"

"سيٺ! مان ڪلال مڪراڻي ٿو ڳالهايانءِ! "

"اڙي ڪلو خوش آهين، ماڻهين پٽهين خوش آهن!؟"

"سيٺ! تو سٺو ناهي ڪيو!"

"اڙي باشاهہ! مان ڇا سٺو ناهي ڪيو؟"

"سيٺ! تو تي ڏينهن اڳ منهنجي ماءُ ڪي اوڌر تي ڪپڙو نہ ڏنو هو!"

"اڙي باشاهہ! توهان ڏي اڳيان پئسا بہ رکت ڪيل آهن، اهي بہ اڃا ناهن مليا!"

"سيٺ! ۽ مان جو توڪان ڇئن مهينن جي "منٿلي" ناهي ورتي؟!"

"ڇڱو ڇڱو باشاهہ ڪلو! ماڻهين ڪي موڪل تہ هزار جو ڪپڙو وٺي وڃي. . . . . ڇڱو. . . . . . نمستي!!" (38)

## ڪرداري ڪهاڻي Protagonist :

ڪرداري ڪهاڻي اهڙي قسم جي ڪهاڻي ڪي چيو ويندو آهي، جيڪا ڪهاڻي جي مکيہ ڪردار جي سورهيائي بيان ڪندي ان جي چوڌاري ڦري. هن قسم جي ڪهاڻي جو انداز ڪهڙو بہ هجي پر پلاٽ ان ڪردار جي ئي چوڌاري ڦرندڙ هوندو. هن قسم جون ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ گهٽيون لکيون

ويون ۽ تمام گهڻيون مقبول پڻ آهن، جن ۾ اياز قادري جي بلو دادا، جمال ابڙي جي پشو پاشا، غلام رباني جي شيدو ڏاڙيل يا رشيد ڀٽيءَ جي ميرل شامل آهي. مثال طور غلام رباني آگري جي ڪهاڻي ”شيدو ڏاڙيل“ مان ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”سج ٻه ڪانا ڪن مٿي چڙهي آيو هو. اڱڻ ۾، چنل ڪٽ تي، قاتل رلهيءَ ۾ ويڙهيو سيڙهيو، هو ستو پيو هو. ڪٽ جي چوڌاري اسڪولي ٻارن جو ڊنب مڙيو بيٺو هوس.

”شيدو، شيدو، سائين ٿو سڏيئي!“

”اڙي ائين ڪونہ اٿندو: هلو تہ سائينءَ کي سڏي اچون،“ ڀئي واڪو ڪيو.

پر شيدو اهوئي ستو پيو هو.

تنهن تي، ٽئين ڇوڪر وڏي سندس منهن تان رلهيءَ جو پلئہ لاٿو. ڇوڪر جو پلئہ لاهڻ ۽ شيدوءَ جو واڪو ڪري اٿڻ، ”وجي پنهنجي بابي ماستر کي ٻڌايو! مان ڪونہ ايندس، ڪونہ ايندس“ ۽ ستَ ڏيئي رلهيءَ جو پلئہ ڇڏائي، هو وري ويڙهجي سيڙهجي سمجهي پيو.

ڇوڪرا چپ چاپ هليا ويا.

’غفور اصل ڪونہ مڙندو- ضرور سائينءَ کي چوندو تہ سائين، شيدوءَ هيئن ٿي چيو. قالو ٻہ تہ ناهي جوڙي ڳالهہ ۾ لوڻ مرچ گڏيندو. ڀلا ڪريم؟ نہ نہ، هو ٻہ حرامي آهي- اهو ٻہ چوندو تہ سائين توهان کي گارين ٿي ڏنائين“ اهي ويچار ويچاريندي شيدو اٿيو. رلهي پري ڦٽي ڪري، ڪٽ هيٺان پيل پاڻيءَ جي ٻٽي دلي مان جهڙو منهن ڌئڻ لاءِ پاڻيءَ لپ ڪڍيائين، تهڙو پاڻي، ڀڳل گهانگهي مان پٽ تي وهي ويو.

”پيٽسان دلو ٻہ ڀڳل.... ڀلا هجي ابو امڙ تہ......“ هن جون اکيون آليريون ٿي ويئون. ڪٽ تان رلهي کڻي، منهن اگهي، جهڙوئي در ڏانهن وڌيو تہ پٽ تي هاريل پاڻيءَ تان پير

ترڪي ويس. ڏومنهن پير وجي ڪريو. ڪاري ڪپڙي جي پنيءَ تائين گوڏ ٻہ گپ ۾ پرجي ويس. اجان اٽيوئي مس تہ در ڪڙڪيو، ۽ ائين ڊنب ٻارن جو گهر ۾ گهڙي آيو. در تان ماستر واڪو ڪيو، ”اڙي ڪنپي اچوس“!.... ۽ ڇوڪرا شيدوءَ کي چنبڙي ويا. ڪو ٽنگن کان ڪو ٻانهن کان، ٽنگوٽالي ڪري هو ڪيس ائين ماستر ڏانهن ڪنيو پئي ويا جيئن ماڪوڙيون ڪنهن مئل ڏينيءَ کي پنهنجي ڏرڙ ڏانهن نينديون آهن. ”هل اسڪو!“ ماستر، شيدوءَ کي ڇوڪرن جي وچ ۾ ڪري اڳ ۾ ٿي هليو.

”سائين گپ ۾ ترڪي پيو آهيان. گهڙي ڪن ڇڏيو تہ گڏ تان وهنجي اچان.“

”وهنجي ٿو پٽ!“ ماستر، شيدوءَ جي اگهاڙيءَ پنيءَ تي پير جو لڪڻ هڻندي خار وچان چيو.

اسڪول ۾ پهچي ماستر رڙ ڪئي، ”حمزا!“

”جي سائين!“

”پاٽيءَ واري واڍ ڪٽي آ!“

حمزو پاٽيءَ واري واڍ ڪٽي آيو، ۽ ماستر جي حڪم سان شيدوءَ کي بينچ تي پنيءَ پر سمهاري ٻڌڻ لڳو.

”سائين سوگهو آهي“ حمزي، شيدوءَ کي چگيءَ طرح بينچ سان جڪڙي ٻڌڻ بعد چيو.

”ها، پوءِ؟ ڇاتي چيئي تہ وڃي پنهنجي بابي کي دانهن ڏيو!“ شيدوءَ ڪجهوئي ڪونہ بس، جهڙي پيٽ!

اسڪول ۾ چپ چاپ ٿي ويئي. ۽ پوءِ ان خاموشيءَ ۾ ماستر جي گارين جي گجگوڙ بعد، جڏهن پير جو لڪڻ وچ جيان وراڪو ڏيئي، بينچ سان ٻڌل شيدو تي وسڻ لڳو تہ شيدوءَ جون اکيون ساونڻ جي ڪڪرن جيان اوهيرا ڪري وسڻ لڳيون. اهي گارين جو گوڙيون، لڪڻ جا وچ جيان وراڪا ۽

اڪين جو اوهيرا ڪري وسڻ. تيسين جاري رهيا جيسين
ڏيڍ مڻ جي پڃري ڪٽندڙ ماستر جي ٻانهن ساڻي ٿي پيئي ۽
شيدوءَ جي اکين مان وهندڙ مهراڻ سڪي ويو.” (39)

## متفرقه ڪهاڻي miscellaneous :

متفرقه ڪهاڻي دراصل ڪو به الڳ قسم ناهي پر ڪهاڻيڪار مٿي ذڪر ڪيل الڳ الڳ قسمن ڪي گڏائي ڪهاڻي لکندا آهن، جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪجهه قسم گڏيل طور ڪتب آيل هوندا آهن.

نوٽ: اڪثر ڪهاڻيڪار بياني، مونولاگ ۽ ڊائلاگ واري گڏيل فارميٽ ۾ڪهاڻي لکڻ پسند ڪندا آهن.

## هيئت جي لحاظ کان قسم Structural Forms :

ڊيگهه يا اختصار جي لحاظ کان ڪهاڻيءَ جا ٻه قسم آهن، هڪ ميڪرو ڪهاڻي ٻي مائڪرو ڪهاڻي.

ميڪرو ڪهاڻي روايتي ڪهاڻي ئي آهي. (فقط مائڪرو ڪهاڻيءَ جي فارميٽ کي سمجهڻ واسطي ان کي ميڪرو ڪهاڻيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي.)

مائڪرو ڪهاڻي مختصر مختصر ڪهاڻي آهي، جيڪا ڪجهه لفظن، جملن يا صفحن تي مشتمل هوندي آهي.

# فليش فڪشن: ماضي ، حال ۽ مستقبل

بنيادي طور ادب کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي، هڪ نظم ۽ ٻيو نثر. پر ادب کي وڏيڪ گهرائي سان سمجهڻ لاءِ ان کي چئن حصن/ڀاڱن ۾ ورهائي سمجهون ٿا. 1. مضمون (جنهن ۾ مهاڳ، مقالو، تنقيد، ادبي خط، سوانح عمري، آتم ڪٿا، تحقيق، خاڪا ۽ ٻيون نثري صنفون شامل آهن.) 2. شاعري 3. ڊرامو 4. فڪشن (جنهن ۾ ناول، ڪهاڻي/افسانو قصو ۽ داستان شامل آهن.)

سڀ کان پهرين اسان پنهنجي موضوع جي نسبت سان فڪشن کي سمجهون ٿا تہ فڪشن ڇا آهي؟

فڪشن هڪ اهڙي قسم جي لکڻيءَ جو نالو آهي، جيڪا مڪمل طور تي يا ڪجهہ حصي اندر غير حقيقي معلومات يا واقعن تي مشتمل هجي، تصوراتي هجي، ڪنهن بہ ليکڪ پاران ڪوڙي قصي طور لکي وئي هجي. اڄ فڪشن مان مراد ناول ۽ ڪهاڻي ئي آهي. فڪشن جو مخالف نان فڪشن ادب آهي، جيڪو مجموعي طور يا ڪجهہ حصي اندر سچو سمجهيو ويندو هجي. ان ۾ موجود واقعا، وضاحتون، مشاهدا، تجربا، رويا سچا ۽ حقيقي محسوس ڪرايا وڃن/هجن.

فڪشن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

1. **حقيقي فڪشن Realistic Fiction**

2. **غير حقيقي فڪشن Non-Realistic fiction**

**حقيقي فڪشن:** هي اصطلاح بظاهر تہ مزاح سان ڀرپور لڳي رهيو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ ايئن ٿيندي تہ سچا ڪوڙا قصا. متضاد ڳالهہ آهي تہ جڏهن اهو بنيادي طور آهي ئي ڪوڙو قصو تہ سچو ڪيئن هوندو؟ ان جو مثال هن طرح ٿا ڏيئون تہ جولس ورني (Jules Verne) ناول لکيو هو "ڌرتي کان چنڊ تائين" (From the earth to the moon) جيڪو اڳتي هلي سچ ثابت ٿيو، جو 1969ع ۾ نيل آرم اسٽرانگ چنڊ تي پهريون قدم رکيو تہ اهو سچ ثابت ٿيو. واضح ٿيو تہ حقيقي فڪشن اهڙي لکڻي آهي، جيڪا آهي تہ غير حقيقي پر اڳتي هلي سچ ثابت ٿي سگهي ٿي. اُهي تصور ۾ آندل واقعا، حادثا، اڳڪٿيون حقيقت جو روپ ڌاري سگهن ٿيون.

**غير حقيقي فڪشن:** هاڻي هتي تہ وڏو تضاد پيدا ٿي ويو، جڏهن فڪشن آهي ئي غير حقيقي تہ پوءِ ان ۾ Non-realistic ملائڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ جي، منهنجي خيال ۾ ضرورت آهي، هڪ اهڙو ڪوڙو قصو، جنهن ۾ حد درجي جي فئنتسي هجي، جيڪو ڪڏهن بہ حقيقت جو روپ ڌاري نہ سگهي، اهو غير حقيقي فڪشن آهي. هن قسم جي فڪشن ۾ جادو، غير فطري ڏيکاءَ ۽ پيِن مخلوقن جي تصوراتي دنيا يا انساني فطرت جا اهي پاسا جيڪي ڪڏهن حقيقت جو روپ نہ ڌاري سگهن، شامل آهن.

جنهن جو وڏو مثال هيري پوٽر(Harry Potter) ناول جي سيريز آهي، ان کي (Fantasy) بہ سڏي سگهجي ٿو.

هاڻي هڪڙو سوال جيڪو اوهان جي ذهنن ۾ پڻ اڀريو هوندو تہ ڪجھ ليکڪ اها دعويٰ ڪندا آهن تہ سندن فلاڻو ناول يا ڪهاڻي سچي واقعي تي مشتمل آهي، ڪردار، ماحول ۽ واقعات سچا (Real) آهن، تہ پوءِ فڪشن جي جامي ۾ اوڙهيل اهڙي تحرير کي ڇا سڏيون؟ اهڙي قسم جي لکڻي کي (Semi-fiction) سڏيو ويندو آهي، جيڪا ڪنهن سچي واقعي جو افسانوي خاڪو ٿي پيش ٿئي.

باقي واقعن جي مشاهداتي نئين عڪس جوڙڻ کي (-Reconstructed Biography) سڏجي ٿو. هن قسم جي لکڻيءَ ۾ ڪنهن بہ فردِ واحد يا وڏيک ڪردارن جي زندگيءَ کي افسانوي انداز ۾ پيهر لکجي. هن قسم جو ڪم سنڌيءَ ۾ مراد علي مرزا جو شاهہ لطيف جي سوانح تي لکيل ناول "سامي سچ وڙاءُ"، محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو "سانگهڙ"، سرمد چانڊيي جو "شاهہ لطيف" يا سنڌيءَ جو پهريون جديد افسانو مڃيو ويندڙ ڪهاڻي "حُر مُکيءَ جا" کي شامل ڪري سگهجي ٿو.

## فليش فڪشن ڇا آهي؟

فڪشن جي وضاحت مٿي ڪري آيا آهيون، هاڻي ٿورو فليش لفظ کي سمجهون تہ ان جو تصور ڇا آهي؟ اوڪسفرڊ ڊڪشنريءَ مطابق فليش جي لغوي معنيٰ آهي: چمڪڻ، چمڪائڻ، اوچتو جهلڪ ڏيڻ يا ترورو ڏيڻ. يا اوچتي

شعلي يا پنيءَ جيان روشن ڪرڻ يا عڪس ڏيڻ. ظاهر ٿيو تہ فليش جي معنيٰ اوچتو تجلو يا جهلڪ ٿي آهي.

فليش فڪشن افسانوي ادب جي لکت جو هڪ انتهائي اختصاريل نمونو آهي. ان جي اهڙي ڪابہ قبوليل وصف ناهي جنهن مان ان جي مقرر ڪيل ڊيگهہ جي صحيح خبر پئجي سگهجي. ڪجهہ جڳهين تي ڪي ليکڪ پاڻمرادو ان کي 300 لفظن تائين رکڻ تي زور ڏين ٿا، جڏهن تہ ڪجهہ ليکڪ 1000 لفظن تائين لکيل اهڙي تحرير کي فليش فڪشن تسليم ڪن ٿا.

پهريون ڀيرو فليش فڪشن جو اصطلاح جيمس ٿامس 1992ع ۾ ڪتب آندو، جنهن 72 مختصر ترين ڪهاڻين جي گلدستي کي ايڊٽ ڪرڻ وقت فليش فڪشن جو اصطلاح ڪتب آندو ۽ هن طرح وضاحت ڪئي تہ اها مختصر ڪهاڻي جيڪا ادبي ڊائجسٽ جي ٻن صفحن تي مشتمل هجي، اها فليش فڪشن آهي.

چائنا ۾ ان فارم کي سگريٽ جي ڪش جيتري (Smoke Long)، هڪ منٽي (Minute-long) ۽ مُٺِ جيتري (Palm-sized) اسٽوري سڏيو ويو، جيڪا هڪ منٽ، هڪ مُٺ ۾ پورا ايندڙ لفظن يا هڪ سگريٽ ڇڪڻ جي وقفي تائين پڙهي پورو ڪري سگهجندڙ هجي.

فليش فڪشن جا ڪيترائي نالا رائج ڪيا ويا، جيڪي مختلف لکندڙن پاران رکيا ويا، اُهي هي آهن؛ مائڪرو فڪشن، مائڪرو Narrative، مائڪرو اسٽوري، پوسٽ ڪارڊ فڪشن، شارٽ شارٽ، سڊن فڪشن، پاڪيٽ اسٽوري، ڪئيڪ فڪشن، مختصر ترين ڪهاڻي، مختصر مختصر ڪهاڻي وغيره.

سال 2000ع تائين ان کي مختصر مختصر ڪهاڻي ئي سڏيو ويندو هو پر تنهن بعد اهڙي ادب کي فليش فڪشن جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

فليش فڪشن جا اگر پيرا کڻون تہ اهي ماضيءَ ۾ ايسپ جي آکاڻين ۽ زين ڪونس ڏانهن وڃن ٿا. ان بعد جن ان فارم تي لکيو، انهن ۾ شيخ سعدي (گلستانِ سعدي)، بوليسلا پُرس، ائنٽون چيخوف، او هينري، فرانز ڪافڪا، لِڊيا ڊيوس، ارنيسٽ هيمنگوي، جان ڪيج ۽ ٻيا شامل آهن. هيمنگوي ان فارم

جي جديد فارم جو بنياد رکڻ وارن مان آهي، هن جون اهڙيون 18 ڪهاڻيون، هن جي ڪهاڻين جي مجموعي "اسان جي دؤر ۾ In Our Time" ۾ شامل آهن، هن جي جڳ مشهور فليش فڪشن ڪهاڻي؛ "For sale, baby shoes, never worn" (وڪري لاءِ، اڻ پاتل، ٻار اڻا بوٽ) آهي.

ان ڪان علاوه فليش فڪشن اسپين، ارجنٽينا، اٽلي، فرانس، جرمني، روس ۽ عرب دنيا ۾ پڻ لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. عربيءَ ۾ نجيب محفوظ مائڪرو ڪهاڻيون لکيون آهن. انٽرنيٽ تي لاتعداد ويب سائيٽون اهڙيون آهن، جيڪي رڳو فليش فڪشن کي متعارف ڪرائڻ توڙي عام ڪرڻ ۾ رڌل آهن. پائلو ڪوهلو چوي ٿو ته "رابطن کي عوامي ڪرڻ جي سهولت جيڪا انٽرنيٽ ڏني آهي، ان مثبت اثر ڇڏيا آهن ۽ اهڙي سهولت شهرت کي وڌيڪ مقبول ڪيو آهي."

فليش فڪشن کي هن طرح به بيان ڪيو ويو آهي ته "ڪجهه سَوَ لفظن ۾ ڪهاڻي يا ناول بيان ڪرڻ." فليش فڪشن ۾ مختصر هجڻ باوجود ڪلاسيڪي ڪهاڻيءَ جا عنصر شامل هجن ٿا. عام رواجي ڪهاڻيءَ جي ابتڙ لفظن جي ڪٽ/محدوديت جي ڪري ڪڏهن ڪجهه عنصر اڻ لکيا رهايا ويندا آهن، پر تصور ۾ موجود ضرور هوندا آهن. فليش فڪشن جا چمڪندڙ عنصر هي آهن: شروعات ۾ ماحول جوڙڻ Setting، وچ ۾ مسئلو Conflict، آخر ۾ حل Resolution شامل آهن.

مختصرا ته فليش فڪشن ڪهاڻيءَ جو اهو فارم آهي، جنهن ۾ اکرن، لفظن، جملن يا صفحن جو تعداد مقرر ڪيل هجي. ان حوالي سان فليش فڪشن تي آڌاريل ڪهاڻين جي قسمن کي هيٺين ترتيب سان سمجهي سگهجي ٿو:

**اکرن تي مشتمل فليش فڪشن:**

1. ٻڙي اکر ڪهاڻي (Zero Byte Story)
2. ايس ايم ايس ڪهاڻي( SMS Story)

**لفظن تي مشتمل فليش فڪشن:**

1. هڪ لفظي ڪهاڻيءَ کان 300 لفظي ڪهاڻيءَ تائين.

**جملن تي مشتمل فليش فڪشن:**

1. هڪ جملياتي ڪهاڻي One sentence Story

2. ٻہ جملياتي ڪهاڻي Two Sentence Story

**صفحن تي مشتمل فليش فڪشن:**

**1.** هڪ صفحاتي ڪهاڻي **One page Story**

2. ٻہ صفحاتي ڪهاڻي **Two Sentence Story**

ان ڪان علاوھ ان ئي مقرر ڪيل حدن ۾ مختلف موضوعاتي ڪهاڻيون پڻ لکجي رهيون آهن، جن ۾ خوفناڪ ڪهاڻيون، اسڪيچ استوري، تعليمي ڪهاڻيون وغيره شامل ڪري سگهون ٿا.

هاڻي هڪ نظر انهن فارميٽس تي لکيل ڪهاڻين تي، سڀ ڪان پهرين ترتيب جي لحاظ ڪان اکرن تي مشتمل ڪهاڻين ڪان ڪريون ٿا.

## اکرن تي مشتمل:

هنن ڪهاڻين ۾ اکرن جي هڪ بائونڊري رکيل آهي، پهرين قسم ٻڙي اکر ڪهاڻي ۾ ڪهاڻيءَ جو نالو ئي ڪهاڻي آهي، هيٺ متن زيرو بائيٽ هوندو، مطلب خالي هوندو، ڪجھ بہ نہ هوندو. هن جي وضاحت مون پنهنجي ڪهاڻي ڪتاب "پنهنجي ڌرتي" جي پنهنجي پاران ۾ هن طرح ڪئي آهي:

> "منظور ڪوهيار پنهنجي ڪهاڻي ڪتاب "سچا ڪوڙا رشتا" جي مهاڳ ۾ مختصر مختصرڪهاڻي بابت ڏاڍي وڻندڙ وصف پيش ڪئي آهي: "جيئن اکيون روح ۽ جسم جون دريون آهن، تيئن مختصر مختصر ڪهاڻي بہ هڪ اهڙي دريءَ مثال آهي، جنهن مان زندگيءَ کي اک ڇنڀ ۾ ڏسي يا محسوس ڪري سگهجي ٿو." (40)

ٻڙي اکر ڪهاڻين بابت ڪوهيار صاحب پنهنجي ڪتاب "پيئونرن جي انتظار ۾" انجنيئر عبدالوهاب سهتي جي ڪتاب جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

> "ٻن ٽن سٽن يا هڪ پيراگراف ڪان وٺي ائن، ڏهن پيراگرافن ۾ بيان ڪيل وارتا، جيڪا مثال طور تي ٻڌائي وڃي، ان کي مثالي ٽوٽڪو يا ڪهاڻي سڏيو ويندو آهي.
> مثال: "ٻڌيءَ پيڙيءَ جون هريڙون بہ پليون."

ان پسمنظر ۾ چاٽايل هڪ ڪهاڻي هت پيش ڪجي ٿي:

"سامان سان ڀريل ٻيڙي هڪڙي پتڻ کان ٻئي تي پُور ڪنيون پئي وئي تہ واٽ تي طوفان سبب اونڌي ٿي پئي. ماڻهو جيئن تيئن بچيا پر سامان سارو درياهہ ۾ داخل ٿي ويو. هرِيڙن جي هڪڙي ٻوري پئي تري، جيڪا ناڪئو صحيح سلامت ٻاهر ڪڍي آيو تہ اهو ڏسي مالڪ چيو، "ٻڏيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙون بہ ڀليون" (41)

مطلب تہ اهڙي قسم جا ٻهاڪا ۽ چوڻيون ٻڙي ڪهاڻيون آهن، جنهن جي عنوان ٻڌڻ سان ماڻهوءَ کي پس منظر ۾ ڪهاڻي/آکاڻي/حڪايت وغيره ياد اچي وڃي."

منهنجي ڪهاڻي ڪتاب"پنهنجي ڌرتي" جي صفحي 114 کان 116 تائين اهڙيون ڪهاڻيون موجود آهن، مثال طور بہ هتي پيش ڪريان ٿو:

( امان، مان ٻيلي ۾ نہ پڙهندم!)

...........

(ٻاءَ تي بندوق نہ تاڻيندم!)

...........

باقي ايس ايم ايس ڪهاڻي 160 اکرن تي مشتمل هوندي، جيتري هڪ ايس ايم ايس جي طوالت آهي.

## لفظن تي مشتمل:

هن قسم جي ڪهاڻين ۾ هڪ لفظ کان ويندي 300 لفظن تائين جون ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون. ڪهاڻي جو نالي بعد جيڪو مواد ايندو اهو هڪ لفظ تي هجي يا وڌ ۾ وڌ 300 لفظن تائين. اهڙي قسم جي ڪهاڻين جي باري ۾ منظور ڪوهيار پنهنجي ڪتاب "پَئونرن جي انتظار ۾" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

" اهڙين ڪهاڻين کي ڪو بہ حتمي نالو ڏئي ڇڏجي. مثلاً: ١ - افسانڙا. ٢ - مختصر مختصر ڪهاڻي. ٣ - ننڍڙي مختصر ڪهاڻي. ۴ - ننڍيرڙي ڪهاڻي، وغيره وغيره.

پر مان سمجهان ٿو تہ هڪ اهڙي ڪهاڻي، جيڪا عام مختصر ڪهاڻي(common short story) کان بہ وڌيڪ مختصر هجي تہ ان کي مختصر مختصر ڪهاڻي ( short short story) سڏڻ بهتر رهندو. ڊيگهہ/ طوالت جي حوالي سان منهنجي راءِ اها آهي تہ: اهڙي ڪهاڻي هڪ صفحي يا ٣٠٠ لفظن کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي.

ترقي يافتہ ٻولين ۾، سائنسي افسانوي ادب گهڻو مقبول آهي. سائنسي افسانوي ادب ۾، ناول ۽ افسانہ تہ جام آهن پر هاڻي تہ مختصر مختصر ڪهاڻيون بہ لکيون وڃن ٿيون.

هڪڙو مثال پيش خدمت آهي.

**تنهنجي هن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟**

هڪڙو مثبت، تہ وڻن ٽڻن جي زندهہ رهڻ لاءِ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڪيان.

ٻيو منفي، تہ ڪمري ۾ ويٺل ماڻهن جي حصي جي آڪسيجن کٽي وڃان.

ٻي هڪڙي، ۶ لفظي ڪهاڻي بہ ان حوالي سان پيش ڪجي ٿي:

**ڊائونسار موٽن ٿا**

ڊائونسار موٽيا، تيل واپس گهرڻ لاءِ.

مٿين ڪهاڻي، اِن سائنسي نظريي تي ٻڌل آهي، تہ تيل/ پيٽرول پنڊ پهڻ ٿيل ڊائونسار يا زمين اندر دٻيل حياتياتي مادي مان نڪرندو آهي.

سائنسي ادب کان علاوہ سماجي پهلوئن تي بہ مختصر مختصر ڪهاڻيون آهن، مثلاً: ۴ لفظي ڪهاڻي

**پاڳل ماڻهو ۽ مان**

مان پاڳل نہ آهيان

٢ لفظي ڪهاڻي، مثلاً:

**گهريل دعا جو جواب**

بلڪل . . . نہ!
(مطلب تہ گھريل دعا نہ اگھامي)
۱ لفظي ڪهاڻي، مثلاً:
**جي خدا مون سان آهي، تہ پوءِ ڪير مخالفت ڪندو.**
مان
ٻڙي لفظي ڪهاڻي: مثلاً،

**وقت جو بهترين پل**
.............." (42)

## جملن تي مشتمل:

هڪ جملي يا ٻن جملن تي مشتمل ڪهاڻيون پڻ ڏاڍيون مقبول آهن. هڪ جملي تي آڌاريل اهڙين ڪجهہ ڪهاڻين جا انٽرنيٽ تان ڪنيل مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

**شرمسار**

"منهنجي ملحد پاڙيسري فقط گذريل هڪ سال ۾ ايترن ماڻهن جي مدد ڪئي، جيتري اسان جي جماعت ڏهن سالن ۾ ناهي ڪري سگهي."

**شايد نيڪ ناهي!**

"آن لائين ڊيٽنگ سروس وارن منهنجو جوڙ منهنجي ئي سوٽَ سان ملائي ڇڏيو."

ٻن جملن تي آڌاريل اهڙين ڪهاڻين جا مثال هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي خوفناڪ ڪهاڻين مان ورتا ويا آهن:

"منهنجي موبائيل ۾ منهنجي ننڊ جي حالت ۾ تصوير نڪتل آهي، مان اڪيلي رهندي آهيان." (گزتالز)

"جڏهن پيءُ مان گهر ۾ اڪيلي رهي آهيان، خدا جو قسم مون ايترا دروازا کوليا ناهن، جيترا بند ڪيا آهن." (ايول اسٽيو ڊيو)

باقي صفحن تي مشتمل ڪهاڻين جا مثال هتي طوالت جي ڪري نہ ڏئي رهيو آهيان، اهو بلڪل واضح آهي تہ جيڪا ڪهاڻي جيترن صفحن تي هوندي اها اوترن صفحن واري سڏبي. موضوعاتي لحاظ کان لکيل ڪهاڻيون انهن مان ڪابہ فارميٽ کڻي سگهن ٿا. طرحي مشاعرن جيان فليش فڪشن جا پڻ مقابلا ٿيندا رهيا آهن، جن ۾ لفظن جي هڪ مقرر تعداد ۾ رهي ڪجهہ مخصوص لفظ استعمال ڪندي ڪهاڻي يا ناول پيش ڪرڻو هوندو آهي، اهڙا مقابلا بي بي سي ريڊيو 4 جي پروگرام (Front View) پاران پڻ منقعد ٿيندا رهيا آهن، جن مان چونڊجي آيل لکڻين کي انعام پڻ ڏنو ويندو آهي.

فليش فڪشن جي مقبوليت کي نظر ۾ رکندي روزاني جنگ اخبار ۾ هڪ سئو لفظي ڪهاڻيون شايع ٿي رهيون آهن، روزاني ڪاوش پڻ "ننڍڙي ڪهاڻي، وڏي ڳالهہ" جي عنوان هيٺ اهڙيون ڪهاڻيون شايع ڪري رهي آهي. اهڙيون سنڌي ڪهاڻيون لکندڙن ۾ عبدالقادر جوڻيجو، منظور ڪوهيار، زيب سنڌي، عزيز قاسماڻي، عباس سارنگ، انور ڪليم، عباس ڪوريجو، يوسف محرم مغيري، سليم چنا، ايس سرمد، شبير حسين شبير، سيف الحق سيف، ذاهد ميراڻي، علي رضا قاضي، سومرو شبير، مرتضيٰ لغاري، مٺل جسڪاڻي ۽ هڪ ڊگهي قطار موجود آهي. تازو ئي S.A.Cecrle جو ڪتاب "The Big Picture and other byte-sizes stories" 2014ع ۾ شايع ٿيو آهي. فليش فڪشن نہ فقط جديد دؤر جي گهرج آهي، پر ان جو هڪ شاندار مستقبل پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چو تہ عالمي ادب ۾ اهو هڪ مڃيل فارم طور ايري چڪو آهي ۽ ان فارم ۾ مڪمل ڪتاب اچڻ ان جي مقبوليت جو ثبوت آهي.

## مختصر ڪهاڻيءَ سان هڪ جهڙائي رکندڙ صنفون:

ڪهاڻي يا افساني سان هڪ جهڙائي رکندڙ نثري صنفن جو انتهائي مختصر انداز ۾ ذڪر ڪيو ويندو، جيئن اسين انهن جي فن، هيئت ۽ فرق کان واقف رهون. ڪهاڻي ۽ مختصر ڪهاڻي ۾ به فرق آهي، ڪهاڻي ان واقعي ڪي چئجي ٿو، جيڪو ڪنهن ناول، داستان، آکاڻي، ڊرامي، خط، خبر، اطلاع، رپورٽ، تبصري، فيصلي، خبر توڙي ٻين رابطي جي ذريعن ۾ موجود هوندو آهي. جڏهن تہ مختصر ڪهاڻي هڪ نثري صنف آهي، جنهن ۾ پڻ ڪهاڻي شامل هوندي آهي.

مختصر ڪهاڻي سان هڪ جهڙائي رکندڙ صنفن ۾ خاص طور تي شامل آهن، آکاڻي، ناول، ناوليٽ، ناويلا، قصو، داستان، لوڪ ڪهاڻي ۽ ڪالم ڪهاڻي وغيره.

### آکاڻي :

> “ آکاڻي: آکاڻيءَ مان مراد واقعن جو تسلسل ٿئي ٿو، جنهن ۾ منظر، ڪردار ۽ واقعا شامل هجن. آکاڻي انساني زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ مختلف وارداتن، مشاهدن ۽ تجربن جي ترجمان آهي. آڳاٽي دؤر ۾ سنڌ ۾ آکاڻين جي رواج رهيو آهي، جيڪي مذهبي نوعيت جون ۽ سورمن جي ڪردارن تي مبني هيون. جنن، ديون ۽ پرين جا قصا آکاڻيون ليکجن ٿيون .
>
> جديد زماني ۾ آکاڻي يا ڪهاڻي افساني کي چوندا آهن، جنهن ۾ ڪوبہ واقعاتي قصو بيان ڪيل هجي. اصطلاحي طور آکاڻي اهو قصو آهي، جيڪو ٻاراڻي زندگيءَ ۽ ٻاراڻي دلچسپيءَ پٽاندر ڪردارن تي مبني تصوراتي افسانوي ليک هجي. آکاڻي ٻڌائڻ جو سلسلو تڏهن کان شروع ٿيو جڏهن انسان ڳالهائڻ سکيو، ان ريت ڪن شروع ۾ پاڻ سان يا قبيلي وارن سان پيش آيل واقعن کي ياد ڪري ٻين تائين پهچائڻ شروع ڪيو. پوءِ جڏهن اهي ٻڌل واقعا هڪ

شخص کان ٻئي شخص تائين ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيا تہ انهن افسانوي رنگ بہ اختيار ڪيو. ان ريت اهي قصا ڪهاڻيون ماضيءَ جي واقعن ۽ تجربن جو ذخيرو ٿيندا ويا. اڳتي هلي ڪي ماڻهو اهي قصا ياد ڪرڻ ۽ ڊرامائي انداز ۾ بيان ڪرڻ جا ماهر ٿي ويا. ان ريت آکاڻي جو فن اسريو ۽ دنيا جا بهترين قصا جهڙوڪ راماڻ، مهاڀارت، الياد، اوديسي وغيره لکيا ويا." (43)

## آکاڻي ۽ مختصر ڪهاڻي ۾ فرق:

مختصر ڪهاڻي يا افسانو بنيادي طرح آکاڻي ئي آهي. ڪهاڻي آکاڻي جي ئي موجوده سڌريل صورت آهي. آکاڻي ۾ واقعا ڪردارن کان وڌيڪ اهميت رکندا هئا ۽ ڪردار جي حيثيت ثانوي رکي ويندي هئي. آکاڻي ۽ مختصر ڪهاڻيءَ ۾ واضح فرق اهو آهي تہ آکاڻيون ٻارن لاءِ لکيل اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ماڻهو، جانور، پکي، جيت، جن، ديو، پريون ۽ ٻين مخلوقن کي ڪردار بڻائي افسانوي انداز ۾ ڪونہ ڪو اصلاحي پيغام ڏنو ويندو آهي. جڏهن تہ موجوده ڪهاڻي سماج جي ڪردارن تي آڌاريل واقعن يا حادثن جو حقيقي روپ آهي. سنڌيءَ ۾ "گرم جون آکاڻيون" ۽ "ايسپ جون آکاڻيون" تمام گهڻو مشهور آهن.

## داستان:

داستان پڻ ڪوڙي قصي طور مشهور آهي. جنهن جو اڪثر ڪري تعلق حقيقي زندگيءَ سان ناهي هوندو. ان ۾ مافوق الفطرت واقعن جو هڪ سلسلو هوندو آهي. داستان ڪهاڻي جي سڀ کان قديم صورت آهي، يعني داستان اها ڪهاڻي يا قصو آهي، جنهن جو بنياد تخيل، رومان ۽ مافوق الفطرت عنصرن تي هجي. ڪهاڻي جيئن تہ ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ واري ڳالهہ آهي، اهڙي طرح داستان جو تعلق بہ ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ سان آهي. داستان جو تعلق حاضرين کي مخاطب ٿي

ٻڌائڻ سان آهي، تنهن ڪري ان ۾ ويٺل ماڻهن يا ٻڌندڙن سان مخاطب ٿيڻ واسطي مخصوص لفظ پڻ ڪتب آندا ويندا آهن، جيئن ٻڌندڙن جي دلچسپي قائم رهي. داستان هڪ ڊگهي ڪهاڻي يا قصو هوندو آهي، جنهن ۾ هر ايندڙ واقعو پراڻي آيل واقعي جي ڪڙي هوندو آهي، داستان مان اڳتي هلي ناول ۽ ڪهاڻيءَ جو جنم ٿيو.

احسان بدوي پنهنجي زينت ناول جي مطالعي واري مضمون ۾ لکي ٿو:

“مشرقي ادب ۾، هونءَ تہ قصي نويسيءَ، ۽ داستان سرائيءَ جو رواج، صدين کان وٺي هلندو آيو آهي؛ جنهن ۾، ڪنهن تاريخي، يا نيم تاريخي شخصيت کي، قصي يا داستان جو هيرو بڻائي، هڪ اهڙي تخيّل جي دنيا پيدا ڪئي ويئي آهي، جنهن جو حقيقت سان، دُور بہ تعلق، ۽ واسطو ڪونہ آهي. داستان، ۽ قصي ۾، هڪ اهڙي ڪائنات ٺئي ٿي، جتي ديوَ، پريون، ۽ عجيب الخلقت هستيون، چُرنديون ڦِرنديون نظر اچن ٿيون. اِن لحاظ کان، قصو يا داستان، مافوق الفطرت ڪهاڻين کان، زياده اهميت نٿو رکي. مگر اِن جو مطلب اِهو نہ آهي، تہ ڪو قصن، ۽ داستانن کي، ڪا اسان جي ادب ۾، جڳهہ ئي حاصل ڪانہ آهي.” (44)

## داستان ۽ مختصر ڪهاڻيءَ ۾ فرق:

داستان ۾ لوڪ ادب جو رنگ ڇانئيل هوندو آهي، جڏهن تہ مختصر ڪهاڻيءَ جو تعلق سماج ۽ ان ۾ رهندڙ فردن سان آهي. داستان ۾ مافوق الفطرت عنصر هوندا آهن، جڏهن تہ ڪهاڻي سائنسي بنيادن تي تبديل ٿيندڙ سماج جو عڪس آهي. داستان ٻڌائڻ جي ڳالهہ آهي، جڏهن تہ مختصر ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ لکي ويندي آهي. داستان ۾ ٻڌائڻ وارو پنهنجي پاران مخاطب ٿيڻ وارا لفظ پڻ ڪتب آڻيندو آهي، جڏهن تہ ڪهاڻي بياني يا مونولاگ ٿيندي آهي.

## ناول/ناوليٽ/ناويلا:

دنيا جي تقريبا هر ٻولي جي ادب ۾ داستان، قصو، ناول، افسانو هڪ ئي خاندان جا فرد آهن. سڀني جو تعلق افسانوي ادب سان آهي. هتي اسان ناول ۽ ان جي صورتن جو مختصر ذڪر ڪنداسين.

ناول اطالوي زبان جو لفظ آهي، انگريزي ادب مان سنڌي، اردو توڙي ٻين ٻولين ۾ آيو. ناول لفظ جي لغوي معنيٰ پڻ آهي ڪا نئين، نرالي، انوکي يا عجيب ڳالھ. ناول داستان جي ترقي يافتہ شڪل آهي. ناول اها نثري ڪھاڻي يا قصو آهي، جيڪو پنھنجي خاص مقصد تحت اڳتي وڌندو منزل تي رسي ٿو. ناول جو پلاٽ تمام وڏو ۽ تفصيلي هوندو آهي. ان ۾ مختصر ڪھاڻي وانگر ڪنهن بہ هڪ واقعي تي فوڪس ڪرڻ واري بندش ناهي، بلڪہ ناول واقعن جي هڪ سيريز جو نالو آهي. هڪ ناول ۾ زندگيءَ جي انهن سڀني مسئلن، مونجھارن توڙي واقعن کي هڪڙي مخصوص پلاٽ جي تحت قلمبند ڪيو ويندو آهي، جيڪي اسان جي سماج اندر موجود آهن. ناول اندر هڪ کان وڌيڪ ڪھاڻيون ۽ ڪردار شامل هوندا آهن. مرڪزي ڪھاڻي يا ڪردار کي وڌيڪ اهميت ڏنل هوندي آهي. سنڌي ادب ۾ ناول جي صنف ايتري ترقي ناهي ڪري سگھي جيتري ٻين ٻولين ۾، ان جا پيا بہ ڪيترائي سبب هوندا پر سنڌيءَ ۾ جيڪي بہ ناول لکيا ويا آهن، اهي اڪثر يونيورسٽيءَ جي پلاٽ تي آڌاريل آهن، باقي جيڪي تاريخي ناول آهن، انھن جو تعداد بلڪل ٿورڙو آهي.

ناوليٽ ناول جو ننڍاپڻ فارم آهي. طوالت جي لحاظ کان ننڍو ناول ناوليٽ سڏجي ٿو. جيڪو هجي تہ ناول جون گھرجون پوريون ڪندڙ، طويل نہ هجي ، ان کي ناوليٽ يا مختصر ناول سڏيو ويندو آهي.

ناويلا کي Long Short Story بہ سڏيو ويندو آهي. ناويلا ناول ۽ مختصر ڪھاڻي جي وچ واري هڪڙي صنف آهي، جيڪا طوالت ۾ ذري گھٽ ناول جيتري ۽ عنصرن ۽ جوڙجڪ ۾ مختصر ڪھاڻي جھڙي هوندي آهي. هتي ڳالھ واضح ڪندو هلان تہ مختصر ڪھاڻي **Short Story** جو اهو مطلب قطع ناهي تہ ڪا ننڍڙي ڪھاڻي، پر ان جو مطلب اهو آهي تہ ناول جي ڀيٽ ۾ ننڍي ڪھاڻي.

ناول هر سماج ۾ گهڻو پڙهي ويندڙ صنف آهي، ان جي مقبوليت جو هڪڙو مثال اهو به آهي ته هالي ووڊ جون ڪيتريون ئي ڪامياب فلمون ناولن مان ئاهيون ويون آهن.

## ناول/ناوليٽ/ناويلا ۽ مختصر ڪهاڻيءَ ۾ فرق:

ناول ۾ هڪ ڪان وڌيڪ واقعا يا ڪهاڻيون بيان ٿيل هونديون آهن، جڏهن ته مختصر ڪهاڻي تاثر جي وحدت تي زور ڏئي ٿي. ناول جو پلاٽ وسيع هوندو آهي، جنهن ۾ مرڪزي ڪردار توڙي واقعن کي تفصيل سان بيان ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته ڪهاڻي ۾ اختصار ڪان ڪم ورتو ويندو آهي. مختصر ڪهاڻي ۽ ناول جا فني جزا تقريباً ساڳيا هوندا آهن، پيشڪش جو انداز به هڪ جهڙو هوندو آهي، پر بنيادي فرق فقط پلاٽ اندر واقعن ۽ ڪردارن جي گهٽ وڌائيءَ جو آهي.

## لوڪ ڪهاڻي:

لوڪ ڪهاڻي لوڪ ادب جي مشهور ۽ مقبول صنف آهي. لوڪ ڪهاڻي قديم  دؤر ۾ بادشاهن، پرين، جنن، ديون، جادوگرن، ڏائڻين، پوپٽن، وزيرن ۽ شهزادن، شهزادين جي قصن تي مبني قصا آهن، جيڪي پڻ اڪثر ٻڌڻ ٻڌائڻ وسيلي نسل در نسل وڌندا رهيا. انساني تاريخ جا قديم وهم وسوسا لوڪ ڪهاڻين ۾ بيان ڪيا ويا آهن. لوڪ ڪهاڻيون ڪنهن لکيون يا ٻڌايون ان بابت ڪا به ثابتي نٿي ملي. لوڪ ڪهاڻي هر  دؤر ۾ هر سماج ۾ تبديل ٿيندي رهي آهي، ان جو سبب هر سماج جون الڳ الڳ معاشي، سماجي حالتون ۽ عقيده آهن. لوڪ ڪهاڻين جا ڪردار فرضي يا هٿرادو آهن. اهي سماج مان ناهن نه ئي وجود رکندڙ هوندا آهن سواءِ انهن ڪردارن جي جيڪي انسان آهن.

## لوڪ ڪهاڻي ۽ مختصر ڪهاڻي ۾ فرق:

لوڪ ڪهاڻي لوڪ ادب جي صنف آهي، مختصر ڪهاڻي سماجي ادب جي حقيقت تي آڌاريل تخليق آهي. لوڪ ڪهاڻي جا اڪثر ڪردار ۽ واقعا

مافوق الفطرت آهن، جڏهن تہ مختصر ڪهاڻي جا ڪردار ۽ واقعا اسان جي سماج جي جيئري جاڳندي تصوير آهن.

## ڪالم ڪهاڻي:

ڪالم صحافتي ادب جي صنف آهي، جيڪا روزانو اخبارن جو پيٽ ڀرڻ لاءِ اوچتو پيدا ٿيل واقعن، حادثن، مصيبتن ۽ حالتن تي لکيا ويندا آهن، ڪالم جي عمر جو مدار ان واقعي جي عمر جيترو هوندو آهي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن يا وڌ ۾ وڌ جيستائين ان واقعي جو اثر قائم هجي. ڪالم ڪهاڻي روزمره جي اهڙن واقعن کي ڪردارن جي صورت ۾ بحث هيٺ آڻڻ ۽ پنهنجي تجزياتي راءِ ڏيڻ جو نالو آهي، اهڙي قسم جون انيڪ ڪهاڻيون نامياري ڪهاڻيڪار امر جليل لکيون آهن، جن ۾ سندس سنڌو، چيني، چريٽ ۽ ڦندڻ جي ڪردارن مقبوليت ماڻي. اڄڪلهہ تہ اڪثر ليکڪ ڪالم ڪهاڻيون لکڻ کي ترجيح ڏيندي نظر اچن ٿا، ڇوتہ ان لاءِ پلاٽ اڳواٽ موجود هوندو آهي ۽ ڪردار انهن جا گهڙيل هوندا آهن، فقط مڪالما پيش ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي.

## ڪالم ڪهاڻي ۽ مختصر ڪهاڻي ۾ فرق:

ڪالم ڪهاڻي اخبارن لاءِ لکي ويندي آهي، اها روزمره جي واقعن، حادثن جي اثر هيٺ هوندي آهي ۽ ان تي ليکڪ جي پنهنجي جڙتو ڪردارن وسيلي راءِ ڏنل هوندي آهي.

ڪالم ڪهاڻي جي عمر مختصر هوندي آهي.

ڪالم ڪهاڻي صحافتي ادب جو حصو آهي.

ڪالم ڪهاڻي مختصر ڪهاڻي جي ڀيٽ ۾ ننڍي فقط واقعي تي فوڪس ڪيل هوندي آهي.

ڪالم ڪهاڻي جي اُبتڙ مختصر ڪهاڻي ڪان بلڪل مخلتف هوندي آهي. ان ۾ ماحول يا ڪردارن جي پنهنجي مسئلن يا مونجهارن جو بيان ناهي هوندو پر اڪثر اخبار ۾ شايع ٿيل واقعي تي تاثر هوندو آهي.

## حوالا:


1. انصاري، اشتياق، "انيس انصاري: فن ۽ شخصيت"، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2008ع
2. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون"، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2014ع
3. ايضاً
4. عباسي نجم، "ڪهاڻيءَ جو قافلو"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1985ع
5. امر جليل، "لهندڙ سج جي لام"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، 2012ع
6. انور جمال، پروفيسر، "ادبي اصطلاحات"، نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد، 2014ع
7. عرساڻي، محمد اسماعيل، "چار مقالا"، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2005ع
8. مظهرالاسلام، "گهوڙون ڪي شهر ۾ اڪيلا آدمي"، سنگِ ميل پبليڪيشن، 2006ع
9. جوڻيجو، تنوير، "عيبن هاڻي"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، 1982ع
10. عرساڻي، شمس الدين، "آزاديءَ کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1985ع
11. لغاري اڪبر، "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2008ع
12. لچاڻي جڳديش، "سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر"، سنڌي ساهت گهر، 1996ع
13. فهميده حسين، ڊاڪٽر، مضمون: "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ"، ڪلاچي ريسرچ جرنل، مئي 2007ع
14. لغاري اڪبر، "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2008ع
15. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي نثر جي تاريخ"، سنڌي ساهت گهر، 1999ع
16. فهميده حسين، ڊاڪٽر، مضمون: "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ"، ڪلاچي ريسرچ جرنل، مئي 2007ع
17. انصاري، اشتياق، "انيس انصاري: فن ۽ شخصيت"، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2008ع
18. انٽرنيٽ تان ڪنيل
19. لاشاري، ثقلين، ترجمو: "پائلوڪوهلو جون ڪهاڻيون"، ماهوار وائيس آف سنڌ قمبر، 2008ع
20. نسيم ڪرل، "نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع
21. ڪوهيار، منظور، "سچا ڪوڙا رشتا"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2007ع
22. ڪرل، نسيم، "نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع
23. لچاڻي جڳديش، "سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر"، سنڌي ساهت گهر، 1996ع
24. فگار، هڪڙو، انور، ڊاڪٽر، "شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، 2009ع
25. امر جليل، "لهندڙ سج جي لام"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، 2012ع
26. عباسي، نجم، "ڪهاڻيءَ جو قافلو"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1985ع
27. ڪوريجو، عباس، "پنهنجي ڌرتي"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2014ع
28. انٽرنيٽ تان ڪنيل
29. انٽرنيٽ تان ڪنيل
30. عباسي، نجم، "ڪهاڻيءَ جو قافلو"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1985ع
31. چانڊيو، جامي، "افسانوي ۽ فڪري ادب"، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2007ع
32. انٽرنيٽ تان ڪنيل
33. انٽرنيٽ تان ڪنيل
34. سومرو، رفيق، "مٽيءَ سندو مامرو"، سڳند پبليڪيشن حيدرآباد، 1995ع
35. گگو، اصغر، "حياتي جي ڦاٽل ورقن جون ڪٿائون"، سچائي اشاعت گهر دڙو، 2005ع
36. ماهوار سڦلتا، ڪهاڻي نمبر، مئي 2014ع
37. ڪليم، انور، "32" ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2005ع
38. ڪوريجو، عباس، "پنهنجي ڌرتي"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2014ع
39. انٽرنيٽ تان ڪنيل
40. ڪوهيار، منظور، "سچا ڪوڙا رشتا"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2007ع
41. ڪوهيار، منظور، "پنئورن جي انتظار ۾"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2008ع
42. ايضاً
43. سنڌي لينگئيج اٿارٽي جي انٽرنيٽ ويب سائيٽ
44. انٽرنيٽ تان ڪنيل

# باب ٻيو

## سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي ارتقا

پس منظر:

### ابتدائي دؤر:

سنڌي ڪهاڻي هي مونوگراف لکڻ وقت تائين پنهنجي هڪ صديءَ جي تاريخ پوري ڪري چڪي آهي، يعني 1914ع کان 2014ع تائين. سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ کي خاص طور تي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويندو آهي، ورهاڱي کان پهرين ۽ ورهاڱي کان پوءِ. هن موضوع تي تمام گهڻي تحقيق ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري ان مان استفادو وٺندي انتهائي مختصر طور اهو ساڳيو احوال هتي درج ڪنداسين.

سنڌي افساني جو اوائلي دؤر 1853ع کان پوءِ نئين رسم الخط ٺهڻ سان شروع ٿيو، ان وقت "سورٺ راءِ ڏياچ"، "شهزادي ماڻڪ جي ڳالهه"، "سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري" ۽ "ٻنيي زميندار جي ڳالهه" جهڙيون ڪهاڻيون لکيون ويون، جن کي اسان مڪمل افسانو نٿا چئي سگهون ڇو ته اهي جديد افساني جي وصف موجب ناهن، جديد افساني جي گهرجن تي پورو لهندڙ اهڙي ڪنهن پهرين سنڌي ڪهاڻيءَ بابت ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجو سنڌي ادب جي تاريخ ڀاڱي ٽئين ۾ لکي ٿو:

"سنڌي افسانو جنهن کي اڳتي هلي ڪهاڻي سڏيو ويو. ان کي به هڪڙو پسمنظر آهي. اڳ ۾ اهو خيال هو ته ڪهاڻي/افسانو اڳوڻن ننڍن قصن يا آکاڻين مان اسريل آهي."

ته وري پهرين سنڌي ڪهاڻيءَ بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا هڪ ٻي راءِ رکندي لکي ٿو:

"1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ "شريف بيگم" جي نالي سان پهريون جديد افسانو لکيو."

واسديو موهيءَ مطابق، "سنڌيءَ ۾ لالچند امر ڏني مل جي "حُر مُڪيءَ جا" پهرين ڪهاڻي آهي."

جڏهن تہ ڪجهہ محقق پهرين جديد سنڌي ڪهاڻي امر لعل هنگوراڻيءَ جي "ادو عبدالرحمان" کي مڃين ٿا، جيڪا 1930ع ۾ ڪتابي شڪل ۾ ڇپي.

سنڌيءَ ۾ جديد ڪهاڻي جي شروعات 1914ع کان ٿئي ٿي، ڇو تہ پهرين سماجي موضوع تي ڪهاڻي لعلچند امرڏني مل جي "حر مڪيءَ جا" کي قرار ڏنو ويو آهي ۽ اها 1914ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي. برصغير جي اڪثر ٻولين ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ويهين صديءَ جي مهڙ ۾ ٿي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيون طبعزاد ڪهاڻيون 1914ع کان پوءِ ملن ٿيون، ورهاڱي تائين اهو سڄو دؤر سنڌي ڪهاڻيءَ جو ابتدائي دؤر آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري ٻين ٻولين مان ترجمو ڪري ڪهاڻيون آنديون ويون ۽ ڪيتريون ئي طبعزاد ڪهاڻيون پڻ لکجنديون رهيون.

ورهاڱي کان اول جي مشهور سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾: ڄيٺمل پرسرام، ڀيرومل مهرچند، لعلچند امرڏنو مل، پريداس، امر لعل هنگوراڻي، عثمان علي انصاري، شيخ اياز، آسانند مامتورا ۽ نادر بيگ مرزا قابل ذڪر آهن. ورهاڱي کان پهرين ڇپيل ڪجهہ اهم ڪتابن جي ٽيبل اڳتي شامل ڪجي ٿي، جنهن مان ان عرصي ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي ڪتابن جو پتو پوي ٿو.

## ورهاڱي کان پهرين ڇپيل سنڌي ڪهاڻي ڪتاب:

| س. | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپيو | حوالو |
|---|---|---|---|---|
| 1 | من جا مٺيا | منوهرداس ڪوڙيمل | 1927ع | ملڪاڻي، 49 |
| 2 | واندڪائيءَ جي وندر | ٿهلرام پنواڻي | 1928ع | ملڪاڻي، 49 |
| 3 | ادو عبدالرحمان | امر لعل هنگوراڻي | 1930ع | جوٽيجو، 70 |
| 4 | چمڙا پوش ڪهاڻيون | ڄيٺمل پرسرام | 1932ع | لچاڻي، 61 |
| 5 | اندر جا اڌما | پريداس | 1932ع | جوٽيجو،70 ۽ لچاڻي، 66 |
| 6 | اخلاقي ڪهاڻيون | منوهرداس ڪوڙيمل | 1935ع | ملڪاڻي، 49 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 7 | پنج | عثمان علي انصاري | 1937 ع | جوڻيجو، 71 |
| 8 | جيوت، پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون | آسانند مامتورا | 1939 ع | لڇاڻي، 68 |
| 9 | سرد آهون | گوبند پنجابي | 1942 ع | جوڻيجو، 71 ۽ لڇاڻي، 72 |
| 10 | آرسي ۽ ٻيون ڪهاڻيون | آسانند مامتورا | 1943 ع | لڇاڻي، 69 ۽ ملڪاڻي 60 |
| 11 | ريگستاني ڦول | مرتب: گوبند مالهي | 1944 ع | لڇاڻي، 72 |
| 12 | مرڪندڙ مکڙيون | جهامنداس ڀاٽيا | 1945 ع | ملڪاڻي، 64 |
| 13 | بڪايل | ايم آر ماڻيداساڻي | 1945 ع | ملڪاڻي، 64 |
| 14 | خوشبوءِ | ايم آر ماڻيداساڻي | 1945 ع | ملڪاڻي، 64 |
| 15 | شهيدِ وفا | محمد عيسيٰ نظاماڻي | 1947 ع | ملڪاڻي، 64 |
| 16 | سنڌي ڪهاڻي | ٻهاري لال ڇاٻڙيا | 1947 ع | لڇاڻي، 73 |
| 17 | سفيد وحشي | شيخ اياز | 1947 ع | جوڻيجو، 73 |
| 18 | نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون | مرتب: نصير مرزا | 1991 ع | (هي ڪتاب دير سان ڇپيو) |

## ورهاڱي کان اڳ:

"اڄ کان تقريباً هڪ صدي اڳ ۾ سنڌي نثر ۾ ڪهاڻين لکڻ جو رواج پيو. راءِ ڏياچ ۽ سورٺ، شهزادي ماڻڪي جي ڳالهه، پنهي زميندار جي ڳالهه، سڌاتورو ۽ ڪڌاتورو ۽ ٻيون ڪي ڪهاڻيون 1851ع ڌاري لکيون ويون. انهن مان پويون ٻه ڪهاڻيون وڏي اهميت رکن ٿيون، ڇاڪاڻ جو هنن قصن جو پلاٽ اخلاق ۽ نيڪيءَ تي رکيل آهي. سنڌي زبان ۾ شايد اهي پهريون ئي ڪهاڻيون آهن جن ۾ روزمره واري زندگيءَ جا واقعات ۽ حقيقي ڪردار پيش ڪيا ويا آهن ۽ منجهن مقامي رنگ ٻه سمايل آهي. ليڪن انهن کي اسان باقاعدي "مختصر افسانو" ڪونه چونداسون، ڇاڪاڻ ته اهي افساني جي فني اصولن ۽ لوازمن کان گهڻو دوُر آهن. البت انهن کي "سنڌي افساني" جي هڪ اوائلي صورت چئي سگهجي ٿو. سنڌي رسم الخط عام ٿيڻ بعد ٻيا ٻه ڪيترائي ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿيڻ لڳا. ميران محمد شاهه جو "مفيد الصبيان" مرزا قليچ بيگ جو "دلپسند قصا" ۽ ديوان ڪيولرام جا "سوڪڙي ۽ گل" ان سلسلي جون ڪڙيون آهن.

برصغير هندو پاڪ جي گهڻو ڪري سڀني زبانن ۾ افساني جي سچي پچي شروعات ويهين صديءَ جي اوائلي دوُر ۾ ٿي. اسان وٽ ٻه افساني نگاريءَ جو باقاعدي فن نئين تهذيب ۽ نين حالتن جي اثر ماتحت رائج ٿيو. ان جا ڪامياب تجربا 1915ع جي لڳ ڀڳ شروع ٿيا هئا. جنهن کي بلاشبه اسان افساني جو اوائلي دوُر چئي سگهون ٿا. هن دوُر جا افسانا سماجي مسئلن معاشرتي بڇڙاين ۽ ٻين انيائن خلاف لکيا ويا آهن. ان وقت هندستان ۾ سماج سڌار تحريڪن جي هڪ ملڪ گير مهم هلي هئي. جنهن سڀني زبانن جي ادب تي گهاٽو اثر ڇڏيو. چنانچه سنڌي ادب ٻه ساڳين حالتن هيٺ لکجڻ لڳو.

شايد ڪوڙو مل پهريون ئي اديب هو. جنهن جي هٿان اهڙن افسانن جي لکڻ جو آغاز ٿيو. هن بينگالي ليڪ بنڪم چندر چٽرجيءَ جا سماجي افسانا سهڻيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا، جن مان "ٻه منڍليون" (1914ع) ڪافي مشهور آهن. هن ٻين ٻه ڪيترن هندستاني ۽ بينگالي افساني کي سنڌيءَ جي روپ ۾ آندو. پرمانند جي دل بهار (1912ع) جا چار ڀاڱا شايع ٿيا. جن ۾ مزيدار ۽ دل وندرائيندڙ آکاڻيون هيون. ساڳئي مصنف جا ڪن سماجي مسئلن تي ٻه مفيد افسانا شايع ٿيا. جن مان "لڇڻ کين لڌو" هڪ طبعزاد افسانو آهي. ازانسواءِ "هيري جي منڍي" پڻ هڪ سماجي

افسانو آهي اهو به سندس لکيل هو. نانڪرام ڏرمداس به معاشر تي ۽ اخلاقي افسانا "ڌرم راءِ جي وهي" ۽ "جيوت جو جس" (1915ع) ۾ لکيا هئا.

1914ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي جا رسالا شايع ٿيڻ لڳا، جن ۾ پڻ مختصر افسانا اچڻ لڳا. ازان سواءِ پهرين عالمگير جنگ (1914ع) کان پوءِ به ڪي رسالا نڪتا. مثلن:"لتڪا چتڪا"، "ماهوار گلشن"، "ماهوار راجپوت" وغيره جن ۾ افسانا اچڻ لڳا. هنن رسالن ۾ به اديبن سنڌي عوام ۾ صحيح سماجي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنڌي معاشري جي اوڻاين مثلاً عورتن جي پيڙا ۽ بيوسي، گڏيل ڪٽنبن جا مسئلا، زوريءَ شادي، ننڍپڻ جي شادي، هڪ کان گهڻين شادين ۽ ٻين انيڪ گهرو ريتين رسمن ۽ رواجن جي صحتمند معاشري جي تعمير لاءِ رڪاوٽ بنيل هئا، تن کي ظاهر ڪيو ويو. انهن موضوعن تي هيٺين ليکڪن چند اثر دار افسانا لکيا.

لالچند امر ڏنو مل جو "ڪشنيءَ جو ڪشت" هڪ درد ناڪ ۽ دل ڇهائيندڙ افسانو آهي، جنهن ۾ سنڌي گهرو زندگيءَ جو هڪ خاڪو آهي. سندس ٻيا مشهور افسانا "ڏکن ڏڏي زندگي" ۽ "ننڍڙي نينا" آهن. جن جو پلاٽ به ساڳين مسئلن تي ٻڌل آهي.

ڄيٺمل پرسرام جا افسانا 1923ع ۾ "چمڙا پوشيءَ جون آکاڻيون" جي نالي سان شايع ٿيا. هن صاحب پڻ پنهنجي باريڪ بين نظرن سان سماجي براين کي عيان ڪيو. هن ٻين سماجي مسئلن سان گڏ سنڌي سرمائيدارن ۽ وڏيرن جي گناهن تان به پردو کنيو هو. جي پنهنجي ڏاڍ سان غريب عوام کي پيڙيندا رهندا هئا. ازان سواءِ هن صاحب "نئين سنڌي لئبريري" ۽ "ستو هندو ساهت مالا" جي نالي سان به ڪتابي سلسلا شروع ڪيا، جن ۾ ناول ۽ افسانا وغيره سڀ اچي وڃن ٿا. خود ڄيٺمل صاحب مغرب جي ڪيترن مشهور ناولن ۽ طويل ڪهاڻين کي سنڌي زبان ۾ مختصر طرح سان ترجمو ڪري افسانن جو روپ ڏنو، جن ۾ "مونا وانا"، "پال هتيا"، جو ٽالسٽاءِ جو ڊرامي power of darkness تان ورتل هو ۽ گل بلاس، جو هڪ مشهور "اسپين جي سفر" واري ناول تان کنيل هو ۽ ٻيا ڪيترائي افسانا اچي وڃن ٿا.

پريداس پيرو مل به ڪيترائي گهرو زندگيءَ متعلق افسانا لکيا، جي طنز و مزاح سان ڀرپور هئا. "اندر جا اڌما" ۽ "هير- جواهر" سندس افسانن جا به مجموعا شايع ٿي چڪا هئا.

"علمي دنيا" ماهوار رسالو به لڳ ڀڳ ان دؤر ۾ نڪرندو هو، جنهن ۾ ٻين سان گڏ ٻن مشهور مسلمان اديبن: مسٽر عبدالله "عبد" ۽ محمد عثمان حبيب الله ڏيپلائيءَ جا

افسانا ايندا رهيا ٿي. عبدالله صاحب جي افسانن ۾ "ماسترياڻي" ۽ "اتفاق" امتيازي حيثيت رکن ٿا.

افسانن جو پيو دؤر 1925ع کان 1940ع تائين قائم رهيو. جنهن کي "ترجمي" جو دؤر چئي سگهجي ٿو. اهو زمانو عالمگير جنگين جو هو. سموري دنيا جون سياسي حالتون نهايت ڪشيده بڻجي چڪيون هيون. خود هندستان ۾ بہ آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي، جنهن جو اثر سنڌي ادب تي بہ نمودار ٿيو. هيءُ ئي دؤر هو، جنهن ۾ هندستان جي مختلف زبانن: هندي، اردو، بنگالي، گجراتي، مرهٽي ۽ ٻين ٻولين مان سوين افسانا سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا، جن مان ڪي تہ هوبهو ترجمو هئا ۽ ڪن افسانن ۾ صرف ماحول ۽ ڪردار نگاريءَ کي ٿورو تبديل ڪري، سنڌي حالتن مطابق بنايو ويو هو. ايترا سارا افسانا جي ڪيترن ئي مشهور ادارن جي طرفان شايع ٿيندڙ سلسليوار ڪتابن ۾ ڇپيا هئا تن مان چند هيءُ آهن، سندر ساهتيہ 1914ع، مسلم ادبي سوسائٽي 1931ع، رتن ساهتيہ منڊل 1934ع. ازانسواءِ 1939ع کان 1943ع جي وچ ۾ ڪهاڻي، ٻارت جيون ۽ آشا، ٽي ماهوار رسالا نڪرندا هئا، جي ادبي حلقن توڙي عوام ۾ گهڻو مقبول ٿيا. انهن مڙني ڪتابي سلسلن ۽ رسالن سنڌي ادب جي گهڻي خدمت ڪئي. انهن جي مد نظر هميشہ اها ڳالهہ هئي تہ سنڌي ادب ۾ جا کوٽ آهي. تنهن کي ڌارين زبانن جي ڪهاڻين سان مالا مال ڪجي. چنانچہ مختلف هندستاني زبانن جي جن مشهور ليکڪن جا افسانا سنڌيءَ ۾ آيا، تن مان ڪن جا نالا هي آهن:

پريم چند، ٽئگور، ڪرشن چندر، ڪشور ساهو، رڌبيرسنگهہ، ڪوراناٿ، سدرشن، ڪملاڪانت ورما، ترشچندر گپتا، سانڪر نياپن، ڪنيا لعل منشي، اختر حسين، رشيد جاويد، عشرت رحماني، احمد عباس، ابراهيم جليس، احمد نديم قاسمي وغيره.

هندستاني افسانن کان علاوه يورپ جي بہ جڳ مشهور افساني نگارن جا افسانا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. جن مان ڪي هي آهن:

چيخوف، گورڪي، ٽالسٽاءِ، ترجينوف (روسي)، پشڪن، موپاسان (فرانس)، اوهينري، پرل بڪ (آمريڪا)، گالسوردي ۽ ماري ڪاريلي (انگلنڊ)، پال هين (جرمن)، الاسڪان (اسپين) وغيره.

ترجمي جي هيڏي ساري عظيم ڪم ۾ ڪيترن ئي اديبن جو حصو آهي، جن پنهنجا فرائض نهايت ئي ڪاميابيءَ سان بجا آندا. هندو ليکڪن مان جڳت آڏواڻي، ميلارام منگترام، آهوجا، گوبند مالهي، ديو سنياڻي، ليکو تلسياڻي، وديارٿي، هيرانند

عبدناٿي، ۽ مسلمان مصنفن ۾ دوست علي، اميد علي ۽ دلدار حسين موسوي ان حلقي ۾ شامل آهن.

مٿئين سموري عرصي ۾ سڀ کان قابل ذڪر رسالو "ماهوار سنڌو" آهي، جو جديد ادب خصوصن افساني جي ترويج ۽ ترقيءَ ۾ سڀني کان اڳرو رهيو. اهو جريده 1932ع ۾ اول شڪارپور ۽ بعد ۾ جيڪب آباد مان شايع ٿيڻ لڳو ۽ ملڪ جي ورهاڱي ٿيڻ تائين باقاعدگيءَ سان نڪرندو رهيو. هن جي نمايان خوبي اها آهي جو ان ۾ ترجمي ۽ نقل جي بجاءِ اصلوڪن افسانن کي بہ گھڻو فروغ مليو. مرزا قليچ بيگ جي لائق فرزند نادر بيگ، لطف الله بدوي، آسانند، مامتورا، تاراچند ڦتيل، گوبند ماليءَ ۽ ٻين جا معياري افسانا ان ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا.

هاڻي چند شهرت يافتہ فنڪارن ۽ سندن افسانن تي روشني وجهي هن دؤر کي اختتام تي رسايان ٿو. هنن جو فن اصلوڪوOriginal هئڻ سبب قابل داد آهي ۽ انسان جي ادب ۾ ان کي نهايت اهم مقام حاصل آهي.

مرزا نادر بيگ جي افسانن ۾ "اڇوت"، "مس رستمجي"، "ماھ جو قهر"، "موهني"، "عينڪ جو آزار" ۽ "ياجائيءَ" جي مضمون نوشيءَ کي گھڻي شهرت حاصل ٿي. هن ڪن افسانن ۾ طنز و مزاح واري انداز ۾ معاشري جي اوڻاين کي ظاهر ڪيو آهي.

لطف الله بدويءَ جي افسانن ۾ وري "غربت" ۽ "خوفناڪ بدلي" کي خاص مقام حاصل آهي. اهڙيءَ طرح آسانند مامتورا جا افسانا هڪ خاص رنگ جا حامل آهن. هن جي افسانن جا بہ مجموعا "آرسين" ۽ "پاپ ۽ پريم جون ڪهاڻيون" ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيا هئا. هو پنهنجي ڪردارن جو نفسياتي تجزيو ڪندي، جنسي مونجهارن جي چٽڀيٽ ڪري ٿو. هن جي بهترين تسليم ٿيل ڪهاڻي "ڪڪي" آهي، جا هندي، انگريزي ۽ اطالوي زبانن ۾ ترجمو ٿي، داد حاصل ڪري چڪي آهي. هن جا ٻيا ناليوارا افسانا "وڏيرو رمضان" ۽ "ٻُنوارڻ" آهن.

هن دؤر جي مقبول فنڪارن ۾ امر لعل هنگوراڻيءَ جو نالو بہ پيش پيش آهي. هن 1930ع ۾ پنهنجو رسالو "ڦلواڙي" ڪڍيو هو. جنهن ۾ سندس افسانا شايع ٿيندا هئا. هو وڪيل هو ۽ افسانن جا موضوع پڻ پنهنجي ڌنڌي مان ئي چونڊيندو هو، جن کي تمام وڻندڙ ۽ اصلاحي انداز سان پيش ڪندو هو.

"ادو عبدالرحمان"، "لکيو ڪين ٽريو"، "ٻڍيءَ جي ڳالھ"، "هيءَ بہ رانجهوءَ سندي رمز"، "رام رحيم"، "گوئي جو گناھ" وغيره سندس بهترين افسانا مڃيا وڃن ٿا.

"ادو عبدالرحمان" تہ ڪيترن ئي دنيا جي زبانن ۾ ترجمو ٿيل آهي. يونيسڪو طرفان بہ شايع ٿي چڪو آهي.

مرحوم عثمان علي انصاريءَ بہ ان دؤر جي افساني نگارن ۾ خاص مقام رکي ٿو. هن جو "پنج" افسانن جو مجموعو 1937ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ پنج مختصر افسانا ڏنل آهن، جن مان وري "ململ جو چولو" داد جي لائق آهي. انصاري صاحب جي افسانن جا واقعات نهايت دلنشين، عبارت سليس ۽ پيشڪش جو انداز دلڪش ۽ وڻندڙ آهي.

1940ع کان 1947ع تائين افساني جو ٽيون ۽ انگريزي راڄ جو آخرين دؤر آهي. هن عرصي جي اها خصوصيت آهي، جو ٻين سڀني اصناف ادب کان افسانا گهڻا شايع ٿيا. هن دؤر جي ادبي اظهار جو مکيہ وسيلو هو ئي افساني نويسي. هيءُ سڄو زمانو هنگامن سان ڀرپور هو. آزاديءَ جي تحريڪ برصغير ۾ عروج کي پهچي چڪي هئي. چؤطرف سياسي ۽ سماجي هلچل ۽ تحريڪن جو ملڪ ۾ هڪ مانڊاڻ متل هو. چنانچہ هن دؤر ۾ 90 سيڪڙو افسانن ۾ آزاديءَ جو جذبو ڪار فرما آهي، جن ۾ ڌارينءَ حڪومت خلاف باغيانہ خيالات ملن ٿا. سواءِ هن زماني کان ٿورو اڳي ڪيترن بين الاقوامي تحريڪن جهڙوڪ سوشلزم ۽ ڪميونزم وغيره جو اثر بہ سنڌي ادب تي پيو جو هندستاني ادب جي معرفت اسان جي ادب تي اثر انداز ٿيو. هن دؤر جي افسانن جو موضوع سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي مسئلن مان کنيل آهي. ڌارين جي حڪومت خلاف نفرت، هندو مسلم ايڪتا، شاهوڪار شاهي ظلم، غريبن جي بدحالي ۽ اقتصادي ڦُرلٽ وغيره. اهي ئي مسئلا اسان جي افسانن جو موضوع بنيل هئا. هن دؤر ۾ تمام گهڻا افسانا لکيا ويا، ليڪن اڪثريت اهڙن جي آهي، جن ۾ فنڪاريءَ جو لحاظ نہ رکيو ويو آهي، فني حسن، انهن ۾ ناپيد آهي. افساني جي لوازمن ۽ اصولن کي بالائي طاق رکيو ويو آهي. محض جذبات، جوش و خروش، تقرير و تبلغ ۽ پروپئگنڊا انهن مان ظاهر ٿئي ٿي، مگر اسان ان دؤر جي ليکڪن کي قصور وار ٺهرائي نٿا سگهون، ڇاڪاڻ جو اهو دؤر ئي ڪشمڪش جو هو. حالات نهايت ئي سنگين هئا. اسان کي اهڙي ادب جي ضرورت هئي جو قوم جي ستل جذبن کي يڪدم جاڳائي. تنهن ڪري ڪيترا نوان لکندڙ فني اصولن جي ڄاڻ کان سواءِ ئي صرف اندر جي جذبي ۽ اتساهہ کان لکندا هئا. باقي جيڪي پختہ قلمڪار هئا، جن جا افسانا گهڻي قدر ڪامياب چئي سگهجن ٿا، تن جو ۽ بعض انهن ڪتابي سلسلن ۽ رسالن جو ذڪر هتي ڪريان ٿو، جن ۾ هن دؤر جو اهو ادب قلمبند ٿي چڪو آهي. هيٺين افساني نگارن جو فن هر وجهہ کان قابل ذڪر آهي:

گوبند پنجابي، گوبند مالهي، ڀڳوان لالواڻي، شيخ عبدالستار، آنند گولاڻي، سڳن آهوجا، رام امر لعل، جيوت نرياڻي، ڪشن ڪتواڻي، ڪماري نانڪ گدواڻي، مائيداساڻي، آسن اتمچنداڻي، هرو سدا رنگاڻي، ليکو تلسياڻي، ڀون پنجواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز، لڇمڻ راجپال، ڀوڄراج موٽواڻي ۽ ٻيا.

"سرد آهون"، "پرهہ ڦٽي"، "ريگستاني ڦول"، سنڌي ڪهاڻيون ۽ سفيد وحشي وغيره ان دؤر جي افسانن جا مجموعا آهن، جي نئين دنيا پبلڪيشن، زندگي پبليڪيشن، باغي منڊل ۽ ٻين ادبي اشاعت گهرن جا شايع ڪرايل هئا. انهن مجموعن ۾ هن دؤر جا ڪم و بيش سيئي شهره آفاق افسانا اچي وڃن ٿا. ازانسواءِ 1940ع اندر ڪيترائي ماهوار رسالا ۽ ڪتابي سلسلا علم و ادب جي ميدان تي ظهور پذير ٿيا، جن ۾ بہ ڪيترن ننڍين وڏن اهم ۽ غير اهم افسانن جو ذخيرو ڇپجي چڪو آهي."

## ورهاڱي کان پوءِ:

“پاڪستان قائم ٿيڻ بعد يڪايڪ حالتون بدلجي ويون ۽ سنڌي ادب جي اشاعت به گهٽي پاڳي روڪجي ويئي، ڇاڪاڻ جو اشاعتي ذريعن ۽ ادب تي گهٽي پاڳي قبضو هندن جو هوندو هو. ٿوري مدت بعد جيتوڻيڪ حالتون ڪجهه معمول تي موٽي آيون هيون ۽ سنڌي ادب جي اشاعت بدستور جاري رهي، مگر افسوس جو افساني جو فن ڪابه ترقي ڪري نه سگهيو. سواءِ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن افسانن جي، ڪي به اهڙا افسانا شايع نه ٿيا جي قابل ذڪر هجن. ان جو سبب اهو آهي ته سنڌي زبان جا افساني نگار ۽ فنڪار گهڻو ڪري هندو اديب هوندا هئا، جنهن ڪري نين حالتن پيدا ٿيڻ سبب هيءَ فن بلڪل ختم ٿيڻ تي وڃي رسيو هو. ان هوندي به قيام پاڪستان کان اڳ افساني کي سنڌي ادب ۾ بلند ۽ واضح مقام حاصل هو ۽ ادبي اظهار جو مکيه وسيلو افسانو ئي هوندو هو. ڪجهه عرصي جي خاموشيءَ بعد ڪيترن ڪتابي سلسلن ۽ ماهوار رسالن جو اجراءُ ٿيو. 1950ع ڌاري اهڙيون ادبي ڪوششون نظر اچن ٿيون، جن جو مطمع نظر افساني جي ترقي هو. “پرهه ڦٽي” ۽ “اڳتي قدم” رسالن ۾ افسانا ايندا هئا. ازان سواءِ ٻه- ٽي افسانن جا مجموعا به شايع ٿيا، جن ۾ “ڊاڪ بنگلو”، “پنهل کان پوءِ” ۽ “گل ۽ مکڙيون” خاص طرح سان مشهور ٿيا. مسٽر حيدر بخش جتوئي سوشلسٽ تحريڪ جي اثر ۾، قيام پاڪستان کان اڳ تقريباً 1936ع ڌاري افسانا لکڻ شروع ڪيا هئا. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد پڻ هن جا ڪي افسانن جا مجموعا شايع ٿيا آهن، جي هاريءَ جي مظلوميت ۽ زميندارن جي ظلمن بابت آهن. “فردوس”، “اسان جي منزل”، “ادا”، “رهنما” ۽ ٻيا به ڪيترا رسالا انهيءَ زماني کان شايع ٿيڻ لڳا، جن مان هن وقت تائين ڪوبه زنده رهي نه سگهيو آهي. انهن ۾ افسانا ايندا رهيا ٿي، ليڪن گهڻائي اهڙن جي هئي جي فڪر و فن کان بلڪل خالي هئا. اهي گهڻو ڪري غير معروف ۽ سيڪڙات اديبن جا لکيل هئا، جن ۾ ڪابه جان نه هئي. غير حقيقي ۽ غير دلچسپ واقعات، پلاٽ گهرگلا، فني ترتيب معدوم ۽ زبان جي لذت نه هوندي هئي. انهن ۾ افسانا هڪ رواجي ڪهاڻيءَ جي عام پيرايي ۾ بيان ٿيل هوندا هئا. انهن افسانن کي ڏسي ائين لڳندو هو ته سنڌي افسانو ارتقا جون هيتريون ساريون منزلون طئي ڪري وري يڪدم پوئتي هٽي ابتدائي مرحلي ۾ وڃي داخل ٿيو آهي. الله تعاليٰ جل شانه جا لک احسان آهن، جو سنڌي افسانو انهيءَ حالت ۾ گهڻو وقت ڪونه رهيو ۽ جلدي مسلمان اديبن جو هن پنهنجي پونڊڙ صنف ڏانهن

توجھ ڇڪيو ۽ ان تي خاص خيال ڏيڻ لڳا. سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ طرفان ادبي ڪلاس جو اهتمام ڪيو ويو، جن ۾ افسانا پڙهيا ويندا هئا ۽ پيا اديب ۽ نقاد ان تي تنقيد ڪندا هئا. ليڪن جا بہ خيال آرائي ۽ راءِ زني ٿيندي هئي، سا تعميري نوعيت جي هوندي هئي ۽ ان ۾ افساني جي ترقي جو جذبو ڪارفرما هو.

سنڌي افساني جي نمايان ۽ حقيقي ترقيءَ ۾ جيڪي سو ماهوار نئين زندگيءَ ۽ سماهي مهراڻ اضافو ڪيو. چوٿيءَ جي افساني نگارن جون ڪاوشون ۽ فن جي لحاظ کان عروج تي پهتل افسانا، اول اول انهن ئي جريدن جي صفحن جي زينت بنيل آهن.

1950ع کان 1960ع تائين ڏهن سالن جي قليل عرصي ۾ سنڌي افساني توقعات کان وڌيڪ ترقي ڪئي ۽ ڪن افساني نگارن جو فن تہ ادب جي آسمان تي پوري آب و تاب سان چمڪڻ لڳو. هن مختصر ادبي دؤر ۾ ڪيترن ئي اديبن جا افسانا شايع ٿيا، مگر آءٌ صرف انهن چند فنڪارن جا نالا هيٺ ڏيان ٿو، جن جو فن هن دؤر تي پوريءَ طرح سان مسلط رهيو آهي.

جمال ابڙو، غلام رباني، شيخ حفيظ، سراج، بشير مورياڻي، رشيد ڀٽي، ڊاڪٽر غلام حسين جعفري، ابن حيات، اياز قادري، ڪريم بخش خالد، علي بخش ميمڻ، ڪروڙ پتي، خواجہ سليم، جمال رند، ع-ق شيخ، مرزا مراد علي، ثميره زرين چنو، بيگم زينت ۽ علي احمد بروهي وغيره. انهن مان رشيد ڀٽي، محمد حسين، ڪروڙ پتي ۽ علي احمد بروهيءَ جو نالو مزاحيہ افساني نگارن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. هن دؤر ۾ چند هندستاني اديبن جا پڻ سنڌي افسانا، سنڌ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا هئا، جن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، گوردن محبوباڻي ۽ موهن ڪلپنا جا افسانا خاص طرح سان ساراهيا وڃن ٿا.

هتي آءٌ اهو بہ ضروري سمجهان ٿو تہ هر ڪنهن افساني نگارجي ڪن چند مقبول افسانن جا نالا پڙهندڙن کي ٻڌايان، تاڪ جيڪي شائقين ۽ باذوق حضرات آهن، تن کي مطالعي ۾ مدد ملي سگهي.

**جمال ابڙو:** بد معاش، خميسي جو ڪوٽ، پشو پاشا، منهن ڪارو، مان مڙد، مهرباني ۽ شاهہ جو قر.

**غلام رباني:** بري هن ڀنڀور ۾، نئون مڙدو، شيدو ڏاڙيل، ڀن ٻوڙين پاتال ۾، هوندا سي حيات ۽ آبحيات.

**بشير مورياڻي:** ڇهڙي، پريم، ٽڪري ۽ زندگيءَ جو روڳ.

**سراج:** ٻهڻي، ديوتا ۽ انسان، زندگي جي ڪنارن تائين ۽ چنڊ گرهڻ.

**شيخ حفيظ:** بہ ڳوڙها، تہ واٽو، بہ پاڇا، مبارڪون ۽ ڀن ٻوڙين پاتال ۾.

**رشيد ڀٽي:** ميرل، ڏيءَ ٻنا ڏوليا ڪانهي ساجهہ سونهن جي ۽ ٻُڻ.

**ڊاڪٽر جعفري:** بدلو.

**خواجہ سليم:** الا ڪنهن پر ۽ انٽريسٽ.

**اياز قادري:** فرشتو، بلو دادا، هي ليڊر، امڙ مان بہ ڪندس، ڀوڪ ۽ هاجرا.

**ابن حيات:** واهہ وڏيرا.

**ع-ق شيخ:** لڪيل جواب، پريشان انسان.

**ثميره زرين:** دروازو ۽ پلؤ پايو سچ.

1960ع کان هن وقت تائين، سنڌي افسانو ترقيءَ جا مختلف مرحلا نهايت تيزيءَ سان طي ڪري چڪو آهي. ترقيءَ جي لحاظ کان افساني جي حق ۾ هيءُ دؤر انتهائي خوشگوار ۽ انقلاب آفرين سمجهڻ گهرجي. افسوس جو ڪيترن سٺن افساني نگارن جن جو ذڪر هن کان اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان، افسانا لکڻ ڇڏي ڏنا آهن، نہ تہ هنن جو فن اڃا بہ ترقي ڪري ها. ان هوندي بہ مختصر عرصي ۾ سنڌي زبان ۾ بلند پايي جا افساني نگار پيدا ٿيا آهن. هنن مان گهڻن جيتوڻيڪ 1940ع کان گهڻو اڳ لکڻ شروع ڪيو هو، ليڪن سندن فن پوري نشو و نما پائي هن وقت پختہ بنجي چڪو آهي. ڪن ناميارن فنڪارن جا نالا هيٺ ڏيان ٿو، جن مسلسل مشق ۽ محنت سان پنهنجي فن لاءِ سنڌي ادب ۾ مستقل طرح سان جاءِ پيدا ڪئي آهي.

آغا سليم، نسيم کرل، غلام نبي مغل، علي بابا، نذير شيخ، طارق اشرف، حميد سنڌي، غياث جوڻيجو، ذوالفقار راشدي، امرجليل، قمرشهباز، رشيده حجاب، الهبچايو لغاري، شوڪت راهي ۽ عبدالقادر جوڻيجو وغيره.

ازانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي نوجوان افساني نگار ان فن ۾ پنهنجي طبع آزمائي ڪري رهيا آهن. جن جي فن نؤمولود هوندي بہ، فني لحاظ کان ڪافي سٺا افسانا پيش ڪيا آهن. انهن جو هن وقت ذڪر ڪرڻ قبل از وقت ٿيندو.

سنڌي زبان ۾ هن وقت تائين سوَن جي تعداد ۾ افسانا شايع ٿي چڪا آهن، جي مختلف رسالن ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، مگر افسوس جو ڪابہ اهڙي پبلشنگ ڪميٽي نہ آهي جا مختلف مصنفن جي ڏار ڏار افسانن کي يڪجا ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپائي. جن چند افساني نگارن جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، سي هي آهن:

1. پشو پاشا – جمال ابڙو
2. آب حيات – غلام رباني
3. بلو دادا – اياز قادري
4. سونهن، پٿر ۽ پيار – طارق اشرف

5. نئون شهر۔ غلام نبي مغل
6. عبرت ڪده(ٻه ڀاڱا)۔ ابراهيم خليل
7. گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ گهاءُ۔ رشيد ڀٽي
8. اي درد هلي آءُ۔ سراج
9. چنڊ جا تمنائي۔ آغا سليم
10. مهراڻ جون ڇوليون (مختلف اديبن جي افسانن جو مجموعو (مطبوعه پاڪستان پبليڪيشن).
11. ڪنول ڪنول، شبنم شبنم۔ نسيم کرل
12. اداس واديون۔ حميد سنڌي

هن دؤر ۾ غير ملڪي زبانن جي افسانن کي پڻ سنڌيءَ جو ويس پهرايو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي عالمي شهرت رکندڙ اديبن جي افسانن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ چند مجموعا پڻ شايع ٿي چڪا آهن.

1۔ آمريڪي ڪهاڻيون۔ پبلشر سنڌي ادبي بورڊ
مترجم: سراج ۽ غلام رباني.
2۔ ديس ديس جون ڪهاڻيون۔ مترجم: ميمڻ عبدالحميد سنڌي
3۔ سپون۔ خليل جبران جي افسانن جو ترجمو.
4۔ دنيا جا عظيم افسانا۔ سنڌي ادبي بورڊ.

آخر ۾ پڙهندڙن کي ايترو ذهن نشين ڪرائڻ چاهيان ٿو ته سنڌي افسانو هينئر ترقيءَ جي شاهراهه تي گامزن ٿي چڪو آهي. سنڌي افسانن نه رڳو اردو ۽ هند و پاڪ جي مختلف زبانن ۾ ترجمو ٿي داد حاصل ڪيو آهي، بلڪ انگريزي، جرمني ۽ فرينچ ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن.

قيام پاڪستان کان اڳ جي افسانن ۾ فني عناصر يا ته عدم پيدا هئا يا ته ڪين جهڙا هوندا هئا. ازانسواءِ اهي نعريبازي ۽ ڪنهن خاص نظريي جي تبليغ ساڻ ڀريل هوندا هئا. ان جي برعڪس فني لحاظ کان اڄوڪو افسانو نهايت ئي پختو ۽ منجهس سنجيدگي ۽ متانت آهي. اڳي نقل تي زور هوندو هو هاڻي "اصليت" پيش پيش آهي.

هاڻوڪي سنڌي افساني ۾ ماحول جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي. سنڌي معاشري جا انيڪ مسئلا ان ۾ آندل آهن. انهن ۾ سنڌي ڪردار پنهنجي سڀاجهي انداز ۾ فطري ۽ نج زبان سان مخاطب آهن. ازانسواءِ مقصد جي لحاظ کان سياسي، اخلاقي ۽ بين قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن بابت انهن ۾ صحتمند انداز فڪر ملي ٿو. ليڪن اهو سيڪجهه فنڪارانه انداز ۾ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ نڪو تصنع آهي ۽ نڪي فني

اصولن کان تجاوز ڪيل آهي. مواد ۽ فن جي لحاظ کان اڄوڪو سنڌي افسانو گذريل دؤرن جي افسانن کان گهڻو ترقي يافته آهي. هيئت (form) جي لحاظ کان به انيڪ قسمن ۾ سنڌي افسانا لکيا ويا آهن. سڄي دنيا ۾ افساني نويسيءَ جا جيڪي به ڍنگ مروج آهن، تن سڀني ۾ سنڌي افسانو لکيو ويو آهي. مثلاً: مسئلن وارا افسانا، واقعن وارا افسانا، ڪردارنگاريءَ وارا افسانا، ماضيءَ تي روشني وجهندڙ افسانا، مونولاگ ۾ لکيل افسانا وغيره ازانسواءِ طويل مختصر افسانا ۽ ڪامياب فئنٽيون به لکيون ويون آهن، ۽ هاڻي بلاشبه اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته "اهو وقت پري نه آهي جڏهن سنڌي افسانو به قدر ۽ معيار جي لحاظ کان دنيا جي بهترين ادب سان همسري ڪري سگهندو."

(نوٽ: ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ واري تاريخ محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي ڪتاب "چار مقالا" تان کنئين وئي آهي، استفادو وٺڻ جو سبب ان موضوع تي اڳواڻ ٿيل تحقيق ۽ اصل موضوع کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ آهي.)

# باب ٽيون

## سنڌي ڪهاڻي جي انفراديت

هتي سنڌي ڪهاڻي جي انفراديت مان مراد، سنڌيءَ ۾ لکيل مختصر ڪهاڻي جي انفراديت آهي ڇوته ڪهاڻي دنيا جي هر ڪنڊ پاسي ۾ ڪهاڻي ئي سڏي ويندي آهي، ان جون بنيادي گهرجون ٿوري ڦير گهير سان ساڳيون ئي هونديون آهن. مختصر ڪهاڻي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ لکي ويندي آهي، ان ڪري ان کي سنڌيءَ يا انگريزيءَ ۾ لکيل ڪهاڻي تصور ڪيو وڃي نه ڪه سنڌي ڪهاڻي يا انگريزي ڪهاڻي! ان بابت سنڌي ڪهاڻيءَ جو روح روان امر جليل لکي ٿو ته:

> "فزڪس، فزڪس هوندي آهي، فزڪس پاڪستاني، هندوستاني، ايراني يا يوناني نه هوندي آهي. ڪيمسٽري، ڪيمسٽري هوندي آهي، ڪيمسٽري هندو، مسلمان، عيسائي يا يهودي نه ٿيندي آهي، اهڙي طرح ڪهاڻي، ڪهاڻي هوندي آهي. سنڌي، هندي، اردو، انگريزي، روسي، فرانسيسي ۽ اهڙين انيڪ ٻولين ۾ لکڻ باوجود ڪهاڻيون بنيادي ماپن ۽ پيمانن ۾ هڪجهڙيون هونديون آهن. ڪلاشنڪوف ڪنهن سنڌيءَ جي هٿ ۾ اچڻ سان غليل نه ٿي پوندي آهي. سنڌيءَ ۾ لکڻ سان ڪهاڻي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ لکيل ڪهاڻين کان افضل يا ابتر نه ٿيندي آهي ۽ اهو به ضروري ناهي ته انگريزي ۾ لکيل هر ڪهاڻي سٺي هجي." (1)

اسان هتي سنڌي ٻوليءَ جي ڇپيل صورت ۾ مليل ڪهاڻي جي انفراديت تي بحث ڪنداسين، جيئن سنڌيءَ ۾ لکيل مختصر ڪهاڻي جي فني توڙي فڪري انفرادي خوبين کي پرکي سگهجي. سنڌي ڪهاڻي جي هڪ صديءَ جي تاريخ پڄاڻيءَ تي رسڻ واري آهي، ان پوري صديءَ ۾ سنڌي ڪهاڻي

فڪري توڙي شعوري منزلون طئي ڪيون آهن ۽ سفر اجا جاري آهي. سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي يا افسانو سڌو سنئون انگريزي ادب مان شامل ٿيل نظر نٿو اچي. چوتہ شروعاتي ترجما بنگالي، اردو ۽ هندي ڪهاڻي ڪتابن جا ڪيا ويا هئا. چو تہ ان دؤر جي ٻين ڏکڻ ايشيائي ٻولين ۾ افسانو پهرين ڪان پهچي چڪو هو. منشي پريمچند جو "انمول رتن" جيڪو 1905ع ۾ لکيو ويو، ان کي پهريون اردو افسانو تسليم ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ پهرين سنڌي ڪهاڻي "حُر مُکيءَ جا" کي سمجهيو ويندو آهي، جيڪا 1914ع ۾ لکي وئي. پهرين هندي ڪهاڻيءَ بابت اجا ڪا بہ حتمي راءِ قائم ناهي ٿي سگهي چو تہ هندي ۾ هڪ ڊزن کان وڌيڪ ڪهاڻيون جيڪي 1803ع کان 1915ع تائين لکيون ويون آهن، تحقيق ڪان پوءِ انهن مان ڪابہ هڪ پهرين هندي مختصر ڪهاڻي ٺهي. بنگالي مختصر ڪهاڻيون بہ گهڻو اڳ ڇپيون. طارق عزيز شيخ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو" ۾ لکي ٿو تہ:

> "ڪوڙومل پهريون ئي اديب هو، جنهن جي هٿان اهڙن افسانن لکڻ جو آغاز ٿيو. هن بنگالي ليکڪ بنڪم چندر چٽرجي جا سماجي افسانا سهڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا، جن مان "ٻہ مندليون" 1911ع ۾، "اندر ۽ راڌا راڻي" 1914ع ۾ ڪافي مشهور آهن." (2)

پهريون سنڌي طبعزاد ڪهاڻين جو مجموعو 1930ع کان پوءِ شايع ٿيو. جيئن دنيا جي ٻين ٻولين ۾ لکيل ڪهاڻين ۾ ڪي نہ ڪي انفرادي خصوصيتون آهن تهڙي طرح سنڌي ڪهاڻي پڻ ڪيترين ئي انفرادي خصوصيتن سان مالامال آهي. هتي سنڌي ڪهاڻيءَ جي انفراديت مان مراد آهي؛ سنڌي ڪهاڻيءَ اندر ڪهڙا موضوع شامل رهيا آهن، سنڌي ڪهاڻي سنڌي سماج جي ڪيتري عڪاسي ڪئي آهي، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙين ٽيڪنڪس يا اسلوبن تي تجربا ڪيا ويا آهن، سنڌي سماج کي سڌارڻ ۾ سنڌي ڪهاڻي ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي، سياسي سماجي لاڙن، نظرين ۽ تحريڪن کي سنڌي ڪهاڻي ڪيئن منهن ڏنو آهي يا سنڌي ڪهاڻيءَ جو مزاحمتي ڪردار ڪهڙو ۽ ڪيترو رهيو آهي. سنڌي ثقافتي روايتن کي سنڌي ڪهاڻي ڪيئن پيش ڪيو

آهي، سنڌي ڪهاڻي سنڌي سماج جي آگاهي ڏيڻ ۾ ڪيتري اڳتي رهي آهي، مجموعي طور سنڌي ڪهاڻي سنڌي سماج جا ڪهڙا قدر، ثقافت، فن ۽ تاريخ جا پهلو اجاگر ڪيا آهن، سنڌي ڪهاڻي ۾ سنڌي سماج جي بيهڪ ڪهڙي آهي.

سنڌي ڪهاڻيڪارن نئين ڪنڊ ۾ سنڌي ڪهاڻي جو ڳاٽ اوچو ڪرڻ لاءِ جيڪو تخليقي پورهيو ڪيو آهي تنهن جو مثال شايد نئين ڪنڊ جي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ملي. سنڌي ڪهاڻي جي سنڌي سماج تي اثر بابت نامياري محققه ڊاڪٽر تهمينه مفتي پنهنجي مضمون، "سنڌي ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج" ۾ لکي ٿي ته:

"سنڌ ۾ رائج داستانن جا ڪردار سنڌي سماج جا آئينه دار آهن، دودي جي بهادري جي ڳالهه ۽ سام جهلڻ واري روايت اسان جي سماج ۾ ائين شامل ٿي جو اڄ به ان جي اهميت ڪان ڪو به انڪار نه ٿو ڪري سگهي، سنڌ جي سمن ڄامن ۽ سردارن جي سخاوت سان منسوب ٿيل قصن ۽ ڪهاڻين جو اثر عوام تي ٿيو، اهي خوبيون سنڌي سماج ۾ملن ٿيون، مورڙو همت ۽ بهادري ۾ نشانبر ٿيو، سورمين جي ڪردار ۾ به سنڌ جي قديم سماج جا عڪس نظر اچن ٿا، عورت کي اهميت ڏني وئي ۽سندس فطري خاصيتن کي کولي بيان ڪيو ويو، سماج ۾ عورت ذات سان ٿيندڙ زيادتي، اهڙن ڪردارن جي اوسر ڪئي، گذريل ٻه ٽي سئو سالن جا تاريخي ۽ تمدني واقعا نظر ۾ رکبا ته سنڌي سماج جي سٽاءَ سمجهه ۾ اچي ويندي، ڌارين جي حملن ۽ انهن مان ڪيترن جي سنڌ ۾ رهائش، سنڌي سماج کي نه رڳو هڪ مخصوص رنگ ڏنو آهي، بلڪه هڪ ذهنيت، قوت برداشت، سوچ ۽ رک رکاءُ جو حامل بڻايو آهي، سماج هڪ مخصوص ثقافت جو حامل ٿئي ٿو، جنهن ۾ کائڻ پيئڻ، ڪپڙو لٽو، وندر، ورونهن ۽ شادي مرادي ته آهي پر قوت برداشت جو هجڻ ۽ تهذيب يافته هجڻ جو انگ اهم آهي،

سنڌ ڪپڙن ۾ تهذيب کي گولهڻ عبث آهي، پر سنڌ
ويچارن ۾ تهذيب لڀي ٿي ۽ سماج تهذيب يافته فردن جي
آڌار تي تشڪيل وٺي ٿو، جنهن جو اظهار سنڌ ۽هند جي
سنڌي ڪهاڻي ۾ ڀرپور نظر اچي ٿو." (3)

سنڌي ڪهاڻي 1914ع کان باقاعده پنهنجي جوهر سان شروع ٿي ۽ 2014ع تائين پنهنجي هڪ صديءَ جو عرصو پورو ڪيو آهي. ان پوري هڪ صديءَ ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ پنهنجو ننڍپڻو به ڏٺو، جوڀن به ڏٺو، جوانيءَ جا مزا به چکيا، موت جون ڌمڪيون به ٻڌيون، بيزاري به برداشت ڪئي وري نئين سري سان اٿي ڊوڙڻ به شروع ڪيو ۽ سندس سفر تيزيءَ سان جاري به آهي. سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ کي مختلف دؤرن ۾ ورهايو ويو آهي، هتي اسان ان کي ٽن دؤرن ۾ ورهائي ان جو تجزيو ڪنداسين، پهريون دؤر ورهاڱي کان اڳ وارو ٻيو دؤر ورهاڱي کان پوءِ وارو.

ورهاڱي کان پهرين وارو دؤر سنڌي ڪهاڻي جي اسرڻ ۽ نکرڻ جو دؤر آهي. هي دؤر ترجمن توڙي شروعاتي تجربن جو دؤر هيو، جنهن ۾ ديوان ڪوڙومل هندي ۽ اردو تان سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ۽ نوان رسالا نڪرڻ شروع ٿيا، جنهن ڪري طبعزاد ڪهاڻيون پڻ لکيون ويون. هن دؤر جي ڪهاڻين جو موضوع وڏيرن جو ظلم، ننڍپڻ جون شاديون ۽ عورتن سان ظلم وغيره هيا. 1925ع کان 1940ع تائين ترجمن جي قطار لڳي وئي. انگريزي، بنگالي توڙي مرهٽي ٻوليءَ جي ادب تان ترجما پڻ ڪيا ويا. 1940ع کان 1947ع تائين آزاديءَ جي تحريڪ جي ڪري سماجي مسئلن ڪر کنيو، هندو مسلم فساد ٿيڻ لڳا، ايڪتا ۽ امن متاثر ٿيو، سنڌ جي رواداري واري روايت کي ڪاپاري ڌڪ رسيو، صوفين جي سرزمين تي مذهبي تنگ نظري اڀرڻ شروع ڪيو هو ان دؤر جي ڪهاڻيڪارن پنهنجي پاران خوب ملاهيو، لالچند امرڏنو مل، مرزا نادر بيگ ۽ شيخ اياز جهڙن ڪهاڻيڪارن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪهاڻي وسيلي ڌرتي ڌڻين ۾ صوفياڻو روح ڦوڪيو.

مجموعي طور ورهاڱي کان اڳ واري سنڌي ڪهاڻي شروعاتي دؤر هجڻ باوجود سماجي مسئلن توڙي رواداريءَ واري فضا قائم رکڻ ۽ برابريءَ لاءِ

جاڪوڙيندڙ هئي. ناميارو محقق ۽ سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽيءَ جو استاد نواب ڪاڪا پنهنجي مقالي "سماجي ڪردار ۽ سنڌي ڪهاڻي" ۾ ان دؤر جي ڪهاڻيءَ جي ڪردارن بابت لکي ٿو:

> "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سڀ کان پهرين جنهن ڪردار پنهجو ڏاڪو ڄمايو، اهو آهي امرلال هڱوراڻي جي ڪهاڻي "ادو عبدالرحمان" جو "عبدالرحمان" وارو مست، الست ڪردار. هن ڪردار تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي. دنيا جي بهترين ڪهاڻين ۾ شامل ٿي انعام بہ حاصل ڪري چڪي آهي. هيءَ ڪردار سنڌ جي صوفياڻي فڪر جو نمائندہ ڪردار مڃيو ويو آهي. پڙهندڙ جي ذهن تي ڀرپور تاثر ڇڏي ٿو. ڪيرت ٻاٻاڻي هن مجموعي جي مهاڳ ۾ هن ڪردار لاءِ لکي ٿو: "هن ڪردار جو ايڏو تاثير آهي، جو هڪ دفعو پڙهڻ کان پوءِ ذهن تي ڇانئجي وڃي ٿو ۽ سالن تائين جهونجهاڙيندو ٿو رهي." (4)

ورهاڱي ٿيڻ کان ڪجهہ مهينا پهرين شيخ اياز جو ڪهاڻي ڪتاب "سفيد وحشي" شايع ٿيو، جيڪو انگريز گورن خلاف مزاحمت جو اعلان هو، ان ڪتاب جي ڪردارن جي باري ۾ نواب ڪاڪا لکي ٿو:

> "شيخ اياز ورهاڱي کان ڪجهہ عرصو اڳ باغي منڊل ڪهاڻين جو مجموعو "سفيد وحشي" نالي سان شايع ڪرايو. اياز بہ پنهنجي مخصوص فن جي ذريعي ڪيترن ئي سماجي ڪردارن جا نقش چٽيا آهن. خاص طور "ڪلٽي" ڪهاڻي، بهترين ڪرداري ڪهاڻي مڃي وئي آهي. معصوم عورت جي معصوميت محبت ڪي اياز هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار ذريعي ڪمال فنڪاريءَ سان چٽيو آهي." (5)

1940ع کان 1947ع تائين لکيل نوي سيڪڙو ڪهاڻين ۾ مزاحمت ۽ گورن جي حڪومت خلاف باغياڻا احساس چٽيل نظر اچن ٿا. مجموعي طور ورهاڱي کان اڳ واري ڪهاڻيءَ ۾ مقاميت نگاريءَ جو رنگ مڪمل طور شامل

نہ ھجڻ باوجود اھا پنھنجي ماحول ۽ حالتن کان باخبر آھي،سنڌي سماج جو اثر وٺندي، ان دؤر جي ڪھاڻي ان جي بدلي ۾ سماج کي پڻ انھن انيائن خلاف بغاوت توڙي واويلا جو اظھار ڪيو آھي.

ورھاڱي پوءِ وارو دؤر سنڌي ڪھاڻي جي نئين سر اپرڻ وارو دؤر ليکيو ويندو آھي، پنجاھہ واري ڏھاڪي ۾ سنڌي ڪھاڻي وري ساھہ کڻڻ شروع ڪيو ۽ سٺ ۽ ستر وارن ٻن ڏھاڪن تائين پنھنجي ڦوھہ جوانيءَ کي رسي. ھن دؤر جي ڪھاڻي اڄ بہ سنڌي سماج توڙي ادب کي پنھنجي سحر ۾ جڪڙي رکيو آھي. ان دؤر جا ڪھاڻيڪار اڄ بہ سنڌي ڪھاڻي جا بلند پھاڙ آھن. ھي اھو دؤر ھو جڏھن ملڪ اندر ون يونٽ جھڙي مصيبت مڙھي وئي ھئي، جنھن قومن جي تشخص کي تباھہ ڪري رکيو ھو، اھڙي دجالي دؤر ۾سنڌي ڪھاڻي پنھنجي روايتي مزاحمتي روپ ۾ اڀري ۽ ڀرپور احتجاج ڪيو. انھن ٽن ڏھاڪن جي نامور ڪھاڻيڪارن ۾ شيخ اياز، جمال ابڙو، اياز قادري، شيخ عبدالرزاق راز، سراج، حفيظ شيخ، بشير مورياڻي، عبدالجبار جوڻيجو، عبدالقادر جوڻيجو، علي بابا، امر جليل، نجم عباسي، غلام رباني آگرو، آغا سليم، حميد سنڌي، نسيم کرل ۽ ٻيا ڪيترائي نالا شامل آھن. ان دؤر جي ڪھاڻي تي تمام گھڻي تحقيق ڪئي وئي آھي، ان جو ورجاءُ نٿو ڪريان پر ايترو ضرور چوندم تہ ھي دؤر سنڌي ڪھاڻيءَ جي ڦوھہ جوانيءَ وارو دؤر ھيو ۽ سنڌي ڪھاڻي جيڪو ھن دؤر ۾ پنھنجي سرمستيءَ سان سنڌي سماج تي پنھنجو اثر ڇڏيو شايد اڳ يا پوءِ اھڙو اثر نہ ڇڏي. ھن دؤر جي سنڌي ڪھاڻي پنھنجي ٻوليءَ جي تشخص لاءِ پنھنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌي سماج ۾ قوميت جو روح ڦوڪيو.

سال 1980ع کان سال 1999ع تائين سنڌي ڪھاڻيءَ جو اثر توڙي مقبوليت ڍري رھي، شايد سماج اندر ٽاپر سنڌي ڪھاڻيءَ جي سست رفتاريءَ جو ڪارڻ بڻي ھجي، پر پوءِ بہ سنڌي ڪھاڻي لکجندي رھي، ڇپجندي رھي، پر ان دؤر کي جيڪڏھن سٺ ۽ ستر واري ڏھاڪي جو اثر ڪونجي تہ غلط نہ ٿيندو.

پوءِ ٻيي ھن دؤر جي ڪھاڻي سياسي وايو منڊل اندر اپريل تحريڪ ايم آر ڊي جي حمايت ۾ وقت جي حاڪم خلاف علامتي انداز اختيار ڪيو ۽

مزاحمت ڪئي. رئوف نظاماڻي پنهنجي مضمون " سنڌي ڪهاڻي ـ هڪ مختصر جائزو" ۾ لکي ٿو تہ:

> " ون يونٽ ٺهڻ کان وٺي 1969ع ۾ ون يونٽ ٽٽڻ تائين واري دؤر کي سنڌي ڪهاڻي ۾ قوم پرستيءَ جي فڪر جي حوالي سان ڇاڻائي سگهجي ٿو، جڏهن تہ 1970ع جو ڏهاڪو سنڌي سماج وانگر سنڌي ڪهاڻي لاءِ بہ هڪ عبوري دؤر جي حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ سماج ۾ ٿيندڙ سڄي ڀڃ ڊاهہ، مونجهارن ۽ آدرشن جي ٽٽڻ وغيره کي سنڌي ڪهاڻي پاڻ ۾ سموهيو هو. 1980ع جو ڏهاڪو استحڪام يا Consolidation جو دؤر آهي. ان دؤر ۾ 70 جي ڏهاڪي واري انفراديت پسندي ۽ سماجي حقيقت نگاري واري ڇڪتاڻ 1983ع جي جمهوري تحريڪ جي نتيجي ۾ پئين لاڙي جي حق ۾ ختم ٿئي ٿي پر ان جو مطلب سنڌي ڪهاڻي جو 70 کان اڳ واري ڏهاڪي ڏانهن موٽڻ نہ هو ۽ نہ ئي ان جي نتيجي ۾ سنڌي ڪهاڻي ڪنهن هڪجهڙائي يا يڪسانيت جو شڪار ٿي." (6)

هن دؤر ۾ مشهور پراڻا ڪهاڻيڪار ڪجهہ پاسيرو نظر اچن ٿا اهي يا تہ سرڪاري نوڪريءَ جي ڪري لکڻ جي رسيس ڪن ٿا يا تہ ڊرامي طرف هليا ٿا وڃن. هن دؤر ۾ نوان ڪهاڻيڪار اڀري آيا، جن پاڻ ملهايو، تن ۾ رسول ميمڻ، نورالهديٰ شاهہ، غلام نبي مغل، ظفر عباسي، منظور ڪوهيار، انور ابڙو، جان خاصخيلي، طارق قريشي، رحمت الله ماجوٺي، عابد مظهر، يوسف سنڌي، ضراب حيدر، سليم چنا، وهاب سهتو، اخلاق انصاري، رزاق مهر، صنوبر سيد، حفيظ ڪنير، عزيز ڪنگراڻي ۽ ٻيا ڊگهي قطار شامل آهي.

هن دؤر ۾ سنڌي ڪهاڻي ۾ مختلف تجربا پڻ ڪيا ويا، جنهن ۾ طارق قريشي پاران مستقبليہ ڪهاڻيون، سائنس فڪشن ڪهاڻيون، ابتي گرامر واريون ڪهاڻيون، وجوديت واريون ڪهاڻيون ۽ اڪهاڻي شامل آهن. هن دؤر جي افساني يا ڪهاڻي جي موضوعاتي تفريق هن ريت ڪري سگهجي ٿي تہ هن

دؤر جي ڪهاڻي ۾ حقيقت پسندي سان گڏ سماجي حقيقت نگاري ۽ مقاميت نگاري پڻ نظي اچي ٿي، هن دؤر جي افساني ۾ شعوري ڏارا پڻ نظر اچي ٿي، نورالهديٰ شاهه، ماڻڪ ۽ اخلاق انصاري نفسياتي حقيقت نگاري کي اپارڻ لاءِ ڪهاڻيون لکيون، خيرالنساءَ جعفري، زرينه بلوچ، صنوبر سيد ۽ ٻين عورت ڪهاڻيڪارائن عورتن جي مسئلن ۽ عورتن سان سلهاڙيل ٻين سماجي مسئلن کي اپاريو. ون يونٽ واري اثر هيٺ مزاحمتي رنگ چڙهيل نظر ايندو. طبقاتي ڇڪتاڻ ۽ مڊل ڪلاس جي بيچينيءَ کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي زينت پڻ بڻايو ويو، خاص سنڌي سماج ۾ موجود جن برائين ۽ انيائن خلاف قلم کنيو ويو، تن ۾ سماجي اڻ برابري، عورتن جي حقن جو استحصال، سرمائداريت ۽ جاگيرداريت، جهالت ۽ وهم پرستي، عقيدي پرستي ۽ پيرن ۽ مُلن جي لُٽ مار شامل آهن. سنڌي ڪهاڻي هر دؤر ۾ سنڌ جي زرعي سماج اندر زميندار يا وڏيري جي ظلمن کي نروار ڪندي ننديو آهي. اها سنڌي ڪهاڻي ئي آهي، جنهن زميندارن جي نجي جيلن، هارين سان غير انساني سلوڪ، ڳوٺن جي پوئتي ڏڪيل معاشري، ۽ مانيءَ يا اجهي لاءِ پريشان ويچاري هاريءَ جو ننگ به سلامت نه رهڻ جهڙن موضوعن کي پنهنجي اندر ۾ جاءِ ڏني، انهن جي حل لاءِ ڪوشش ورتي. اها سنڌي ڪهاڻي ئي آهي، جنهن سنڌي سماج ۾ زوري پيوند ڪيل ڪارو ڪاري رسم، ڪجهه گهراڻن ۾ ٿيندڙ ملڪيت ڦباڻ جي چڪرن ۾ نياڻين جون قران سان شاديون، حويلين ۾ قيد سيد زادين، ۽ ننڍي عمر جي شادين سميت ڪيترن ئي ٻين سماجي مسئلن تي آواز اٿاريو. اها سنڌي ڪهاڻي ئي آهي، جنهن پير پرستيءَ، مُلن ۽ پوپن جي تعويذ سڳن، انڌن عقيدن جي تقليد، ۽ ٻين اهڙن ڪيترين ئي جهالت وارين رسمن خلاف پنهنجو پيغام پيش ڪيو. اها سنڌي ڪهاڻي ئي آهي، جنهن عالمي طور اپريل سيني مثبت فڪري لاڙن کي سنڌي سماج اندر پيوند ڪيو، ترقي پسند سوچ پيدا ڪئي، مزاحمت جو جذبو اپاريو ۽ سنڌي سماج اندر نئين جوڙجڪ جو بنياد پڻ وڌو.

مجموعي طور تي سنڌي ڪهاڻي سنڌي ادب توڙي سماج کي موٽ ۾ اهي موضوع ڏنا، جيڪي سماج اندر پيچ ڊاهه يا سياسي تبديليءَ جو ڪارڻ هئا. سنڌي ڪهاڻي سنڌي سماج کي ترقي پسند سوچ ارپيندي اڳتي ڪٺي آئي ۽

سنڌي سماج ۾ قوم پرستي، وطن دوستي، انسان دوستي، رواداري، ميٺ محبت وارو سنڌ جو روايتي پيغام پڻ ڏنو.

**حوالا:**


1. امر جليل، "لهندڙ سج جي لام"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي، 2012ع
2. شيخ، طارق عزيز، " سنڌي ادب جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو" ڪانياواڙ استورس ڪراچي، 2001ع
3. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، مضمون: " سنڌي ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج" نمبر ٽيون مهراڻ 1992ع
4. ڪاڪا نواب، مضمون: "سماجي ڪردار ۽ سنڌي ڪهاڻي" نمبر چوٿون، مهراڻ 2012ع
5. ايضاً
6. چانڊيو، جامي، "افسانوي ۽ فڪري ادب"، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2007ع

# باب چوٿون

# سال 2000ع کان 2014ع تائين
# شايع ٿيل ڪھاڻي ڪتابن جو تنقيدي جائزو

سنڌي ٻولي ادبي طور انتهائي زرخيز ٻولي آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ هر سال سوين ڪتاب ڇپجن ٿا، جيڪي نثر توڙي نظم ٻنهي جي مختلف صنفن توڙي تحقيق تي مبني هجن ٿا. هتي ڪوشش ڪري گذريل 15 سالن جي عرصي ۾ شايع ٿيل فقط انهن ڪهاڻي ڪتابن جو تنقيدي جائزو پيش ڪيو ويو آهي، جيڪي مونوگراف لکڻ جي مختصر عرصي ۾ ميسر ٿي سگهيا آهن، جن تائين پهچ ٿي سگهي آهي، توڙي جو انهن جي حاصلات لاءِ لائبريريون، ڪتاب گهر، دوستن جي ذاتي ڪليڪشن توڙي انٽرنيٽ جا وسيلا ڪتب آندا ويا آهن، پوءِ بہ يقين آهي تہ ڪجھ ڪتاب شامل ٿيڻ کان رهجي ويا هوندا.

مون ڪوشش ڪئي آهي تہ تازن گذريل پندرنهن سالن ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي ڪتابن بابت جامع معلومات ڪٺي ڪندي انهن تي تنقيدي راءِ پڻ ڏيان. منهنجي تحقيق ڪيل هن لسٽ ۾ ٻاراڻين ڪهاڻين جا ڪتاب، پيهر شايع ٿيل ڪهاڻي ڪتاب، ترجمو ٿيل ڪهاڻي ڪتاب ۽ مزاحيہ ڪهاڻي ڪتاب شامل ناهن، باقي ڪليات يا مرتب ڪيل ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن. ان عرصي دؤران ڪجھ رسالن ڪهاڻي نمبر پڻ جاري ڪيا، جن ۾ سنگت پبليڪيشن ۽ ماهوار سقلتا شامل آهن. منهنجي تحقيقي اندازي موجب ان عرصي دؤران شايع ٿيل ڪهاڻي ڪتابن جو تعداد اڳتي ڏنل ٻن ٽيبلن جي حساب سان 215 کان بہ مٿي ٿي سگهي ٿو پر منهنجي ڪتب آيل وسيلن ۽ رابطن ذريعي جن ڪتابن تائين رسائي ممڪن بڻي آهي سي اڳين صفحن تي آيل فهرستن جي شڪل ۾ ڏجن ٿا.

| س | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇاپو | ادارو |
|---|---|---|---|---|
| 1 | ڪهاڻي | سهيڙ: سيد زوار نقوي | 2000 | ڪاوش گروپ |
| 2 | جيون پيڙا پيار | سهيڙ: ڊاڪٽر بشير شاد | 2000 | سچل ادبي مرڪز |
| 3 | پونءِ مان نڪتل ماڻهو | ظفر | 2000 | سنڌي ساهت گهر |
| 4 | سرد خاني ۾ رکيل خواب | مظهر ابڙو | 2000 | وينگس پبليڪيشن |
| 5 | ڪنوارا چپ | اختر رند | 2000 | خوشبو پبليڪيشن |
| 6 | انڊس ڪهاڻيون | رجب آزاد سولنگي | 2000 | — |
| 7 | زندگي هڪ مرڪ | غلام رسول ڪلهوڙو | 2000 | — |
| 8 | ڏنڌ ۾ گم ٿيل منظر | زيب سنڌي | 2001 | روشني پبليڪيشن |
| 9 | يادون ۽ سڪون | ڊاڪٽر محبت برڙو | 2001 | ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي |
| 10 | اداس سانجهي | شبانہ سنڌي | 2001 | رچنا پبليڪيشن |
| 11 | سرها ساهہ پرينءَ جا | طارق عزيز شيخ | 2001 | — |
| 12 | رات جي راڻي | اختر رند | 2001 | خوشبو پبليڪيشن |
| 13 | پياسي سپ سمونڊ ۾ | احمد علي صابر چانڊيو | 2001 | روشني پبليڪيشن |
| 14 | اڌ وهي | رزاق سهتو | 2001 | سيف پبليڪيشنز |
| 15 | مرڪ واري ڇوڪري | طارق خشڪ | 2001 | خوشبو پبليڪيشن |
| 16 | خودڪشيءَ جو رومانس | انور ابڙو | 2001 | رائٽرس ورلڊ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 17 | ڪهاڻي ـ 3 | سهيڙ: سيد زوار نقوي | 2002 | ڪاوش گروپ |
| 18 | ڪهاڻيون | سهيڙ: ادل سومرو | 2002 | سنڌي ادبي سنگت |
| 19 | درد ونديءَ جو ديس | حميد سنڌي | 2002 | زندگي پبليڪيشن |
| 20 | ڪوجهي چنڊ جو غم | سڪندر عباسي | 2002 | سچل ادبي مرڪز |
| 21 | گئلري مان ڪريل وجود | راز شر | 2002 | مشعل پبليڪيشن |
| 22 | روين جو چهرو | راجن مگريو | 2002 | رم جهم پبليڪيشن |
| 23 | دعا جا پير | غلام نبي گل | 2002 | وجاهت پبليڪيشن |
| 24 | تياس | ادا قاضي | 2002 | سنڌ ساهت گهر |
| 25 | منچر پڏي ويو | روشن علي تنيو | 2002 | رائيٽرس ورلڊ |
| 26 | حويلي ۾ گم ٿيل وجود | نسرين سيد | 2002 | هالار پبليڪيشن |
| 27 | مشعل پرندي رهندي | صنوبر سيد | 2003 | نيو ٿنڪرس فورم |
| 28 | مان ڪائنات آهيان | اخلاق انصاري | 2003 | ڪنول پبليڪيشن |
| 29 | جذبن جهوريو جيءُ | ساجده جبين | 2003 | نيو ٿنڪرس فورم |
| 30 | فائيل ۾ بند ٿيل هڪ ڇوڪري | ڊاڪٽر اعجاز سمون | 2003 | غزل پبليڪيشن |
| 31 | هڪ حوا ڪئين ڪهاڻيون | ڊاڪٽر فهميده حسين | 2003 | سنگم پبليڪيشن |
| 32 | دريا جي هن پار | ابراهيم ڪرل | 2003 | خيرپور تخليقار فورم |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 33 | ٽٽل، ڊٺل، ڍھنڊڙ پاڇولا | مشتاق احمد شورو | 2003 | گلشن پبليڪيشن |
| 34 | اڪر۔ پوري | هوندراج بلواڻي | 2003 | ساھتيہ سھڪار |
| 35 | لوڻ جو قرض | ڪلاڌر متوا | 2003 | وي ڪي گرافڪس |
| 36 | منھنجو پڇاڻو | ڪويتا انيل سکيجا | - | اي بي سي ڪريئيٽس |
| 37 | سفر | مشتاق پير ڦڙي | 2004 | رم جھم پبليڪيشن |
| 38 | حُسن جو سجدو | نظير ملڪاڻي | 2004 | سنڌي ساھت گھر |
| 39 | مان ڪير آھيان | غلام نبي گل | 2004 | وجاھت پبليڪيشن |
| 40 | خيال، خوشبو ۽ ستارا | منظور جوکيو | 2004 | سمبارا پبليڪيشن |
| 41 | جھجان پسي جھوڪ | تاجل بيوس | 2004 | نئون نياپو |
| 42 | رنگن وڪرڻ ڪان پوءِ | منور سراج | 2004 | سمبارا پبليڪيشن |
| 43 | بي ساھو خواب | رئوف عباسي | 2004 | سنڌ وائسز پبليڪيشن |
| 44 | اک ڇنڀ جو ڦھلاءُ | امير بخاري | 2004 | صبا اڪيڊمي |
| 45 | ماڻڪ مِٽُ سندوم | مرتب: ناز سنائي | 2004 | سنڌي ساھت گھر |
| 46 | ڪونج | غلام علي چنہ | 2005 | ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي |
| 47 | رشتن جو رقص | ريتا شاھاڻي | 2005 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 48 | اداس موسمن جو شھر | جمن احمداڻي | 2005 | پارس پبليڪيشن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 49 | اڻ پورو اظهار | ثريہ سرهاڻ سومرو | 2005 | نيو ٽنڪرس فورم |
| 50 | ڪارو پاڻي | سائين بخش رند | 2005 | پورب پبليڪيشن |
| 51 | منزل ڪان اورتي | منل چانڊيو | 2005 | زخمي پبليڪيشن |
| 52 | ڪارو چشمو | رجب آزاد | 2005 | ميمڻ عبدالمجيد اڪيڊمي |
| 53 | ساڻ جي موسم | رسول بخش درس | 2005 | ساگر پبليڪيشن |
| 54 | مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون | سهيڙ: حميد سنڌي | 2005 | سنڌي ادبي بورڊ |
| 55 | وچايل مرڪ | پرويز | 2005 | سچائي اشاعت گهر |
| 56 | ٽي تند وڙهي تلوارن سان | ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو | 2005 | روشني پبليڪيشن |
| 57 | روڳ | عزيز ڪنگراڻي | 2005 | روشني پبليڪيشن |
| 58 | جديد ناني جي جديد ڪهاڻي | رمضان دلدار چيڙ | 2005 | چيڙ پبليڪيشن |
| 59 | چنڊ پيرن هيٺ | عباس ڪوريجو | 2005 | ڪنول پبليڪيشن |
| 60 | 32 | انور ڪليم | 2005 | ڪنول پبليڪيشن |
| 61 | هر ديڳي چمچا | گوبند خوشحالاڻي | 2005 | سنت ڪنور فائونڊيشن |
| 62 | پڪي اڏاٽا پيار جا | عباس سارنگ | 2005 | سنڌي ادبي سنگت |
| 63 | پکين جو وطن | صديق منگيو | 2005 | سنڌ بوڪ ڪلب |
| 64 | اڌورا خواب | سليم چنا | 2005 | سليم چنا اشاعت گهر |
| 65 | بي سڪون خواب جو سچ | احسان دانش | 2005 | سچل ادبي مرڪز |
| 66 | شبنم ڪهاڻي | الحاج آغا غلام محمد | 2005 | گل دراني پبليڪيشن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 67 | حياتي جي قاتل ورقن جو ڪتائون | متفرقه | 2005 | سچائي اشاعت گهر |
| 68 | وري ورندو واءُ | سومرو شبير احمد | 2005 | سنگت جيڪب آباد |
| 69 | عبادت | اندرا پونا والا شبنم | 2005 | — |
| 70 | ٻه واٽي تي بيٺل ڇوڪري | رمضان دلدار چيڙ | 2006 | چيڙ پبليڪيشن |
| 71 | آئيندو | منظور جوکيو | 2006 | ڪاڇو پبليڪيشن |
| 72 | پاڻيءَ تي پهرو | راشد مورائي | 2006 | فهد پبليڪيشنز مورو |
| 73 | وڇوڙي جي پن ڇڻ ۾ | فتاح ابڙو | 2006 | ڪنول پبليڪيشن |
| 74 | دل ڪليسا جي اڪيلي ڪنڊ آهي | مراد قريشي | 2006 | سچائي اشاعت گهر |
| 75 | وجود جا عذاب | صديق منگيو | 2006 | مسيحا پبليڪيشن |
| 76 | ڪير ٽر تان اڏار | سهيڙ: سعيد سومرو | 2006 | ڪنول پبليڪيشن |
| 77 | تحفو | حسن علي هڪڙو | 2006 | ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي |
| 78 | جيون تنهنجي نانءُ | وفا اسلم شيخ | 2006 | ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي |
| 79 | نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون | نسيم ڪرل | 2007 | روشني پبليڪيشن |
| 80 | ڪهاڻيون ساروڻيون | سليم نور حسين | 2007 | زندگي پبليڪيشن |
| 81 | ردي پنا | ماڻڪ ڪنگراڻي | 2007 | نئون نياپو |
| 82 | پوپٽ جهڙو پيار | سهيڙ: يوسف سنڌي | 2007 | سنڌي ادبي سنگت |
| 83 | ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون | پير عبيد راشدي | 2007 | سيف بخاري اڪيڊمي |
| 84 | منهنجو پاڻي بند | پرويز | 2007 | سچائي اشاعت |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | نہ ڪجانءَ | | | گهر |
| 85 | ماڃر جي حور | پرويز | 2007 | سچائي اشاعت گهر |
| 86 | ڪتا اپ ڪتا | تهمينہ مفتي | 2007 | CPCS |
| 87 | ڪيرٽر تي صبح | سهيڙ: سعيد سومرو | 2007 | ڪنول پبليڪيشن |
| 88 | ڪجھہ بہ نہ | عزيز قاسماڻي | 2007 | ڪنول پبليڪيشن |
| 89 | بوتيڪ ڪان بيڊروم تائين | اڪبر سومرو | 2007 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 90 | فراق جي منزل | منظور ڪوهيار | 2007 | ڪنول پبليڪيشن |
| 91 | ڪولاج ٿيل شخص جو پورٽريٽ | نسيم پارس گاد | 2007 | روشني پبليڪيشن |
| 92 | سو مون سپ چمار | حميد سنڌي | 2007 | زندگي پبليڪيشن |
| 93 | اوندھہ ۾ رکيل آئينو | لياقت رضوي | | روشني پبليڪيشن |
| 94 | ڪهاڻي هر دؤر جي | اياز قادري | 2008 | قادري قلم قبيلو |
| 95 | زندگيءَ جو رستو | بهادر ٽالپر | 2008 | نيو ڊمي پبليڪيشن |
| 96 | دل جي دري | پرويز | 2008 | سچائي اشاعت گهر |
| 97 | مٽيءَ ۾ ملاوٽ | قاضي خادم | 2008 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 98 | جيجل منهنجي ماءُ | امر جليل | 2008 | ڪاڇو پبليڪيشن |
| 99 | دل اندر دريا | مدد علي سنڌي | 2008 | سنڌي ادبي بورڊ |
| 100 | پياسو درياھہ، پياسا ماڻهو | سليم مگسي | 2008 | — |
| 101 | خوابن جي سرحد | منور سراج | 2008 | سوجهرو پبليڪيشن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 102 | اندرا | امر جليل | 2009 | ڪاچو پبليڪيشن |
| 103 | فونو | رسول ميمڻ | 2009 | سوجهرو پبليڪيشن |
| 104 | ڊهندڙليڪا | رزاق مهر | 2009 | ڪاچو پبليڪيشن |
| 105 | مقدس متي | عباس سارنگ | 2009 | سنڌي ادبي سنگت |
| 106 | سچا ڪوڙا رشتا | منظور ڪوهيار | 2009 | ڪنول پبليڪيشن |
| 107 | لهر لهر اچار | عدنان هاليپوٽو | 2009 | امرتا پبليڪيشن |
| 108 | چنڊ وسامي ويو | امر جليل | 2009 | ڪاچو پبليڪيشن |
| 109 | سون ورنيون سوڊيون | سهيڙ: پروين موسيٰ ميمڻ | 2009 | محمد موسيٰ قاسماڻي ادبي اڪيڊمي |
| 110 | سرد لاش جو سفر | امر جليل | 2009 | ڪاچو پبليڪيشن |
| 111 | رات جو رنگ | شوڪت حسين شورو | 2009 | سنڌي ادبي بورڊ |
| 112 | ڪڏهن بهار ايندو | سوڀو گيانچنداڻي | 2010 | سنڌي ادبي سنگت |
| 113 | زندگيءَ جي پٺ تصوير | بيوس محرم مغيري | 2010 | ڪنول پبليڪيشن |
| 114 | اڌوهي ڪاڏل وجود | سيف الحق سيف | 2010 | ڪنول پبليڪيشن |
| 115 | مان اوهان مان ناهيان | عزيز قاسماڻي | 2010 | ڪنول پبليڪيشن |
| 116 | سنڌي چونڊ ڪهاڻيون | مرتب: محمود مغل | 2010 | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي |
| 117 | تنهنجي دل ۾ | ڊاڪٽر اعجاز سمون | 2010 | پوپٽ پبليڪيشن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | هوندي بہ اڪيلا | | | |
| 118 | جڏهن مان چوهٽ جو هوندس | ممتاز مهر | 2010 | نئون نياپو |
| 119 | فرشتن جي دنيا | شهاب سومرو | 2010 | الرزاق پرنٽنگ ايجنسي |
| 120 | انگن جي راند | هوش پٽي | 2010 | سچائي اشاعت گهر |
| 121 | ادب ۽ سياست | امر جليل | 2010 | ڪاڇو پبليڪيشن |
| 122 | شيدو | محمد رفيق سپيو | 2010 | صبوح پبليڪيشن |
| 123 | حيدرآباد 47 ڪلوميٽر | زيب سنڌي | 2010 | سنڌ ماڊرن موتي تنظيم |
| 124 | جي پيار هجي ها پاڇولو | قمر شهباز | 2010 | سنڌيڪا اڪيڊمي |
| 125 | ڏينهن ڏٺي جا سپنا | پاويل جوڻيجو | 2010 | سنڌي ساهت گهر |
| 126 | جيئڻ جو حق | رمضان دلدار چيڙ | 2010 | چيڙ پبليڪيشن |
| 127 | ڊائري ۾ رکيل خواب | منصور پرڙو | 2011 | نئون نياپو |
| 128 | وارياسا وجود | نصير ڪنير | 2011 | مارئي اڪيڊمي |
| 129 | آب حيات | غلام رباني آگرو | 2011 | روشني پبليڪيشن |
| 130 | پيار جي هڪ ٻي صدي | رفيق سومرو | 2011 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 131 | پرندڙ لڱ | متفرق ڪهاڻيڪار | 2011 | نامعلوم |
| 132 | خوابن جي خودڪشي | شگفتہ جبين | 2011 | نارا ريسرچ ۽ پبلشنگ |
| 133 | آسماني تارو | سليم چنا | 2011 | سليم چنا اشاعت گهر |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 134 | شينهن بنا پيلو | سليم چنا | 2011 | سليم چنا اشاعت گهر |
| 135 | بند ٿي ويل دروازو | ذوالفقار ڪانڌڙو | 2011 | سچائي اشاعت گهر |
| 136 | نہ وڃڻ جو پڇتاءُ | يوسف سنڌي | 2011 | نئون نياپو |
| 137 | ڪپيل نڪ | عباس سارنگ | 2011 | نئون نياپو |
| 138 | ڳوڙهن جا ڪبوتر | پرويز | 2011 | نئون نياپو |
| 139 | چيني ۽ چرپٽ جو ڪهاڻيون | امر جليل | 2011 | ڪاچو پبليڪيشن |
| 140 | مٽي هاٿا ماڻهو | اڪبر اديب | 2011 | نئون نياپو |
| 141 | ۾ سئو ٽيٽيهہ | لياقت رضوي | 2011 | دي ڪريئيٽرس |
| 142 | ڏکيو ڏيهہ، سندر سپنا | آزاد جتوئي | 2011 | مومل پبليڪيشن |
| 143 | هڪ شام جو الميو | علي محمد سولنگي | 2012 | ثقافتي ادبي فورم |
| 144 | جنم جنم الميو | يار محمد چانديو | 2012 | ڪنول پبليڪيشن |
| 145 | زندگي مرجهي ويل گل جهڙي | مصور حسين | 2012 | ڪنول پبليڪيشن |
| 146 | آرسي ڪهاڻيون | مرتب: ظفر جوڻيجو | 2012 | فينيڪس بوڪس |
| 147 | امر جليل جي سنڌو | امرجليل | 2012 | ڪاچو پبليڪيشن |
| 148 | سونو ڏند | رسول ميمڻ | 2012 | پوپٽ پبليڪيشن |
| 149 | پونئرن جي انتظار ۾ | منظور ڪوهيار | 2012 | ڪنول پبليڪيشن |
| 150 | اوجاڳن جو سوڳ | بيوس محرم مغيري | 2012 | ڪنول پبليڪيشن |
| 151 | مهنگي مرڪ | مايا راهي | 2012 | جوالا پبليڪيشنس |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 152 | اڪيلو ماڻهو | جمن احمداڻي | 2012 | نئون نياپو |
| 153 | سنڌو بقا، مان فنا آهيان | امر جليل | 2012 | ڪاچو پبليڪيشن |
| 154 | ٽيگڙ | ڪلاڌر متوا | 2012 | NCPSL نئين دهلي |
| 155 | جمنا سان تي ڏينهن | فتاح ملڪ | 2012 | شاهه لطيف ادبي سوسائٽي |
| 156 | برسات ڪان پوءِ | اختر حفيظ | 2012 | ؟ |
| 157 | قيديءَ جي عيد | ستار پيرزادو | 2012 | لاڙڪاڻو ريسرچ اڪيڊمي |
| 158 | چونڊ | سيد عرفان علي شاهه | 2013 | حاجي وڏل شاهه فائونڊيشن |
| 159 | جمود | امر جليل | 2013 | ڪاچو پبليڪيشن |
| 160 | فيس بوڪ | منظور قادر | 2013 | نئون نياپو |
| 161 | مان هت جنم نه وٺندس | امداد ڪانهيو | 2013 | نئون نياپو |
| 162 | اپر چنڊ پس پرين | نسيم ٿيبو، سهيڙ: دين محمد | 2013 | سنڌي ادبي بورڊ |
| 163 | درد جو انگاس | انور شيخ | 2013 | ماءُ پبليڪيشن |
| 164 | ڪريل گهڙيال | رحمت الله ماجوني | 2013 | ماءُ پبليڪيشن |
| 165 | حليمان | رسول ميمڻ | 2013 | پوپٽ پبليڪيشن |
| 166 | ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون | حميد سنڌي | 2013 | سنڌي ادبي بورڊ |
| 167 | سانول جا سور | اقبال بلوچ | 2013 | سلام پرنٽرس |
| 168 | اڌورا وجود | ممتاز لوهار | 2013 | ڪنول پبليڪيشن |
| 169 | مٽيءَ جو عشق | صديق منگيو | 2013 | ساهتي ادبي اڪيڊمي |
| 170 | ڪهاڻيون ئي | محمد انور بلوچ | 2013 | سچائي اشاعت |

| | ڪهاڻيون | | | گهر |
|---|---|---|---|---|
| 171 | اوسيئڙي ۾ جڙيل آس | عبدالسلام ٿهيم | 2013 | ڪنول پبليڪيشن |
| 172 | زندگي جي ويڙهه ۾ | ناياب ڪوڪر | 2013 | ڪنول پبليڪيشن |
| 173 | خواب نگر | سليم چنا | 2013 | سليم چنا اشاعت گهر |
| 174 | ڌرتي، دريا سمنڊ | سليم چنا | 2013 | سليم چنا اشاعت گهر |
| 175 | ڏينهن ڏني ڏيئو | سليم چنا | 2013 | سليم چنا اشاعت گهر |
| 176 | ست ست، قصو، ڪٿا، ڪهاڻي، نئين پراڻي آکاڻي | سليم چنا | 2013 | سليم چنا اشاعت گهر |
| 177 | ست ست ڪهاڻي، سليم چنا ٻڌائي ٿو آکاڻي | سليم چنا | 2013 | سليم چنا اشاعت گهر |
| 178 | ستين آسمان جا فرشتا | ماڻڪ ڪنگراڻي | 2014 | نئون نياپو |
| 179 | پسي ڳاڙها گل ۽ ڪورٽ ڪهاڻيون | رسول بخش پليجو | 2014 | روشني پبليڪيشن |
| 180 | ڪيڏارو | نورالهديٰ شاهه | 2014 | روشني پبليڪيشن |
| 181 | پنهنجي ڌرتي | عباس ڪوريجو | 2014 | ڪنول پبليڪيشن |
| 182 | نئون جهان جوڙجي | اختر ملاح | 2014 | سورٺ پبليڪيشن |
| 183 | اکين ۾ رهجي ويل عڪس | پرويز | 2014 | سچائي اشاعت گهر |
| 184 | سپنن جو انت | رضوان گل | 2014 | ڏاهپ پبليڪيشن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 185 | احساس جا رنگ | فاطمہ پرڳڙي | 2014 | سنڌ راڻي پبليڪيشن |
| 186 | هڪ هڪ سٽيون هڪ سئو ڪهاڻيون | سليم چنا | 2014 | سليم اشاعت گهر |
| 187 | مان سنڌ گهمڻ نہ ويندس | عبدالواحد سومرو | 2014 | نئون نياپو |
| 188 | سهائيءَ جي سوپ | رسول بخش درس | 2014 | سنڌي ساهت گهر |
| 189 | پرين ياد پيام | رئوف عباسي | 2014 | ادب لطيف پبليڪيشن |
| 190 | تخليق جو انت | عابده گهانگهرو | 2014 | مهراڻ ميڊيا سروس |
| 191 | درد ڪهاڻيون | سراج | 2014 | روشني پبليڪيشن |

سال 2015 کان سال 2020ع تائين جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1 | ناد وارو | امر لغاري | 2015 | ڪاڇو پبليڪيشن |
| 2 | آزاديءَ جو صبح | پرويز | 2015 | نئون نياپو |
| 3 | جيجل منهنجي قسمت | دلبر چانديو | 2015 | مرڪ پبليڪيشن |
| 4 | ڪهاڻيون، ساروڻيون خط | سليم نور حسين | 2015 | پيڪاڪ |
| 5 | سنڌو | ذاهد ميراڻي | 2015 | سنڌيا پبليڪيشن |
| 6 | درد جي پاڇي ۾ | نسرين سيد | 2015 | سنڌ راڻي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 7 | نڙيءَ ۾ اٽڪيل سچ | انور ڪاڪا | 2015 | ڪنول پبليڪيشن |
| 8 | ڪچا رشتا | دريا خان شنباڻي | 2015 | ڪنول پبليڪيشن |
| 9 | پھرين جنوري | انور ابڙو | 2015 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 10 | سوچن جي سانوڻيءَ ۾ | بھادر تالپر | 2015 | سنڌي ساھت گھر |
| 11 | سامائي تان سک ويا | نيلوفر جويو | 2016 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 12 | رام ڪھاڻي | فاطمہ پيرزادي | 2016 | ناري پبليڪيشن |
| 13 | مينڌي لھڻ ڪان اڳ ۾ | محمد علي پٺاڻ | 2016 | ماءُ پبليڪيشن |
| 14 | درد جو سفر | عزيز ڪينجھرائي | 2016 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 15 | اذيتن جي اس | جعفر شاھاڻي | 2016 | ڪنول پبليڪيشن |
| 16 | جيئڻ جنين ڪاڻ | اقبال بلوچ | 2016 | سمبارا پبليڪيشن |
| 17 | مان زنده رھندس | نور گھلو | 2016 | امرتا پبليڪيشن |
| 18 | عشق جي آخري سرحد | يار محمد چانڊيو | 2016 | مرڪ پبليڪيشن |
| 19 | پيار گرھڻ | عزيز ڪنگراڻي | 2017 | سارنگا |
| 20 | خالي ھنج جو ڏک | شبنم گل | 2017 | پوپٽ پبليڪيشن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 21 | ٻاڙها لفظ | حيدر دريا | 2017 | آفتاب ادب |
| 22 | گونگا ٻوڙها | ضمير زين تنيو | 2017 | نياز نوڙت ڪشف پبليڪيشن |
| 23 | ڊسٽ بن ۾ اڇلايل ڪهاڻي | حسيب ڪانهيو | 2017 | سمبارا پبليڪيشن |
| 24 | واڪا ڪرڻ مون وس | حاڪم ڪٽوهر | 2017 | سمبارا پبليڪيشن |
| 25 | پوترتا پڇتاءُ | تسليم سحر | 2017 | سمبارا پبليڪيشن |
| 26 | اندر ڪارو ڪانءُ | جبار آزاد منگي | 2017 | سمبارا پبليڪيشن |
| 27 | اٽي لٽي اڇي جي ٻولا | ممتاز مصطفيٰ دوست | 2017 | ڪنول پبليڪيشن |
| 28 | برف جون بيساکيون | امر لغاري | 2017 | ڪنول پبليڪيشن |
| 29 | موٽي ايندس مان | ابراهيم ڪرل | 2017 | پوپٽ پبليڪيشن |
| 30 | ماڊل گرل، محبت ۽ چترڪار | غلام نبي سومرو | 2017 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 31 | ماءُ منهنجو جندڙو | جهان آرا سومرو | 2017 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 32 | ڪوڙ جي ڪوهيڙي ۾ لڪيل پھريون سچ | شگفته جبين | 2017 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 33 | وسريل گيت | مايا راهي | 2017 | نئون نياپو |
| 34 | لمحي جو سواد | رزاق سهتو | 2017 | ڪويتا پبليڪيشن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 35 | ترورو | ثمينہ ميمڻ | 2017 | پوپٽ پبليڪيشن |
| 36 | غلطي | آغا ثناءَ الله | 2017 | سچائي اشاعت گهر |
| 37 | پيار جي ڌرتي دل جو ديس | مٺل چانڊيو | 2018 | مرڪ پبليڪيشن |
| 38 | ٽيون نسل | امداد رند | 2018 | سپ پبليڪيشن |
| 39 | ڀنل اکڙيون | نور حسين ڪلهوڙو | 2018 | سنڌ راڻي |
| 40 | جلاوطن پکي | محبوب سنڌي | 2018 | سمبارا پبليڪيشن |
| 41 | سنڌيا شاه جون ڪهاڻيون | شبانہ سنڌي | 2018 | سمبارا پبليڪيشن |
| 42 | آخري ماڻهو | زيب سنڌي | 2018 | سمبارا پبليڪيشن |
| 43 | مان انسان ٿيندس | محمد دين راڄڙي | 2018 | سمبارا پبليڪيشن |
| 44 | واجهائيندي ورهہ ٿيا | شگفتہ شاھ | 2018 | ناري پبليڪيشن |
| 45 | روپالي | آصف ڪنڀر | 2018 | سنڌيڪا |
| 46 | اسان اُڏ جاٽان | پرويز | 2018 | سچائي اشاعت گهر |
| 47 | خالي هٿ | انور ڪاڪا | 2018 | ڪنول پبليڪيشن |
| 48 | اعتبار جي | غلام علي اڃڻ | 2018 | ڪنول |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | آسمان تان | | | پبليڪيشن |
| 49 | ميران جوڳڻ | شميم مري | 2018 | ڪنول پبليڪيشن |
| 50 | اگھاڙيون اکيون | لاڪو شبير | 2018 | ڪنول پبليڪيشن |
| 51 | اهو اجنبي | راجن مگريو | 2018 | ڪنول پبليڪيشن |
| 52 | سئو لفظ سئو ڪهاڻيون | محمد علي پٺاڻ | 2018 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 53 | مان جيڪر گل هجان ها | جهان آرا سومرو | 2018 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 54 | ٽيھ منٽ | اختر حفيظ | 2018 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 55 | حيدرآباد | ضراب حيدر | 2018 | سچائي اشاعت گھر |
| 56 | دونهاٽيل شهر | فياض بلوچ | 2018 | سنڌ راڻي |
| 57 | اندر جي عدالت | ريحانہ نظير | 2018 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 58 | لچارو عشق | ملڪ آگاڻي | 2018 | سچائي اشاعت گھر |
| 59 | مٽيءَ جو مان | حميد ابڙو | 2018 | سنڌ راڻي |
| 60 | ڪائنات جو موت | جعفر شاهاڻي | 2019 | ڪائنات جو موت |
| 61 | تون ڪٿي آهين | فهميدھ شرف بلوچ | 2019 | سنڌ راڻي |
| 62 | جذبن جهوريو جيءُ | ساجدھ جبين | 2019 | سنڌ راڻي |
| 63 | منهنجو ڏوھ | تاج جويو | 2019 | سنڌ راڻي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 64 | منهنجا مشاهدا | ڊاڪٽر دائم علي دربان | | سنڌ راڻي |
| 65 | | | | |
| 66 | ريڙهه پيڙهه | گوهر سنڌي | 2019 | سنڌ راڻي |
| 67 | جانا | غلام مصفيٰ سولنگي | | سنڌ راڻي |
| 68 | آخري پيار | اقبال بلوچ | 2019 | سمبارا |
| 69 | پٽائيءَ جي ڳولا | مير محمد پيرزادو | 2019 | سمبارا |
| 70 | گلن سان تعزيت | عبد السلام ٿهيم | 2019 | ڪنول پبليڪيشن |
| 71 | پهر سج کان پوءِ | اظهار بالادي | 2019 | ڪنول پبليڪيشن |
| 72 | بارش کان بارش تائين | مجيب اوٺو | 2019 | ڪنول پبليڪيشن |
| 73 | خواب مرندا ناهن | نور راهوجو | 2019 | ڪنول پبليڪيشن |
| 74 | جانور | سلطانه وقاصي | 2019 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 75 | انور پيرزادي جون ڪهاڻيون | انور پيرزادو | 2019 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 76 | دنيا کان اڳتي | محمد علي پٺاڻ | 2019 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 77 | در جو کڙڪو | شفيع بڪڪ | 2019 | مرڪ پبليڪيشن |
| 78 | لاڙڪاڻي جي ڪهاڻيڪارن | عبد النبي ساريو | 2019 | آرٽس ڪائونسل |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | جون چونڊ ڪهاڻيون | | | لاڙڪاڻو |
| 79 | پيار جي سيما | محمد انور بلوچ | 2019 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 80 | چٽيل گل | ڊاڪٽر مقبول مارو | 2019 | سچ پبليڪيشن |
| 81 | پاڇو | چونڊ ڪهاڻيون | | ڪويتا پبليڪيشن |
| 82 | ڪڏهن بهار تہ ڪڏهن خزان | تارا ميرچنداڻي | | ڪويتا پبليڪيشن |
| 83 | اويلو مسافر | بادل جمالي | 2019 | ماءُ پبليڪيشن |
| 84 | درد جو معراج | ڊاڪٽر شهناز سومرو | 2019 | ماءُ پبليڪيشن |
| 85 | ڏاهي مَ ٿيان | منظور لاڙڪ | 2019 | پوپٽ پبليڪيشن |
| 86 | مونکي ڇو ڪيڏيو ويو | پرويز | 2019 | سچائي |
| 87 | سمنڊ ڪان ٿورو اورتي | پرويز | 2019 | سچائي |
| 88 | آڳريون هن جو نالو اٿن ٿيون | اصغر گگو | 2019 | سچائي |
| 89 | ضميرن جي دڪان تي | ايوب عمراڻي | 2020 | سنڌ راڻي |
| 90 | مائي مجاور | گل ڪونڊر | 2020 | سنڌ راڻي |
| 91 | زندگي | فهميده شرف بلوچ | 2020 | سمبارا پبليڪيشن |
| 92 | گدلي سدلي جهڙي گاج | پروفيسر سيد غلام علي شاه | 2020 | سمبارا پبليڪيشن |
| 93 | ديبل جو سپاهي | ستار هليو | 2020 | ڪنول پبليڪيشن |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 94 | ڪليل دريءَ جو درد | ممتاز لوهار | 2020 | ڪنول پبليڪيشن |
| 95 | ورهه جو روڳ | ذلفي زنئور | 2020 | ڪنول پبليڪيشن |
| 96 | مان پاڻ کي ڳولڻ نڪتو آهيان | اخلاق انصاري | 2020 | ڪنول پبليڪيشن |
| 97 | پرندڙ وجود | ظفر پياروي | 2020 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 98 | برسات ۽ ٻوڏ | مٺل جسڪاڻي | 2020 | امرتا پبليڪيشن |
| 99 | اجايل راهون | ملڪ آگاڻي | 2020 | سرسوتي ساهت گهر |
| 100 | طوفان ۾ ڪڪائون گهر | محمد علي پٺاڻ | 2020 | پيڪاڪ پبليڪيشن |
| 101 | حويليءَ جو در | تاج محمد شيخ | 2020 | سمبارا پبليڪيشن |

پراڻي فهرست لاءِ هٿ پيل ڪجھ ڪتاب

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1 | اجهاميو پران | ماڪن شاهه رضوي | 2008 | ڪويتا پبليڪيشن |
| 2 | آخري ڪاغذ | ادا قاضي | 2010 | |
| 3 | ٻه ڪتاب | ممتاز مهر | 2011 | نئون نياپو |
| 4 | وارتا ٽُو | غلام محمد ميمڻ | 2012 | عريبه پبليڪيشن |
| 5 | پيار ۽ خدا | زوهيب خان ڏاهري | 2013 | آغاز پبليڪيشن |

هندوستان جي بزرگ ليکڪ محترم ڀڳوان ڀاڀاڻي "بندو" پاران موڪليل ان عرصي دؤران انڊيا ۾ ڇپيل ڪجهه وڏيڪ ڪهاڻي ڪتابن جي لسٽ هيٺ ڏجي ٿي.

| س | ڪتاب جو نالو | ليکڪ جو نالو | ڇاپو | ادارو |
|---|---|---|---|---|
| 1 | مُند جو ٽڙيل ڦريون گُلاب | لکمي ڪلاڻي | 2000 | لکمي ڪلاڻي، آديپور |
| 2 | ڪردارن جي بغاوت | ڪشن ٻجاج | 2000 | ڪشن ٻجاج، اُڏيپور |
| 3 | دنيا رنگ رنگيلي | هرڪشن سامتاڻي | 2000 | هرڪشن سامتاڻي، پُٽي |
| 4 | ڳوناڻي | راڌاڪرشن عالمچنداڻي | 2001 | چندن پرڪاشن، لکنؤ |
| 5 | اِستمراري ۽ ٻيوُن ڪهاڻيوُن | گوبند خوشحالاڻي | 2002 | سنت ڪنور فائونڊيشن، آحمدآباد |
| 6 | ڇلانگ | ايسر ڪلياڻي | 2002 | پشپانجلي پبليڪيشن، ناگپور |
| 7 | موت | بنسي خوبچنداڻي | 2003 | ڪونج، مُمبئي |
| 8 | ڪجهه آپ بيتي ڪجهه جڳ بيتي | ڊا. موتيلال جوتواڻي | 2005 | سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن |
| 9 | هرديگي چمچو | گوبند خوشحالاڻي | 2005 | سنت ڪنور فائونڊيشن، آحمدآباد |
| 10 | ڏاچي واليان | رام ڪُڪڙيجا | 2006 | سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن |
| 11 | ردي | جيتو لالواڻي | 2006 | استيج پبليڪيشن، آحمدآباد |
| 12 | سنڌي ڪهاڻيوُن | ناڪُر چاولا | 2006 | امرتا آنند پبليڪيشن، مُمبئي |
| 13 | ڪارڻ جي تلاش | هيرو شيوڪاڻي | 2008 | ڊا. ايسر پارواڻي، اُلهاسنگر |
| 14 | جذبو | سُريش ٻبلاڻي | 2008 | سنڌي ٻُڪ ٽرسٽ ، انڊيا |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 15 | شيام جئسنگهاڻيءَ جون ڪهاڻيوُن | شيام جئسنگهاڻي | 2008 | هري هِمتاڻي، آجمير |
| 16 | منجري ڪولهڻ ۽ پيوُن ڪهاڻيوُن | ليکو تلسياڻي | 2009 | سُريش پرياڻي، اُلهاسنگر |
| 17 | سلام سنڌڙي | هري پنڪج | 2009 | اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن، دهلي |
| 18 | پيار جو آنچل | ڪنعيالال گوپلاڻي | 2010 | ڪوتا ساهتيہ مالا، آحمدآباد |
| 19 | سنڌي نندِيوُن ڪهاڻيوُن | ناڪُر چاولا | 2010 | امرتا آنند پبليڪيشن، مُمبئي |
| 20 | خواهشن جو وهڪرو | لعل هوتچنداڻي 'لاچار' | 2011 | آجنتا ساهتيہ سنگم، گانڌيڌام |
| 21 | تو نہ سُڄاتو | گوپ گولاڻي | 2012 | سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، انڊور |
| 22 | آئينو | ايم. ٽي. ڀاٽيہ | 2012 | ايم. ٽي. ڀاٽيہ، اجمير |
| 23 | آنسون عمر پر جا | امر گوپلاڻي | 2012 | امر گوپلاڻي، اِنڊور |
| 24 | گردش | امر گوپلاڻي | 2012 | امر گوپلاڻي، اِنڊور |
| 25 | چيڪ بوڪ | واسديو موهي | 2012 | ڪرن ڪِشن تخليقي پبليڪيشن |
| 26 | لکمي ڪلاڻيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون | لکمي ڪلاڻي | 2014 | آسانجو آدب، آديپور |
| 27 | ڪال گرل | لڪشمڻ ديو ٻجلاڻي | 2014 | ناري لچواڻي، ڀوپال |
| 28 | آشيرواد | گوپ گولاڻي | 2014 | گوپ گولاڻي |

سنڌي ڪهاڻي بابت جيڪو جائزو اڳتي پيش ڪيو ويندو اهو فقط مٿين انگن اکرن کي نظر ۾ رکي ورتو ويو آهي، ۽ ان لاءِ انگن اکرن کي مٿين ٽيبلن جي حساب سان سمجهيو وڃي.

مٿئين ٻني ٽيبلن ۾ فقط ڪهاڻي ڪتاب شامل آهن، پر ان عرصي دؤران ڪيترائي اهڙا ڪهاڻيڪار پڻ اڀريا، جن تمام وڻندڙ ۽ مقبول ڪهاڻيون لکيون، پر بدقسمتيءَ سان اهي فقط انهن رسالن، ڊائجسٽن ۽ اخبارن تائين ئي

محدود رهيون. مون هتي ڪوشش ڪري ڪجهه مقبول رسالن، ڊائجسٽن ۽ اخبارن جي چنڊ ڦوڪ ڪان پوءِ اهڙن ڪهاڻيڪارن جا نالا ڪٺي ڪيا آهن، جن جو اڃا تائين ڪوبه ڪهاڻين جو مجموعو شايع ناهي ٿيو. ڏنل نالا هيٺين رسالن جي مختلف شمارن مان گڏ ڪيا ويا آهن. نئين زندگي، سوجهرو، عبرت مئگزين، ادب، اديب، مهراڻ، هالار، سنڌ رنگ، ڪينجهر، پرک، سڦلتا، وائيس آف سنڌ، امرتا، هزار داستان، سارنگا، سفير سنڌ، نئين آس، ڪهاڻي ڊائجسٽ، پرک ۽ پيا شامل آهن.

سال 2000ع کان 2014ع تائين شايع ٿيل مٿئين رسالن ۾ جن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون ڇپيون تن ۾ اسحاق انصاري، بيدل مسرور، فقير محمد ڍول، ايوب عمراڻي، الطاف ملڪاڻي، غلام نبي اداسي، ايس سرمد، ثقلين لاشاري، محمد پناهه مغيري، ستار هليو، شبير حسين شبير، راشد بروهي، نورالحق نور، مير بهادر ٽالپر، عبدالواحد سومرو، حيدر ملاح، فقير دلبر لغاري، شاهين سنڌي، مخمور بخاري، گوهر سنڌي، منصور پرڙو، فدا سمون، ساقي ارشاد لورڙ، عبدالغني شر، زاهد منگي، مرڪ سنڌو، آزاد زنگيجو، عرفان گل چانڊيو، راجا ملاح، ڪليم ٻٽ، حميد ابڙو، فيض سومرو، دريا خان شنباڻي، هما ايس، ثنا ايس، اصغر پتافي، عزيز پنيرو، انور ڪاڪا، حسيب ڪانهيو، رحمت پيرزادو، فوزيہ ناز، خليق فياض، محمد دين راڄڙِي، پريت گهمرو، ذاهد نظاماڻي، عاجز گلشير ٽڳڙ، مجيب اوٺو، علي صفدر، باک جوڻيجو، مرتضيٰ لغاري، قربان سنديلو، ساجده چنا، هاشم شورو، منور ڪيهر، جميل گاد، انور ابڙو، بادل جمالي، عنايت ميمڻ، علي صفدر، ج.ع.منگهاڻي، اختر جانوري، وفا صالح راڄپر، ديوي نانگراڻي، محمد علي پٺاڻ، ڊاڪٽر اعجاز سمون، ڊاڪٽر سليمان سولنگي، منظور ڪلهوڙو، امر لغاري، جهان آرا سومرو، مير حاجن مير، مقصود گل، خالد چانڊيو، رضا بخاري، عاشق اوڊاڻو، سميرا گل، فريال بانو، منير منگي، قاسم رستماڻي، ذاهد سومرو، ساجد سومرو، همدرد جانوري، اختر پيا، فدا سيلرو، تيرٿ ڪمار، مقبول مارو، زينت گل، غمدل غفور، ناشاد ملاح، مور مغيري، رجب آزاد سولنگي، ايس شاد، سڪايل نهال چانڊيو، گل ڪونڌر، سارنگ ٻٽُ، نظير ملڪاڻي، امداد جسڪاڻي، زُبي پروين، امداد گوپانگ، ظهير

تبسم جوڻيجو، جوجي سمون، رفيق بلوچ، مختيار سھتو، سڪندر سرواڻ، جھانگير عباسي، حسن صوفاڻي، استاد نظاماڻي، قاضي اياز مھيسر، حفيظ باغي، امين اڏيرائي، معشوق قمبراڻي، آصف جمالي، گوپال ٺڪر، اميد الطاف، رفيق ڪانڌڙو، شمن لاشاري، الطاف ميمڻ، زاھده قريشي، اسلم پتو، ذاهد گبول، مرتضيٰ لاشاري، محبوب لغاري، نسيم لاڪو، صائب ميمڻ، مظھر علي جروار، زين تنيو، زيبا لاشاري، جعفر شاھاڻي، غلام مصطفيٰ سولنگي، عاشق ٻاھو، جانثار ڪوسو، لياقت مولائي، وفا جانوري، علي دوست عاجز، صابر سميجو، حفيظ پيرزادو، ستار ھليو، شوڪت لوھار، مصور حسين، عمران رند، ڪريم لغاري، انيس خاصخيلي، امجد حسين امجد، رضا پير، تنھا واجد، محمد خان ڪانڌڙو، شميم ناز بلوچ، وحيد دانيال ڪاڪا، موتيا چنا، ذاھد ميراڻي، علي رضا قاضي، مختيار ملاح، امر فياض شيخ، زاھده تاج ابڙو، رحمان ابڙو، امداد چنا، سجاد گھلو، مشتاق گوپانگ، بشير آچر، عبدالرزاق ڪلھوڙو، مٺل جسڪاڻي، الطاف امر ۽ اجا ھڪ ڊگھي قطار شامل آھي.

ڪھاڻي نثر جي مقبول ترين صنف آھي، جيڪا دنيا جي ھر ٻولي ۾ لکي وڃي ٿي، ان جي مقبوليت ڏسي ڪيترن ئي نقادن اھا راءِ ڏني ھئي تہ ناول جو زوال اچڻ وارو آھي ۽ ان جي جاءِ ڪھاڻي والاريندي، خير ائين تہ ٿي نہ سگھيو پر ايترو ضرور ٿيو جو ناول جي مقبوليت ڪي ڇيھو رسيو ۽ ڪھاڻي اڳيان نڪري آئي.

سنڌي ڪھاڻي پڻ قديم آھي ۽ شايد ھتان جي ماڻھن جي مزاج وٽان آھي، جو اڪثر ڪلاسيڪي شاعري پڻ ڪن رومانوي داستانن، قصن ۽ ڪھاڻين تي مبني آھي. شاھہ سائينءَ جو رسالو ان جو مثال آھي. سنڌي ۾ اھڙا اوائلي قصا، داستان ۽ ڪٿائون، پڙن، پانن ۽ مڱڻھارن جي واتان لوڪن تائين پھچندا رھيا. اھي جاجڪ ۽ مڱتا اڪثر درٻارن توڙي عام محفلن ۾ پنھنجي فن سان اھڙن قصن کي ڪمال جي ڪاريگريءَ سان پيش ڪندا ھئا. سنڌي لوڪ ادب جو ضخيم ھجڻ ان جو ثبوت آھي.

ارتقا جي اصولن پٽاندڙ شيون بنياد کان اوچائيءَ ڏي سفر ڪنديون آھن، پر ڪٿي ڪٿي ائين نہ بہ آھي، جيئن سنڌي شاعريءَ ۾ باوجود وسيلا نہ

هئڻ جي ڪلهوڙا دؤر جو شاهه لطيف اڄ به پنهنجي شاعراڻي معراج تي جلوا افروز آهي، هن وقت تائين شاهه سائين جي مقابلي يا برابريءَ جو به ڪو فڪر سنڌي شاعري ۾ اچي نه سگهيو آهي/ تسليم نه ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح سنڌي لوڪ ادب جيڪو ماضي ۾ هڪ درياءَ وانگي موجزن هيو، اڄ اهي سگهڙ، شاعر، فنڪار ڇهين ٻارهين مهيني ڪنهن ٽي وي يا سرڪاري پروگرام ۾ نظر ايندا آهن. سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي کان اڳ توڙي جو پنهنجون شروعاتي وکون کڻي رهي هئي پر شعور ۽ مقصد سان ٽمٽار هئي، ورهاڱي کان پوءِ وري ڪجهه سالن لاءِ جمود جو شڪار بڻجي ماٺي ٿي وئي، وري شايد سماجي حالتن ان جمود کي ٽوڙي تحرڪ پيدا ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪهاڻي عروج جون منزلون طئي ڪيون ۽ اڄ سوڌو اهڙو سفر جاري آهي.

اڄ جي جديد ڪهاڻي تعداد جي لحاظ کان ته ڀاڻ ڀري ٿي وئي آهي پر معيار جي لحاظ کان ان ۾ شديد سڌارن جي گنجائش موجود آهي. ڇو ته سنڌي ڪهاڻي کي ان ڏيڻ مان اگر هن وقت نه ڪڍيو ويو ته سياڻي شايد حالتون اجا به ان جي ابتڙ هجن. اڄ جو لکندڙ فني توڙي فڪري لحاظ کان ڪهاڻي جي فارميٽس کان پري آهي، نئين جديد مختصر ترين ڪهاڻي “مائڪرو ڪهاڻي” جي نالي تي لکي ويندڙ اڪثر ڪهاڻين ۾ ۽ نثراڻي نظم ۾ ڪوبه فرق نظر نٿو اچي.

بهرحال اچون ٿا پنهنجي جائزي ڏانهن سال 2000ع کان 2014ع تائين هڪ سوَ کان وڌيڪ سنڌي ڪهاڻيڪارن جا پنهي ٽيبلن جي حساب سان 219 کان وڌيڪ ڪهاڻي ڪتاب ڇپريون پيروشايع ٿيا، جيڪو هڪ وڏو تعداد آهي. سراسري لحاظ کان هر مهيني هڪ ڪتاب شايع ٿيو ۽ هر سال 14 ڪتاب شايع ٿيا. ان عرصي دؤران 2005ع ۾ ڇويهه ڪتاب شايع ٿيا ۽ اهو سال ان عرصي ۾ وڌ ۾ وڌ ڪتاب شايع ٿيڻ وارو سال آهي. ان عرصي دؤران ٻن ڪهاڻيڪارن جا نوَ نوَ ڪهاڻي ڪتاب شايع ٿيا، اهي آهن: امر جليل ۽ سليم چنا. باقي جنهن اداري وڌ کان وڌ ڪهاڻي ڪتاب شايع ڪيا اهو ڪنول پبليڪيشن قنبر آهي. جنهن جي شايع ڪيل ڪهاڻي ڪتابن جو تعداد ويهن تائين آهي.

سال 2000ع ۾ ڏهه ڪتاب شايع ٿيا، ڪاوش پبليڪشين وارن سيد زوار نقوي تي اهو ذمو رکيو ته هو ڏهاڪن کان خاموش ويٺل سنڌي ڪهاڻيڪارن کان ٻيهر ڪهاڻيون لکرائي ۽ گڏي ڇپائي، سيد صاحب سنڌ جي ناليوارن ڪهاڻيڪارن ۽ ڪهاڻيڪارائن کان نيون پراڻيون اڻ ڇپيل ڪهاڻيون هٿ ڪندي ڪتاب "ڪهاڻي" شايع ڪرايو، جنهن ۾ امر جليل، نورالهديٰ شاهه، حميد سنڌي، غلام نبي مغل، طارق عالم ابڙو، حليم بروهي، امداد حسيني ۽ ٻيا شامل آهن. هن ڪتاب جو مهاڳ عبدالقادر جوڻيجي لکيو، هن مجموعي ۾ امر جليل جي "غفا" قمر شهباز جي "راڄيءَ جو روح" ۽ حليم بروهيءَ جي "باهه" ڪهاڻيون پڙهڻ وٽان آهن. هن ئي سال سچل ادبي مرڪز لاڙڪاڻي پاران ڊاڪٽر بشير احمد شاد جي سهيڙ ۾ لاڙڪاڻي جي چونڊ ڪهاڻيڪارن جون چونڊ ڪهاڻيون "جيون پيڙا پيار" جي نالي سان ڇپرايون ويون، جنهن ۾ ٽن ٽهين جي نون توڙي پراڻن جن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون، تن ۾ جمال ابڙو، اياز قادري، سوڀو گيانچنداڻي، انيس انصاري، اخلاق انصاري، زيب سنڌي، ايوب گاد، ادا قاضي، منظور ڪوهيار ۽ ٻيا شامل آهن. هي ڪتاب، جتي سنڌي چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو آهي اتي لاڙڪاڻي جي ڪهاڻيڪارن جو گڏيل تعارف پڻ آهي. ظفر لغاريءَ جو ڪتاب "پونءِ مان نڪتل ماڻهو" سنڌي ڪهاڻي ۾ هڪ اضافو آهي. اختر رند جو هن ڪتاب "ڪنوارا چپ" کان پهرين هڪ ڪتاب "ڪال گرل" ڇپجي چڪو آهي، هي سندس ٻيو ڪتاب آهي، اختر رند جي ڪهاڻي ڊرامي جي اثر هيٺ آهي، تقريبن هر ڪهاڻي ڊرامائي انداز ۾ شروع ٿي ۽ ختم ٿئي ٿي. اختر رند لاءِ علي بابا چوي ٿو ته اختر شاعر مان ڪهاڻيڪار بڻيو آهي، اختر رند اها دعويٰ ڪري ٿو، "مون ڪڏهن ٻي ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار جي پيرن مٿان پير رکي هلڻ ناهي سکيو، مون وٽ جيڪو ڪجهه آهي، پنهنجو آهي." هن سال مظهر ابڙي، رجب آزاد سولنگي، لکمي ڪلاڻي، ڪشن بجاج ۽ غلام رسول ڪلهوڙي جا ڪتاب پڻ شايع ٿيا.

سال 2001ع ۾ پڻ ڏهه ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ زيب سنڌيءَ جو "ڏنڊ ۾ گم ٿيل منظر"، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جو "يادون ۽ سڪون" رزاق سهتي جو

"اڌ وهي"، انور ابڙي جو "خودڪشيءَ جو رومانس" ۽ طارق خشڪ جو "مرڪ واري ڇوڪري" سرفهرست آهن. زيب سنڌي، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نهايت پختو نالو آهي، زيب جي ڪهاڻي سماجي توڙي گهريلو مسئلن جي منجهيل سُٽ بابت آهي، تڏهن پڻ ان وٽ موضوع توڙي پيشڪش جي کوٽ ناهي. محبت پرڙي جي مرڻ ڪان پوءِ ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي هر سال ان جي ورسيءَ تي ڪونہ ڪو ڪتاب شايع ڪري ٿي، هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر جي لکيل ڪهاڻيون شايع ڪيون ويون آهن، جن ۾ سماجي روين توڙي مزاح کي ڊاڪٽر صاحب خوبصورت انداز سان پيش ڪيو آهي. "مرڪ واري ڇوڪري" شهدادڪوٽ سان تعلق رکندڙ نوجوان ڪهاڻيڪار طارق خشڪ جي ڪهاڻين جو مجوعو آهي، طارق تي امر جليل جو نمايان اثر آهي، طارق جي ڪهاڻين ۾ پڻ مزاح جون ڇهنبڙيون دلچسپ آهن. اختر رند جو ٽيون ڪهاڻي ڪتاب "رات جي راڻي" شايع ٿيو، جنهن ۾ پڻ ڊرامائي انداز آهي، رات جي راڻي ۽ پيون ڪهاڻيون مٿئين طبقي جي عياشين ۽ رات جي رنگينين بابت آهن. اختر رند جيڪو پنهنجي ڪهاڻيءَ جي موضوع کي سنڌ جو محور ڪوني ٿو، پنهنجي اسلوب کي اصلوڪو ۽ منفرد ڪوني ٿو، پر سندس ڪهاڻيءَ جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪرڻ تي خبر پوي ٿي تہ سندس اسلوب اثر ورتل، اڪثر ڪردار چوڌري ۽ وڏيري ٽائيپ جاگيردار آهن.

سال 2002ع ۾ ٻارنهن ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ غلام نبي گل جو "دعا جا پير"، روشن علي تنيي جو "منڇر ٻڏي ويو" راجن مگريي جو "روين جو ڇهرو"، ڪاوش گروپ جو "ڪهاڻي" ٽيون حصو، سنڌي ادبي سنگت جو "ڪهاڻيون" ۽ حميد سنڌيءَ جو "درد ونديءَ جو ديس" سرفهرست آهن. راجن مگريي جا موضوع بک، بيروزگاري، گهٽ اجرت ۽ معاشي بدحالي شامل آهن. "دعا جا پير" قمبر ۽ لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ بزرگ شاعر ۽ اديب غلام نبي گل جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جملي مان ڪهاڻي جوڙڻ جو فن غلام نبي گل ڄاڻي ٿو. غلام نبي گل جون اڪثر ڪهاڻيون سندس ڳوٺ گهتهڙ ۾ پيش آيل سچن واقعن يا حالتن تي مبني آهن. ڪتاب جو مهاڳ ناليواري ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانگار منظور ڪوهيار لکيو آهي، غلام نبي گل جي ڪهاڻي

عام انداز ۾ سليس ڳوناڻي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهي. مجموعي جي پهرين ڪهاڻي "سڃاڻپ" آهي جيڪا خط واري انداز ۾ ٻي جوڙ شاديءَ جي موضوع تي لکيل آهي. منظور ڪوهيار سندس ڪهاڻيءَ لاءِ لکي ٿو تہ هن جون ڪافي ڪهاڻيون سماجي حقيقت پسندي ۽ نفسياتي حقيقتن تي ٻڌل آهن. ڪهاڻي جي سهيڙ جا بہ مجموعا ڪاوش گروپ پاران سيد زوار نقوي ۽ سنڌي ادبي سنگت پاران ادل سومري ترتيب ڏنا، جن ۾ نون توڙي پراڻن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون پيش ڪيون ويون.

سال 2003ع ۾ ڏهہ ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ اخلاق انصاريءَ جو "مان ڪائنات آهيان" ڊاڪٽر فهميدهہ حسين جو "هڪ حوا ڪئين ڪهاڻيون"، ابراهيم ڪرل جو "درياءَ جي هن پار" ڪلاڌر متوا جو "لوڻ جو قرض" ساجدهہ جبين جو "جذبن جهوريو جيءُ" ۽ مشتاق شوري جو "ٽتل، ڊنل، ڊهندڙ پاڇولا" سرفهرست آهن. اخلاق انصاريءَ جو هي ڪتاب جيڪو ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران ڇپرايو ويو آهي، ان ۾سريئلزم جي تحريڪي فڪر تي ڪهاڻيون لکيل آهن، انهن مان ڪجهہ آڪهاڻي جي فارم ۾ پڻ لکيل آهن. اخلاق انصاري جي ان ڪتاب جي باري ۾ تاج بلوچ پنهنجي ڪتاب "جديد ادب جو تجزيو ۾ لکي ٿو تہ، "توهان جڏهن اخلاق انصاري جي افساني "مان ڪائنات آهيان" جو تجزيو ڪيو تہ اخلاق جي انهيءَ جهرڪيءَ وٽ وڃو تہ جهرڪي جنهن پسمنظر ۾ موجود آهي، انهي Perspective ۾وڃي، انهيءَ جو ڪلچر ڏسو، اتان جي ماڻهن جو Behaviourism ڏسو." ڊاڪٽر فهميدهہ حسين عورتن جي موضوع تي لکيل پنهنجين پراڻين ڪهاڻين کي سهيڙي ڪتابي شڪل ڏني آهي. مشتاق شورو پنهنجي نرالي اسلوب جي ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ تڪڙي جاءِ ناهي ورتي آهي، پر اسلوب جو اهو تجربو اڳتي هلي خارج ڪيو ويو.

سال 2004ع ۾ نوَ ڪهاڻي ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾غلام نبي گل جو "مان ڪير آهيان"، منور سراج جو "رنگن وڪرڻ ڪان پوءِ"، رئوف عباسيءَ جو "ٻي ساهو خواب"، منظور جوکيي جو " خيال، خوشبو ۽ ستارا"، مشتاق ٻرڙيءَ جو "سفر" ۽ تاجل بيوس جو "جهڄان پسي جهوڪ" سرفهرست آهن. منور سراج پختو ليکڪ آهي، ان جي ڪهاڻين ۾ فني پختگي بہ آهي تہ ڏانءُ بہ. سندس

ڪهاڻيون ”گرگلي“ ۽ ”اوپرو“ پڙهڻ وٽان آهن. سندس مجموعي جو مهاڳ طارق عالم ابڙي لکيو آهي. طارق جي منور جي باري ۾ راءِ آهي تہ، ”جيڪڏهن اوهان واقعي سٺا پڙهندڙ آهيو تہ منور سراج جي ڪهاڻين کي خاموش لمحن ۽ سانتيڪي ماحول ۾ ويهي پوري ڌيان گيان سان پڙهي ڏسو ۽ پڙهي ختم ڪرڻ بعد هن نوجوان ڪهاڻيڪار جي شهر ڏانهن منهن ڪري پيار پري فلائنگ ڪس جو ست رنگو پوپٽ اڏائي ڇڏجو.“ منظور جوکيي جي ڪتاب ۾ 65 صفحن تائين پين ليڪڪن جا رايا آهن، پوءِ سندس ڪهاڻيون ۽ آخر ۾ ڊائريءَ جا ورق. ڪنهن ڪهاڻي ڪتاب ۾ ايترن صفحن تائين رايا ڇپرائڻ جو شايد هي نئون انداز آهي. منظور جوکيي جي ڪهاڻي ڪتاب ۾ امداد حسيني، عبدالقادر جوڻيجو، محمود مغل، ضراب حيدر ۽ منور سراج جا رايا شامل آهن، سندس ڪهاڻيون پڙهڻ وٽان آهن. تاجل بيوس جو ڪتاب علامتي ڪهاڻين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ علامتي رنگ ۾ رومال ۾ ويڙهي ڪردار توڙي واقعا بيان ڪيا ويا آهن. علامتي ڪهاڻيون ڪردارن يا واقعن کي هوبهو ڪجهہ پين ڪردارن يا واقعن سان پيش ڪرڻ کي سڏبو آهي، اهي ڪهاڻيون اهڙي دؤر ۾ لکيون وينديون آهن، جڏهن سڌيءَ طرح سچ چئي، لکي يا ٻڌائي ناهي سگهبو. مشتاق پرڳڙي پنهنجي ڪهاڻي ڪتاب جي پنهنجي پاران ۾ ڪهاڻيءَ بابت پڻ ڳالهايو آهي، هن وٽ ڪهاڻي لکڻ ۽ راند ڪيڏڻ برابر آهن. ڪهاڻي بابت سندس هي سٽون دلچسپيءَ کان خالي ناهن: ” ڪهاڻي ڪا اک جي ماڪي ناهي جو لاهي ونجي، ڪهاڻي ماني بہ ناهي جو بس ڪائي ڇڏجي ۽ نہ ئي ڪهاڻي ڪو راز آهي جو ٻڌائي ڇڏجي.“

سال 2005ع ۾ هن عرصي جا وڏ کان وڏ ڇويهہ ڪهاڻي ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ ريٽا شاهاڻي جو ”رشتن جو رقص“، عزيز ڪنگراڻي جو ”روڳ“، پرويز جو ”وچايل مرڪ“، منٺل چانڊيي جو ”منزل کان اورتي“، عباس ڪوريجي جو ”چنڊ پيرن هيٺ“، انور ڪليم جو ”32“، احسان دانش جو ”بي سکون خواب جو سچ“، صديق منگيي جو ”پکين جو وطن“ جمن احمداڻيءَ جو ”اداس موسمن جو شهر“، رسول بخش درس جو ”ساٽ جي موسم“ ۽ عباس سارنگ جو ”پکي اڏاڻا پيار جا“ سرفهرست آهن. عزيز ڪنگراڻي جي ڪتاب جو مهاڳ

عبدالقادر جوڻيجي لکيو آهي جڏهن تہ "عزيز - هڪ طويل ڪهاڻي" جي عنوان هيٺ استاد بخاري ويچار ونڊيا آهن. عزيز جي ڪهاڻي "مان آدم آهيان" ورهاڱي جي پيڙا ورتل نرمل جيڪو پنهنجي ڪٽنب سميت پنهنجي ڌرتي ڇڏي وڃي رهيو آهي ۽ ٽرين جي دريءَ مان وطن جا نظارا ڏسندي سندس دل روئي رهي آهي، ديس ڇڏڻ تي دل نٿي مڃيس پر حالتن کان مجبور آهي. ڪراچي پهچڻ بعد سندس ويجهو دوست محمد علي اچي وڃي ٿو ۽ وڃڻ کان روڪي ٿو ونيس. دل کي جهوريندڙ ڪهاڻي آهي. عزيز جون ڪهاڻيون فني ۽ فڪري گهرائي رکن ٿيون. انور ڪليم اردو ۾ لکي رهيو هو ۽ هاڻي سنڌي ڪهاڻي ڏانهن سندس پهرين وک "32" جي نالي سان شايع ٿي آهي، انور ڪليم ننيڙي فارميٽ ۾ مائڪرو ڪهاڻي پڻ لکي آهي. عباس ڪوريجي جي ڪتاب "چنڊ پيرن هيٺ" جو مهاڳ طارق قريشي ۽ ٻہ اکر الطاف شيخ لکيا آهن، عباسي ڪوريجي جون سائنس فڪشن تي مبني مستقبليہ ڪهاڻيون "چنڊ پيرن هيٺ" ۽ "خلا جو سفر" پڻ هن مجموعي ۾ شامل آهن. صديق منگيي جو ڪتاب "پکين جو وطن" جتي ڇتي تنقيد جي بار هيٺ آيو اتي سندس ٻوليءَ ۽ ڪردارنگاريءَ جي پڻ تعريف ڪئي وئي. صديق جو اسلوب نرالو آهي. لاڙڪاڻي جي ادبي گهراڻي سان تعلق رکندڙ احسان دانش جي ڪهاڻين جو ڪتاب سچل ادبي مرڪز جي پليٽ فارم تان شايع ٿيو، احسان دانش سٺو شاعر، ڪهاڻيڪار، محقق ۽ استاد آهي، لاڙڪاڻي جي شهري سماج ۾ پالنا ورتل احسان دانش لاءِ سندس دوست فياض لطيف مهاڳ ۾ سندس ڪهاڻين "رانديڪو" ۽ "دوزخ" ۾ ٻهراڙيءَ جي ٻولي ۽ حالتن کي چٽڻ تي سارا هيو آهي، ڪتاب جي پس لفظ ۾ محمد هاشم حامي پڻ سندس ڪهاڻي رانديڪو ۾ موجود ٻهراڙيءَ جي ماحول ۽ ٻوليءَ جي تعريف ڪئي آهي. رانديڪو ڪهاڻي هڪ اهڙي پوڙهي ڄواري ۽ هڪ سڪي لڏي ڏيءَ ٻاڳ ٻيري جي ڪردارن جي چوڌاري ڦري ٿي. سڪي لڏي جيڪا حسن ۾ تہ پري آهي پر مجبورين هٿان وڪامجي ان پوڙهي ڄواري نواز وٽ پرڻجي ٿي اچي. ڪهاڻي ۾ ٻوليءَ توڙي مشاهدي جون غلطيون ۽ لفظن جو غلط استعمال نظر اچي ٿو، جنهن مان رڳو هي شروعاتي جملو پيش ڪجي ٿو: "پنگين جي صورت ۾ ڇڙوڇڙ گهر، گهرن جي

ٻاهران اڪثر ڪنڊن ۾ سڪل وڻن جي ٽارين جو لوڙهو ڏنل.“ ٻُونگين ڪي پنگين لکيو ويو آهي، جڏهن تہ ڊنگهرن جي لاءِ ڪنڊن ۾ سڪل وڻ جون ٽاريون لکيو اٿس، هتي هڪ سوال اهو پڻ اڀري ٿو تہ سڪل وڻ جي ٽاري هجڻ گهرجي يا وڻ جي سڪل ٽاري، ڇو تہ اڪثر ڪري ٻير ۽ ڪنڊيءَ جي وڻن مان لامون ۽ ٽاريون چانگهي لوڙهي طور ڪتب آنديون وينديون آهن. ڳوٺ ۾ قحط هجڻ ۽ وڏيري پاران مدد نہ ڪرڻ سببان ٻاگهيريءَ جا والدين ڪيس جُواريءَ کي پنجاهہ هزار ۾ وڪڻي ٿا ڇڏين، جڏهن ڳوٺ ۾ قحط آهي تہ جُواريءَ وٽ پنجاهہ هزار ڪيئن هئا؟ ان ڳوٺ ۾ ڪنهن سان جُوا کيڏي ڪتيا؟ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ جُوارين جا کيسا ۽ گهر اڪثر خالي هوندا آهن.

سال 2006ع ۾ ڪل ٻارنهن ڪتاب ڇپيا، تن ۾ راشد مورائيءَ جو ”پاڻي تي پهرو“، فتاح ابڙي جو ”وڇوڙي جي پن ڇڻ ۾“، صديق منگيي جو ”وجود جا عذاب“، سعيد سومري جو قمبر جي ڪهاڻيڪارن تي سهيڙيل ڪتاب ”ڪيرٿر تان اڏار“، حسن علي هڪڙي مرحوم جو ”تحفو“ منظور جوکيي جو ”آئيندو“ ناڪر چاولا جو ”سنڌي ڪهاڻيون“، جيتو لالواڻي جو ”ردي“ ۽ وفا اسلم شيخ جو ”جيون تنهنجي نانءِ“ سرفهرست آهن. راشد مورائيءَ جي ڪتاب تائين رسائي ناهي ٿي سگهي، ان ڪري ڪابہ راءِ نٿي رکجي، فتاح ابڙو سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ هڪ خوبصورت اضافو آهي، فتاح ابڙي جي ڪهاڻين ۾ ڳوناڻين مدي خارج رسمن، عام ماڻهن جي اُبوجهائپ ۽ سادگي توڙي ماڻهن جي اندر جي الڳ الڳ ڪيفتين جو ذڪر آهي. صديق منگيي جو هي ڪتاب پڻ فني خوبين سان گڏ ڪهاڻي جي مزاج جو پورائو پڻ آهي. سعيد سومري پاران سهيڙيل قمبر جي ڏهن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻين ۽ تعارف تي مشتمل ڪتاب ”ڪيرٿر تان اڏار“ ڪهاڻي ڪيتر ۾ دلچسپ اضافو آهي، هن ڪتاب ۾ سهيڙيندڙ قمبر جي ڪهاڻيڪارن جي تاريخ ۽ ادب ۾ حصي تي مختصر روشني وجهندي نئين اڏار پيش ڪئي آهي. هن مجموعي ۾ رياضت ٻرڙي، عزيز قاسماڻي، سيف الحق سيف، نور الحق نور، عباس ڪوريجي، بشير آچي، نور ڪوسي، سعيد سومري، دين محمد ڪلهوڙي ۽ شبير لاکي جون ڪهاڻيون شامل آهن. حسن علي هڪڙي مرحوم جي ڪهاڻين جو ڪتاب تحفو پڻ ڪهاڻي

ڪيتر ۾ اضافو ٿيو جيڪو سندس هن فاني جڳ مان گذاري وڃڻ کان پوءِ سهيڙي ڇپايو ويو. حسن علي هڪڙي جي ڪهاڻي ۾ عوامي رنگ شامل آهي. وفا اسلم شيخ جي ڪتاب تي ادبي حلقن ۾ تنقيد ٿي ته اهو امرتا پريتم جي اردو لکڻين تان ڪاپي ٿيل آهي جنهن حوالي سان اڃا تائين ڪا به وضاحت ناهي ڪئي وئي.

سال 2007ع ۾ چوڏنهن ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ نسيم کرل جي ڪليات "نيسم کرل جون ڪهاڻيون"، ماڻڪ ڪنگراڻي جو "ردي پنا"، پرويز جا ٻه ڪتاب "ماجر جي حور" ۽ "منهنجو پاڻي بند نه ڪجانءِ"، يوسف سنڌيءَ جي سهيڙ "پوپٽ جهڙو پيار"، سعيد سومري جي سهيڙ "ڪيرٽر تي صبح"، عزيز قاسماڻي جو "ڪجهه به نه"، تهمينه مفتي جو "ڪتا اپ ڪتا"، منظور ڪوهيار جو "فراق جي منزل"، اڪبر سومري جو "بوتيڪ کان بيڊروم تائين"، پير عبيد راشديءَ جو "ٻالهيون ڪندي ڪاڪ جون"، حميد سنڌيءَ جو "سو مون سپ ڇمار" ۽ نسيم پارس گاد جو " ڪولاج ٿيل شخص جو پورٽريٽ" سرفهرست آهن. نسيم کرل جو ڪليات آهي، ان جو جائزو ان لاءِ نٿو وٺجي جو ان جي هڪ هڪ ڪهاڻي تي گهڻو ٻالهايو ۽ لکيو ويو آهي. ماڻڪ جي ڪتاب جو مهاڳ طارق قريشيءَ لکيو آهي جڏهن ته ٻه اکر عزيز ڪنگراڻي لکيا اٿس. عزيز ڪنگراڻي ماڻڪ تي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته کيس محنت جي سخت ضرورت آهي. ماڻڪ ڪنگراڻي ڪهاڻيءَ کي اربنائيز ڪرڻ جي چڪر ۾ رڳو ماحول اربنائيز ڪيو آهي، جنهن جو مثال سندس پهرين ڪهاڻي "نامراد" آهي، اليٽ Elite ڪلاس جي هڪ ڇوڪري جيڪا پيار جي دولاپ ۾ اچي چار ڏينهن پهرين گهران نڪري وڃي ٿي ۽ چوٿين ڏينهن ماءُ جي موت جي خبر ٿي وڃيءَ تي ڏسي ٽيڪسي ۾ واپس گهر اچي ٿي. سندس پيءُ جنهن وٽ محل نما بنگلو آهي، شهرت ايتري جو زال جي طبعي/اتفاقي موت جي خبر ٿي وڃيءَ تي نشر ٿئي ٿي، پر ان جي ذهنيت ڪنهن ٻوٺ ۾ ويٺل وڏيري جهڙي آهي. ڇوڪري ايتري ميچوئر آهي جو عالماڻا ڊائلاگ ٿي ٻالهائي: "ابو! اقرار ۽ اعتراف جو در بند ڪرڻ جي معنيٰ ڌرتي جو گولي کي بند گهٽيءَ ۾ تبديل ڪرڻ هوندو." اگر ايتري ئي ميچوئر هئي ته گهران ڀڄي نڪرڻ جو ڪو واضح جواز پيش

ڪجي ها ۽ پي ڳالهه فوتگي ٿي وڃڻ ۽ خبر تي ويءَ تي اچڻ بعد پي گهر ۾ انهن چئن ڪردارن کان علاوهه ڪوبه ناهي، ڇوڪري تي وي تي خبر ٻڌي پهچي ٿي وڃي پر سندس پيءُ جو ويجهو دوست انڪل مراد پوءِ ٿو پهچي. تهمينه مفتي ڪهاڻيڪارهه طور پنهنجو نالو لڪرايو آهي، شايد اهو سندس ڪهاڻيءَ تي تحقيق ڪرڻ جو ثمر آهي يا شايد ڪجهه پيو، خير! سندس تحقيق وڏيڪ جاندار آهي، هي سندس پهريون ڪهاڻي ڪتاب آهي. تهمينه جي ڪهاڻين بابت جامي چانڊيي لکيو آهي ته سندس ڪهاڻين ۾ سماجياتي ۽ احساساتي موضوع گڏ هلن ٿا. حميد سنڌي سنڌيءَ ڪهاڻيءَ کي ڪيترائي ڪتاب ارپيا آهن، حميد سنڌيءَ جي لکڻ جو انداز نرالو ۽ اسلوب منفرد آهي. حميد سنڌي جي ڪهاڻي رواجي طوالت رکڻ باوجود پنهنجي اندر موجود دلچسپي برقرار رکيو اچي ٿي، سندس ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾ شروعاتي 74 صفحن تائين پين اديبن پاران ڏنل رايا رکيا ويا آهن ۽ فقط شروعاتي ٻه ڪهاڻيون "لڳي لڳي واءُ" ۽ "سو مون سڀ ڇمار" 52 صفحن تي مشتمل آهن. لڳي لڳي واءُ ڪهاڻيءَ اندر شاگرد توڙي قمپرست سياست جو هڪ اهڙو پهلو پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪري اهي تحريڪون اڄ تائين ڪامياب نه ٿي سگهيون آهن. منظور ڪوهيار صوفي ڪهاڻين جو ڪتاب پيش ڪيو، جنهن ۾ صوفي ڪهاڻيون لکيون اٿس، اعتراض واريو ويو ته ڪهاڻيون وري ڪيئن صوفي ٿيون، جواب هو جيئن شاعري صوفي آهي. هن ڪتاب ۾ مقبول صوفي قصن، ڪهاڻين کي فڪشن جي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي ڪوهيار. ان قسم جي ڪهاڻين کي Reconstructed Biography سڏي سگهجي ٿو. عزيز قاسماڻي جو ڪتاب مائڪرو ڪهاڻي يعني فليش فڪشن تي مبني آهي، جنهن ۾ ننڍڙيون ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. عزيز جي لکڻ جو انداز تڪراري رهيو آهي، ان جي ڪهاڻين تي شروع کان وٺي اعتراض ٿيندا رهيا آهن ته اهي ڪهاڻيون ناهن. عزيز مهاڳ ۾ لکي ٿو ته "ڪهاڻين لکڻ جي ڪري زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه سَنو آهي." سنڌي ادب ۾ مڪمل فليش فڪشن تي شايد پهريون ڪتاب عزيز قاسماڻيءَ جو آهي توڙي جو سندس ڪجهه ڪهاڻيون ان اصول تي پوريون نٿيون لهن. پرويز لاڙ جو متيءَ جو عشق ڪٽي ڪهاڻي ڪيتر ۾

آيو ۽ پنج ڪتاب ڏئي ڇڏيائين، سندس ڪتاب "منھنجو پاڻي بند نہ ڪجانءِ" ۾ پنھنجي پاران ڪان پوءِ سندس جيون جھلڪيون ڏنل آهن، ان ڪان پوءِ پھرين ڪھاڻي "ڪارا ڪڪر، اجرو آڪاس" ڇڙ تہ سندس جيون جھلڪين جو تسلسل پئي لڳي. ڪھاڻي ڪي هرو‌ڀرو اينگھائي فقط صفحا پورا ڪيل ڏسجن ٿا، پرويز جو اندازِ بيان ناويلا وارو آهي.

سال 2008ع ۾ بہ يارنھن ڪتاب ڇپيا، جن ۾ قاضي خادم جو "متيءَ ۾ ملاوٽ"، منور سراج جو"خوابن جي سرحد"، امر جليل جو "جيجل منھنجي ماءُ"، اياز قادريءَ جو "ڪھاڻي هر دؤر جي"، مدد علي سنڌيءَ جو ڪليات "دل اندر درياھ"، هيرو شيوڪاڻيءَ جو "ڪارڻ جي تلاش"، "شيام جئسنگھاڻيءَ جون ڪھاڻيون" ۽ پرويز جو "دل جي دري" سرفھرست آهن. قاضي خادم جو ڪتاب ڪويتا پبليڪيشن ڇپايو، جنھن ۾ سندس 25 ڪھاڻيون شامل آهن. قاضي خادم جي ڪھاڻي فني لحاظ ڪان مضبوط آهي ۽ ان ۾ ورستلتي پڻ موجود آهي. "شالو ڇريو"، "هائيڊ پارڪ ۾ پوڙا" ۽ "مريم پناھگير" ان جو مثال آهن. امر جليل جي پراڻين ڪھاڻين ڪي ڪاڇو پبليڪيشن وارن سهيڙي ڇپرايو، هي امر جليل جو وڏي عرصي ڪان پوءِ ڪو نئون ڪتاب آهي، جيڪو پھريون ڀيرو ڇپيو. پرويز مسلسل لکي رهيو آهي ۽ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي رهيو آهي. اياز قادري جون ڪھاڻيون گڏي ڇپايون ويون.

سال2009ع يارنھن ڪتاب ڇپيا، جن ۾ امر جليل جو "اندرا"، "سرد لاش جو سفر" ۽ "چنڊ وسامي ويو"، رسول ميمڻ جو "فونو"، عباس سانگ جو "مقدس متي"، منظور ڪوهيار جو"سچا ڪوڙا رشتا"، شوڪت حسين شوري جو "رات جو رنگ" سرفھرست آهن. هن سال امر جليل جا ٽي ڪتاب مارڪيٽ ٿيا، جيڪي امرجليل جي پڙهندڙن جي هڪ وڏي حلقي هجڻ ۽ مقبوليت جي ڪري جلد ئي وڪامي ويا توڙي جو اهي امر جليل جون پراڻيون ڪھاڻيون، ڪالم ڪھاڻيون ۽ ڪالم هئا. شوڪت حسين شورو سنڌي ڪھاڻيءَ جي سينيئر ترين نالن منجھان هڪ آهي، گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن ڪان شوڪت سنڌي ڪھاڻيءَ جي افق تي روشن رهيو آهي. شوڪت جي ڪھاڻي ۾ اندر جر پيڙا، سماجي انيائن توڙي ڳتيل رشتن جي رسمي پورائي تي ٺٺول شامل آهي.

رسول ميمڻ انتهائي لائق ڪهاڻيڪار آهي، ان جي ڪهاڻين ۾ ورائٽي هوندي آهي، هي ڪتاب سوجهرو پبليڪيشن وارن ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ورهاڱي جي درد تي مبني آهي، جنهن ۾ هڪ ليکڪ موهن لالواڻي آهي، جنهن جي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر ۾ هڪ شاندار لائبريري آهي، جتي هو مطالعو ڪندو رهي ٿو ۽ لکندو رهي ٿو، حالات خراب ٿيڻ ڪري موهن کي ملڪ ڇڏڻو ٿو پوي، پوپيان حڪومت پاران اهو گهر هڪڙي موالي انيس حوالي ڪيو ويو، جنهن اهڙي عاليشان گهر کي ڪباڙخانو بڻائي ڇڏيو، جتي جي شيشن سان سينگاريل لائبريريءَ ۾ ڪوئا ڦوڳڙيون لاهيندا وتن ٿا. هن سال منظور ڪوهيار جو ڪتاب سچا ڪوڙا رشتا پڻ مقبول رهيو، ڪوهيار پنهنجي ڊڪشن اندر ڪهاڻي کي اهڙو پختو رکي ٿو جو ڪهاڻي پنهنجي محور کان ٻاهر اصلي نٿي نڪري. منظور ڪوهيار سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترائي بنياد رکيا آهن، جن ۾ صوفي ڪهاڻيون ۽ فليش فڪشن اندر ڪيل تجربا شامل آهن. عباس سارنگ جو ڪتاب مقدس متي فليش فڪشن تي مبني ڪهاڻين جو مجموعو آهي. ٽائيٽل ڪهاڻي ورهاڱي جي جهلڪ رکندڙ آهي، جنهن ۾ ٻه مختلف ڌرم رکندڙ دوست ڏار ٿين ٿا، ۽ ملڪ ڇڏي ويل دوست ڪيس خط لکي مقدس متي موڪلڻ لاءِ چوي ٿو، پر هتي رهندڙ سندس آدرشي دوست اهو سمجهي ٿو ته هتان جي متي ٻاهرين جي اچڻ ڪري گدلي ٿي وئي آهي، جيستائين آزاديءَ جو سج نه اڀرندو متي مقدس نه بڻبي.

سال 2010ع ۾ سترنهن ڪتاب ڇپيا، جن ۾ زيب سنڌيءَ جو "حيدرآباد 47 ڪلوميٽر"، ممتاز مهر جو "جڏهن مان چوهٽ جو هوندس"، سيف الحق سيف جو "اڌوهي ڪاڏل وجود"، هوش پيٽيءَ جو "انگن جي راند"، عزيز قاسماڻيءَ جو "مان اوهان مان ناهيان"، يبوس محرم مغيريءَ جو "زندگيءَ جي ٻي تصوير"، امر جليل جو "ادب ۽ سياست" پاويل جوڻيجي جو "ڏينهن ڏٺي جا سپنا" ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي پراڻين ڪهاڻين جو مجموعو "ڪڏهن بهار ايندو" سرفهرست آهن. سوڀي جي ڪهاڻي ڪڏهن بهار ايندو جنسي مت ڀيد ۽ معاشري ۾ عورت جي حيثيت متعلق آهي، جنهن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ ادبي محفل ۾ ڪنهن ڪهاڻي تي تنقيد ڪرڻ وقت اديبن ڪيئن نه الڳ

الڳ را ايا ڏنا ۽ عورت کي پنھنجي پنھنجي انداز سان پيش ڪيو، ڪھاڻيءَ جو هڪ ٽڪرو اوهان سان ونڊ ڪجي ٿو: “محبوب چيو: پيلي پڌ ايو تہ سهي، عورت هڪ دفعو ڪنھن سان محبت ڪري تہ هوءَ ڇو جُوتي يا باسِي سمجهي وڃي ٿي. مرد سڄي عمر عيش ڪري تہ بہ نت نئون ۽ ڪنوارو ڇو سمجهيو وڃي؟ جيتوڻيڪ محبت ڪرڻ سان نہ عورت گَسي ٿي وڃي ۽ نہ مرد — بشرطيڪ حد کان مٿي چڙهي نہ وڃن. آءٌ تہ فري لو (آزاد محبت) جو قائل آهيان....... پر ...... پر منهنجي محب ڏي ميريءَ نظر سان نہ نھارجو، ڇو تہ پرايون نظرون بہ عورت کي ناپاڪ ڪري ڇڏين ٿيون!” سيف الحق سيف انتهائي حساس ڪھاڻيڪار آهي، ان جي ڪھاڻين جو محور بک، بدحالي، بيروزگاري، فطرت پسندي آهي. سيف جي هن مجموعي ۾ سندس ڪھاڻي “نم جو وڻ” کي عالمي ليول جي ڪھاڻي چيو ويو آهي، سندس هڪ ٻي ڪھاڻيءَ مان هڪ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو: “هو بيڪار نموني انگريزي اسٽائل ۾ اهو الائي جي ڇا جهونگاري رهيو هو، گڏوگڏ ڪنڌ بہ اهڙي نموني ٿي ڏوڏيائين، ڄڻڪ لطف اندوز ٿيندو هجي! اخبار پڙهندي مان ڊسٽرب ٿي رهيو هيس، تنھن ڪري چيو مانس، “پليز يار ماٺ ڪري ويھہ الائي جي ڇا ٿو وينو چئين.”

ويا ڪل نظرون ڪٽي ڏسندي ورايائين.

“تون سمجهي نہ سگھندين”، ٽنگون مٿي ڪري ڪرسيءَ تي اوڪڙو نموني ويھندي، هٿ مھتيندي چيائين،“تون ڇا؟ ڪير بہ سمجهي نہ سگھندو.”

مان ڪيس ڪو جواب ڏيڻ بدران خاموشيءَ سان اخبار پڙهندو رهيس، ٿوري ماٺ کان پوءِ هن پڇو.

“اخبار ۾ ماڻهپي گم ٿيڻ جي خبر آئي آهي!؟”

نوجوان ڪھاڻيڪارن هوش ڀٽي ۽ بيوس محرم مغيري پڻ پنھنجي ادبي پورهيي ذريعي ڪھاڻي کيتر ۾ پنھنجو نالو لکرايو. هوش ڀٽي ننڍڙي عمر کان وٺي ڪھاڻيون، شاعري ۽ ٻاراڻو ادب لکندو پيو اچي، سندس هي ڪتاب “انگن جي راند” ڪھاڻي کيتر ۾ دلچسپ اضافو بڻيو آهي.

سال 2011ع ۾ سترنھن ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ يوسف سنڌيءَ جو “نہ وڃڻ جو پڇتاءُ”، لياقت رضويءَ جو “ٻہ سو ٽيتيھہ”، عباس سارنگ جو “ڪپيل

نڪ“، ذوالفقار ڪانڌڙي جو”بند ٿي ويل دروازو“، رفيق سومري جو”پيار جي هڪ پي صدي“ پرويز جو”ڳوڙهن جا ڪبوتر“ امر جليل جو ”چيني ۽ چرپٽ جون ڪهاڻيون“، اڪبر اديب جو ”متيءَ هاڻا ماڻهو“ ۽ سليم چنا جا ٻه ڪتاب ”آسماني تارو“ ۽ ”شينهن بنا ٻيلو“ سرفهرست آهن. ذوالفقار ڪانڌڙي جي مجموعي ۾ ڪل نو ڪهاڻيون آهن، جن جي عنوانن مان ئي پتو لڳي ٿو ته هن جي اسلوب تي مظهرالاسلام جو اثر آهي. مثال خاطر ڪجهه هتي پيش ڪجن ٿا: ”محبت ڪان وسري ويل شخص، شڪ هن جي دل ۾ رهندو هو، ورهايل محبتن جو نوحو ۽ ليليٰ مونکي توسان پيار آهي“ وغيره شامل آهن، ذوالفقار پنهنجي پاران ۾ پنهنجي اندر جي ڳالهه ”هڪ ڪهاڻيڪار جو قاتل پورٽريٽ“ جي عنوان سان ڪئي آهي. عباس سارنگ جو ڪتاب ”ڪپيل نڪ“ جيترو سائيز ۾ صفحن ۾ ننڍڙو آهي اوترو راين ۾ تاثرات سان ڀريل آهي. 80 صفحن مان ٻه ٻه صفحا خالي ڇڏيل آهن، شايد پورائي لاءِ 22 صفحن تائين رايا ۽ تاثرات ڏنا ويا آهن. سليم چنا جهڙو مولائي ليکڪ اوهان شايد ڏٺو ۽ ٻڌو هجي، هن سال ان جا ٻه ڪتاب شايع ٿيا، هڪڙو ”آسماني تارو“ جو نالي سان، جنهن ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي حوالي سان ڪهاڻيون، شاعري ۽ تاثرات آهن ۽ ٻيو مختصر ڪهاڻين تي مبني آهي، اهو ٻڌي اوهان حيران ٿيندا ته ٻنهي ڪتابن جي ڪابه قيمت ناهي رکي وئي. سليم چنا جي فن جي باري ۾ رفيق سومرو لکي ٿو ته ”سليم چنا، اعليٰ ادب جي منزل واري وات جو پانڌيئڙو آهي ۽ ان قطار ۾ صفا پويان نه پر وچ ۾ آهي ۽ اڳتي وڌي رهيو آهي. وٽس ڪهاڻي هڪ اسٽائيل يا اسلوب جي پابند ناهي، سندس فن متحرڪ آهي.“ امر جليل جي پراڻي مشهور ڪردارن تي لکيل ڪالم ڪهاڻيون پڻ شايع ٿيون.

سال 2012ع ۾ ويهه ڪتاب ڇپيا، جن ۾ امر جليل جا ٻه ڪتاب، ”سنڌو بقا، مان فنا آهيان“ ۽ ”امر جليل جي سنڌو“، منظور ڪوهيار جو مختصر ترين ڪهاڻين (فليش فڪشن) جو مجموعو ”پونئرن جي انتظار ۾“، رسول ميمڻ جو ”سونو ڏند“، امر گوپلاڻيءَ جا ٻه ڪتاب ”آنسو عمر ڀر جا“ ۽ ”گردش“، واسديو موهيءَ جو ”چيڪ بوڪ“، ٻيوس محرم مغيريءَ جو ٻيو ڪتاب ”اوجاڳن جو سوڳ“، جمن احمداڻيءَ جو ”اڪيلو ماڻهو“، اختر حفيظ جو ”برسات ڪان

پوءِ”، فتاح ملڪ جو ”جمنا سان تي ڏينهن“ ۽ يار محمد چانڊيي جو ”جنم جنم الميو“ شامل آهن. امر جليل جي پراڻي لکيل ڪهاڻين توڙي ڪالمن کي ڪاڇو پبليڪيشن جي محمد علي ماجد سهيڙي ڇپائڻ جي سلسلي ۾ تيزي آندي آهي، ان مان ثابت پيو ٿئي تہ جليل جا ڪتاب مارڪيٽ ۾ جلدي وڪرو ٿيو وڃن ۽ پبلشر پڻ ڪمائي رهيو آهي. منظور ڪوهيار سنڌي ڪهاڻي ۾ انفرادي حيثيت رکي ٿو، سندس هي ڪتاب مختصر ترين ڪهاڻين تي مبني آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ جديد ننڍڙي ڪهاڻي تي تفصيلي بحث ٿيل آهي. رسول ميمڻ جو سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ نئون تحفو ”سونو ڏند“ جي صورت ۾ آيو. بيوس محرم مغيريءَ جو ڪتاب اوجاڳن جو سوڳ شايع ٿيو، جنهن جو مهاڳ ناليواري ڪهاڻيڪار صديق منگيي لکيو آهي، محرم جي ڪهاڻي فني لحاظ کان پختگيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي، پر اجا سندس ٻوليءَ ۾ مذڪر ۽ مونث توڙي واحد جمع جون اوڻايون رهجي ويون آهن. بيوس محرم فليش فڪشن تي پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي. اختر حفيظ جي ڪهاڻي ڪتاب ”برسات ڪان پوءِ“ تي نہ ڇپائيءَ جو سال لکيل آهي ۽ نہ ئي ڇپائيندڙ ادارو. انيس انصاري اڪيڊميءَ پاران سندس ڪهاڻين جي هن مجموعي تي ايوارڊ پڻ ڏنو ويو آهي.

سال 2013ع ۾ ويهہ ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ امر جليل جو ”جمود“، رسول ميمڻ جو ”حليمان“، منظور قادر جو ”فيس بوڪ“، حميد سنڌيءَ جو ”ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون“، رحمت الله ماڃوٺي جو”ڪريال گهڙيال“، ممتاز لوهار جو ”اڌپورا وجود“، صديق منگيي جو”متيءَ جو عشق“، محمد انور بلوچ جو ”ڪهاڻيون ئي ڪهاڻيون“، عبدالسلام ٿهيم جو ”اوسيئڙي ۾ جڙيل آس“، اقبال بلوچ جو ”سانول جا سور“ سرفهرست آهن. هن سال سليم چنا جا پنج ڪتاب شايع ٿيا. سال 2005ع وانگي هن سال بہ ڪتابن جي پيهہ لڳل رهي، هن سال گهڻا معياري ڪهاڻي ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيا. امر جليل جو مجموعو ”جمود“ جليل جي پراڻن ڪتابن جون سڪون لاٿيون توڙي جو سڀ ڪهاڻيون پراڻيون لکيل هيون، پر گڏي ڇپايل هيون. ناليواري ڪهاڻيڪار رسول ميمڻ جو نئون ڪتاب ”حليمان“ پڻ ڪهاڻي ڪيتر ۾ هن سال جو بهترين اضافو آهي. منظور قادر جو ڪتاب جڳ مشهور سوشل نيٽ ورڪ فيس بوڪ جي نالي تي رکيو ويو

آهي، ٽائيٽل اسٽوري سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندڙ ناهي، جنهن ۾ ڊيڪاريو ويو آهي تہ هڪ مرد ۽ هڪ عورت جو فيس بوڪ تي رابطو ٿئي ٿو، جتي هو هڪ ٻئي سان ڪوڙن اڪائونٽس وسيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪن ٿا ۽ جڏهن ڀرين ڊيٽ مقرر ڪن ٿا تہ اتي پهچڻ کان پوءِ کين خبر پوي ٿي تہ اهي ٻئي حقيقي زندگيءَ ۾ زال مڙس آهن. رحمت الله ماجوتي سنڌي ادب ۾ مزاح نگاريءَ جي حوالي سان سڃاڻپ رکي ٿو، هن مجموعي ۾ سندس 18 ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ ابت ڏنگٽي، ڪريل گهڙيال، ليڪا ۽ پيون پڙهڻ وٽان آهن. محمد انور بلوچ جي ٻن ڪتابن "سنگسار" ۽ "ڪپيل هٿ" جو گڏيل ڇاپو "ڪهاڻيون ئي ڪهاڻيون" جي نالي سان شايع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سندس چاليهن کان مٿي ڪهاڻيون شامل آهن. نئون اڀري آيل ڪهاڻيڪار عبدالسلام ٿهيم "اوسيئڙي ۾ جڙيل آس" ڪتاب کڻي ڪهاڻي ڪيتر ۾ پنهنجا پير کوڙيا آهن. مهاڳ ۾ ناليواري ڪهاڻيڪار صديق منگيي سندس ڪهاڻي اوندهہ کي نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي "ڇوڏو" جو تسلسل سڏيو آهي ۽ اڳتي وڌاءُ ڪندي سنڌ جي ناليوارن ڪهاڻيڪارن ۽ سندس ڪهاڻين تي ٻين جي اثر جا حوالا ڏنا آهن، پر دراصل ٿهيم جي اها ڪهاڻي بلڪل الڳ ٿيم رکي ٿي، جنهن ۾ هڪ نوجوان جيڪو ڪنهن سماجي تنظيم ۾ ڪم ڪري ٿو اهو پنهنجي گهر ۾ بيٺل وڻ ان ڪري ڪٽڻ نٿو ڏئي جيئن ان وڻ جي ڪري ماحول ۾ تازگي رهي ۽ وڻ سان لاڳاپيل يادن جو تاثر قائم رهي، پر ڪجهہ عرصو نوڪري جي ڪري ٻاهر رهڻ کان پوءِ هو جڏهن واپس اچي ٿو تہ ان وڻ سان سڀ ڌاڳا ٻڌل ڏسي، انڌي عقيدي پرستي بابت معلوم ٿئيس ٿو. ان ۾ عبدالسلام ان جملي جو وڌاءُ ڪيو تہ ڪجهہ ماڻهن ان وڻ جا ڇوڏا پڻ استعمال ڪيا پئي. ڇا جنهن لفظ جو استعمال سنڌي ڪهاڻي ۾ هڪ ڀيرو ٿيو اهو ٻيهر استعمال ڪرڻ نقل ڪرڻ يا اثر قبولڻ جي ڪاتي ۾ رکڻ گهرجي؟

سال 2014ع ۾ سترنهن ڪهاڻي ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ سراج جو ڪليات "درد ڪهاڻيون"، نورالهديٰ شاهہ جو ڪليات "ڪيڏارو"، فاطمہ پربڙيءَ جو "احساس جا رنگ"، رضوان گل جو "سپنن جو انت"، ماڻڪ ڪنگراڻي جو "ستين آسمان جا فرشتا" اختر ملاح جو "نئون جهان جوڙجي"،

عابده گهانگهرو جو "تخليق جو انت" پرويز جو "اڪين ۾ رهجي ويل عڪس" ۽ عباس ڪوريجي جو "پنهنجي ڌرتي" سرفهرست آهن. رضوان گل جي ڪتاب جي باري ۾ محمد سليمان وساڻ لکي ٿو ته "سندس ڪهاڻي بت بڻجي ويل شخص سوشل ميڊيا جي اصلي تصوير پيش ڪري ٿي، جتي ڪو بيوقوف بڻجي ٿو، ڪو احساس تي وار ڪري ٿو ته وري ڪو پاڻ کي مصروف رکڻ لاءِ پئي کي الجهايو ويٺو آهي. سندس ڪهاڻي چولين جو ماتم پڙهندي مونکي اهڙوڪي دؤر جا مطلب پرست انسان ياد اچي ويا جيڪي لالچ جي انڌ ۾ اچي ڪنهن جي به اعتماد کي سولائيءَ سان نيس پهچائي سگهن ٿا. سندس ڪهاڻي سپنن جو انت ڪراچي جي موجوده حالتن جي صحيح عڪاسي ڪري ٿي، جتي روزانو ڪيترن ئي نوجوانن جي سپنن جو انت سندن زندگيءَ جي انت سان گڏ دفن ٿي وڃي ٿو. سندس ڪهاڻي پروفيسر اهڙي مطلب پرست پاءُ جي آهي جيڪو پنهنجي خوشين ۽ مجبورين عيوض رشتن جي تقدس کي به وساري ويهي ٿو. سندس ڪهاڻي منهنجو ارسلان پڙهندي لڳو ته ڄڻ مان ڪجهه وڃائي رهيو آهيان ۽ ڪهاڻي جي ڪردار ۾ گم ٿي ويس."

سنڌي ادب ۾ عجيب ٽرينڊ اچي ويو آهي هر ليکڪ چاهي ٿو ته ان جو نالو شاعرن ۾ به هجي ته ڪهاڻيڪارن ۾ به لکيو وڃي، مضمون نويسن ۾ به شامل هجي ته نقاد به تسليم ڪيو وڃي، محقق هجڻ ته حق آهي پر تاريخ نويس ۽ لغت نويس پڻ ڳڻيو وڃي ۽ ها اهي سڀ لقب عظيم پڻ تصور ڪيا وڃن. اهڙي روش جي ڪري سنڌي ادب ۾ تعداد جو اضافو ضرور ٿيو آهي پر معيار جو نه.

فاطمه پيرڳڙي جي سنڌي اردو ڪهاڻين، ساروڻين ۽ ڪالمن تي مشتمل ڪتاب "احساس جا رنگ" رنگ برنگي آرٽ ڪور سان شايع ٿيو، فاطمه پيرڳڙي عورت ليکڪائن جي سٽ ۾ هڪ خوبصورت اضافو آهي، سندس ڪهاڻين، ڪالمن توڙي ساروڻين کي ايڊٽ ٿيڻ يا ڪرڻ جي گهرج هئي، ڪتاب اندر پروف جون بيشمار غلطيون رهجي ويون آهن، فاطمه جي ٻولي توڙي گرامر تي اردوءَ جو اثر آهي، جيڪو واحد جمع ڪرڻ وقت ظاهر ٿئي ٿو. هن جي اسلوب جي خاص سچاڻپ سادو مثبت اندازِ بيان آهي، جنهن ۾ اڪثر جڳهين تي مزاح کي ڪتب آڻيندي پلاٽ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي. عباس ڪوريجي جو پيو

ڪهاڻي ڪتاب "پنهنجي ڌرتي" شايع ٿيو، جنهن ۾ روايتي مختصر ڪهاڻي سان گڏ، فليش فڪشن استوري جا ڪجهه فارميٽ ڏنا ويا آهن، هن مجموعي ۾ پهريون ڀيرو موضوعاتي لحاظ کان الڳ ڪري تعليمي ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن. هن ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر فگار هڪڙي لکيو آهي. ماڻڪ ڪنگراڻيءَ جو ٻيو ڪهاڻي ڪتاب "ستين آسمان جا فرشتا " ڇپيو. هن سال انڊيا اندر گوپ گولاڻيءَ جو " آشيرواد"، لڪشمڻ ديو ٻجلاڻيءَ جو "ڪال گرل" ۽ "لڪمي ڪلاڻيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون" ڪتاب شايع ٿيا.

مجموعي طور سنڌي ڪهاڻيءَ جا مٿي ذڪر ڪيل پندرنهن سال جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو اثاثو آهن، جتي سنڌي ڪهاڻيءَ جي تسلسل کي برقرار رکندي ڪهاڻيءَ جي فني توڙي هيئتي انداز ۾ نوان تجربا ڪيا ويا آهن، سنڌي ڪهاڻي پنهنجي ڀرپور جوڀن سان لکي، پڙهي ۽ ڇپي وجي ٿي، اڄ ٻي جيڪڏهن ڪو سنڌي ڪهاڻي مري چڪي آهي وارو رينگٽ چوري تہ ان کي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي ان عرصي جي تاريخ جو مطالعو ضرور ڪرڻ گهرجي. سنڌي ڪهاڻي جي مستقبل بابت امر جليل لکي ٿو تہ:

> "ڪهاڻي ان ڏينهن پيدا ٿي، جنهن ڏينهن انسان پيدا ٿيو هو. ڪهاڻي ان ڏينهن پنهنجو پاڻ مري ويندي، جنهن ڏينهن دنيا جو آخري ماڻهو مري ويندو......جيستائين هڪ بہ سنڌي جيئرو آهي پوءِ ڀلي ڪٽي هو اصلوڪو سنڌي هجي يا نووارد سنڌي هجي، سنڌي ڪهاڻي جيئري رهندي. ڇو جو ڪهاڻي ڪميونيڪيشن آهي ۽ ڪميونيڪيشن هر انسان جي ضرورت آهي، ڪهاڻي هنر آهي ۽ هنر ڪنهن بہ صورت ۾ جاري رهندو آهي.....اسين مري ويندا سين، سنڌي ڪهاڻي نہ مرندي!"

بينجيمن فرينڪلن چيو هو: " توهان جيڪڏهن هميشہ امر رهڻ گهرو ٿا تہ ڪجهہ اهڙو ڪريو جو دنيا توهان تي لکي يا اهڙو ڪجهہ لکو جو دنيا توهان کي پڙهي."

## نتيجا:

- جديد ڪهاڻي ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ يورپ ۾ آيل صنعتي انقلاب کان پوءِ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي واري اصول تحت ناول مان ڦٽي نڪتي، جنهن کان پوءِ اها دنيا جي مڙني ٻولين ۾ لکجڻ لڳي. ان جي اختصار ۽ ٻين فني خوبين جي ڪري اها تيزيءَ سان مقبول ٿيڻ لڳي، ناول جيان ان جا فني پاسا پڻ ساڳيا آهن پر فقط تاثر جي وحدت ۽ اختصار ان جون انفرادي فني خوبيون آهن.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻي باقاعدي 1914ع کان لکجڻ شروع ٿي، پهرين جديد سنڌي ڪهاڻي لالچند امرڏني مل جي ڪهاڻي "حُرَ مُکيءَ جا" کي تسليم ڪيو وڃي ٿو.
- ورهاڱي کان اڳ وارو دؤر 1940ع تائين سنڌي ڪهاڻيءَ جو ابتدائي دؤر آهي، 1940ع کان 1947ع تائين جي ڪهاڻيءَ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ ۽ انگريز گورن خلاف بغاوت ۽ نعريبازي واري ڪهاڻي ملي ٿي.
- 1955ع کان 1975ع کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو سونهري دؤر چئي سگهجي ٿو، هن دؤر جي ڪهاڻي اڄ ٻي مقبول آهي ۽ شوق سان پڙهي وڃي ٿي، هن دؤر جا ڪهاڻيڪار اڄ ٻي سنڌي ڪهاڻي جا معتبر نالا آهن.
- سنڌي ڪهاڻي هر دؤر ۾ سنڌ جي زرعي سماج اندر زميندار يا وڏيري جي ظلمن کي نروار ڪندي نديو آهي. اها سنڌي ڪهاڻي ئي آهي، جنهن زميندارن جي نجي جيلن، هارين سان غير انساني سلوڪ، ڳوٺن جي پوئتي ڌڪيل معاشري، ۽ مانيءَ يا اجهي لاءِ پريشان ويچاري هاريءَ جو ننگ به سلامت نه رهڻ جهڙن موضوعن کي پنهنجي اندر ۾ جاءِ ڏئي، انهن جي حل لاءِ ڪوشش ورتي. اها سنڌي ڪهاڻي ئي آهي، جنهن سنڌي سماج ۾ زوري پيوند ڪيل ڪارو ڪاري رسم، ڪجهه گهراڻن ۾ ٿيندڙ ملڪيت قبائڻ جي چڪرن ۾ نياڻين جون قرآن سان شاديون، حويلين ۾ قيد سيد زادين، ۽ ننڍي عمر جي

شادين سميت ڪيترن ئي ٻين سماجي مسئلن تي آواز اٿاريو. اها سنڌي ڪهاڻي ئي آهي، جنهن پير پرستيءَ، مُلن ۽ پوپن جي تعويذ سڳن، انڌن عقيدن جي تقليد، ۽ ٻين اهڙن ڪيترين ئي جهالت وارين رسمن خلاف پنهنجو پيغام پيش ڪيو. اها سنڌي ڪهاڻي ئي آهي، جنهن عالمي طور اپريل سيني مثبت فڪري لاڙن کي سنڌي سماج اندر پيوند ڪيو، ترقي پسند سوچ پيدا ڪئي، مزاحمت جو جذبو اڀاريو ۽ سنڌي سماج اندر نئين جوڙجڪ جو بنياد پڻ وڌو.

- سال 2000ع کان 2014ع تائين 219 کان مٿي ڪهاڻي ڪتاب پهريون دفعو ڇپيا. جيڪو هڪ واضح اشارو آهي تہ سنڌي ڪهاڻي پنهنجو سفر تيزيءَ سان جاري رکيون پئي اچي.
- نسيم کرل، سراج الحق ميمڻ، رسول بخش پليجي، مدد علي سنڌي، نورالهديٰ شاهہ، ماڻڪ، غلام رباني آگري ۽ قمر شهباز جا ڪليات ڇپيا.
- امر جليل ۽ سليم چنا جا نوَ نوَ ڪهاڻي ڪتاب ان عرصي ۾ ڇپيا.
- سال 2005ع ۾ 26 ڪهاڻي ڪتاب ڇپيا. جيڪو ان عرصي جو وڌ کان وڌ ڪهاڻي ڪتاب ڏيندڙ سال آهي.
- ڪنول پبليڪيشن ويهن تائين ڪهاڻي ڪتاب ڏئي، وڌ کان وڌ ڪهاڻي ڪتاب ڇپائيندڙ اداري جو اعزاز حاصل ڪيو آهي.
- مجموعي طور هر مهيني هڪ ڪهاڻي ڪتاب مارڪيٽ ۾ ڇپجي آيو ۽ هر سال 14 ڪتاب شايع ٿيا.
- ڇپيل مجموعن ۾ 85 سيڪڙو نوان ڪهاڻيڪار آهن.
- پراڻن ڪهاڻيڪارن جي نين ڪهاڻين جو ڪوبہ مجموعو پڌرو نہ ٿيو، سندن پراڻيون ڪهاڻيون سهيڙي ڇپرايون ويون آهن.
- ڪاوش گروپ پاران ڪهاڻي تي 3 ڪتاب ڏنا ويا. جيڪي سيد زوار نقوي مرتب ڪيا. جنهن ۾ سينيئر ڪهاڻيڪارن کان نيون ڪهاڻيون لکرايون ويون.

- امر جليل جي ڪالمن، ڪالم ڪهاڻين، مختصر ڪهاڻين جي ڪتابن کي ڀرپور موٽ ملي، ڪجهه ڪتابن جا ٽي ٽي ايڊيشن پڻ آيا.
- ڪهاڻي جي فارميٽ ۾ ننڍڙي ڪهاڻي (فليش فڪشن) لکي وئي، جنهن جا الڳ مجموعا ڇپرايا ويا، تن ۾ منظور ڪوهيار، سليم چنا، عباس سارنگ ۽ عزيز قاسماڻيءَ جا مجموعا شامل آهن.
- سينيئر ليکڪن مان امر جليل، رسول ميمڻ، حميد سنڌي، شوڪت حسين شورو، پير عبيد راشدي ۽ منظور ڪوهيار جا ڪهاڻي ڪتاب ڇپجندا رهيا.
- هن عرصي ۾ جن عورت ڪهاڻيڪارائن جا مجموعا ڇپيا تن جو تعداد پندرنهن کان ٻي مٿي آهي، جيڪو مجموعي تعداد جو ست سيڪڙو آهي. انهن عورت ڪهاڻيڪارائن ۾ شبانه سنڌي، نسرين سيد، صنوبر سيد، ساجده جبين، فهميده حسين، ڪويتا انيل سڪيجا، ريتا شاهاڻي، ثريه سرهاڻ سومرو، اندرا پوناوالا شبنم، تهمينه مفتي، شگفته جبين، نسيم ٿيبو، ناياب ڪوڪر، نورالهديٰ شاهه، فاطمه ٻرڳڙي، عابده گهانگهرو ۽ ٻيون شامل آهن.
- ان عرصي ۾ مختلف رسالن ڪهاڻي نمبر پڻ ڪڍيا ۽ ڪهاڻي ڪانفرنسون پڻ ڪوٺايون ويون.
- سنڌي ڪهاڻي تعداد جي لحاظ کان تمام گهڻي ڇپي آهي، پر معيار جي ڪوٽ نظر اچي ٿي.
- هن عرصي  دؤران جديد سنڌي ڪهاڻيءَ بابت انگ اکر ڪنهن به ادبي تاريخ ۾ شامل ناهن، ان لاءِ پڻ ڪوشش ڪئي وڃي.
- جديد سنڌي ڪهاڻي، هن عرصي ۾ ڪيترائي نوان فني توڙي موضوعاتي تجربا ڪيا آهن، انهن تي تحقيق ۽ تنقيد جي اشد ضرورت آهي.
- ڪهاڻيءَ کي جيترو سهل سمجهي پيش ڪيو وڃي ٿو، اوترو بلڪل ناهي، لکندڙ جي ذهن ۾ ڪهاڻيءَ سان لاڳاپيل صنفن جي فرق جي

معلومات لازمي هجڻ گهرجي. ڇو ته ڪيترن ئي صاحبِ ڪتاب لکيڪن کي خبر ئي ناهي ته هو ڇا لکي رهيا آهن.

- سنڌي ڪهاڻي نه مئي آهي ۽ نه ئي ڪوما ۾ آهي، سنڌي ڪهاڻيءَ آزاد فضا ۾ ساهه کڻڻ ڇڏي ڏنو هو، جيڪو هاڻي بحال ٿي رهيو آهي.
- ڪهاڻيءَ کي وڏيڪ نکارڻ جي ضرورت آهي، ان لاءِ ادبي ادارن کي ڪم جي ضرورت آهي.
- پراميد آهيان ته انهن ڪجهه تجزين ۽ راين کي نظر ۾ رکي جيڪڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ جي سڌاري لاءِ ڪوششون ورتيون ويون ته سنڌي ڪهاڻي عالمي مقابلي لاءِ اٿي کڙي ٿيندي.

## ببليوگرافي


1. الانا غلام علي ڊاڪٽر، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر، 1999ع
2. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، سنڌي لئينگئيج اٿارٽيءَ جي ويب سائيٽ
3. انصاري اسحاق، سنڌي ڪهاڻي، ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ، 2012ع
4. انصاري اشتياق، انيس انصاري: فن ۽ شخصيت، انيس انصاري اڪيڊمي، 2008ع
5. انور جمال پروفيسر، ادبي اصطلاحات، نيشنل بوڪ فائونڊيشن، 2014ع
6. بلوچ تاج، جديد ادب جو تجزيو، سوجهرو پبليڪيشن، 2014ع
7. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، 2014ع
8. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، هڪ جلدي سنڌي لغت، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2006ع
9. جتوئي ادريس، جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي، ڪويتا پبليڪيشن، 2005ع
10. جليل امر، لهندڙ سج جي لام، ڪاڇو پبليڪيشن، 2010ع
11. جوڻيجو تنوير، عيبن هاڻي، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، 1982ع
12. جوڻيجو فيض، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول، 1995ع
13. جوڻيجوعبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ ڀاڱو ٽيون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
14. چانڊيو جامي، افسانوي ۽ فڪري ادب، سنڌيڪا اڪيڊمي 2007ع
15. چانڊيوامير علي، ڪهاڻي ۽ ان جا ترڪيبي جزا، سنگت ڪهاڻي نمبر
16. ڇهه ماهي سنڌي ادب، جلد 9، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1985ع
17. سال 2000ع کان 2014ع تائين جائزي هيٺ آيل اڪثر ڪتاب
18. سليم چنا، روشني، سليم چنا اشاعت گهر، 1997ع
19. سهتو، عبدالوهاب، انجنيئر، موزون آڪاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون، سنڌي ساهت گهر، 2004ع
20. عباسي نجم، ڪهاڻيءَ جو قافلو، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1986ع
21. عرساڻي شمس الدين، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1985ع
22. عرساڻي، محمد اسماعيل، چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع
23. فگار هڪڙو انور ڊاڪٽر، شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي جام شورو، 2009ع
24. فهميده حسين ڊاڪٽر، مضمون: سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ، ڪلاچي ريسرچ جرنل، مئي 2007ع
25. ڪوهيار منظور، پوئرن جي انتظار ۾، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2007ع
26. گوگل سرچ انجڻ ذريعي مليل ويب سائيٽس
27. لڇاڻي جڳديش، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر، سنڌي ساهت گهر، 1985ع
28. لغاري اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، روشني پبليڪيشن، 2008ع
29. مظهرالاسلام، گهوڙون ڪي شهر ۾ اڪيلا آدمي، سنگ ميل پبليڪيشن، 2006ع
30. ملڪاڻي منگهارام، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر، 2007ع
31. نظاماڻي رئوف، جديد سنڌي ڪهاڻي، انڊس پبلشرس، 2003ع


*****پورو ٿيو*****

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book